عيسيٰ عليہ السلام جي صحبت ۾ رهيا هئا. هميشہ زنده رهڻ جو کين اختيار هو. پيغمبر آخرالزمان عليہ السلام جن جي خدمت جو کين شرف حاصل هو. ۽ مسيحات عـ جا سلام حضور نبويءَ ۾ پهچايا هئن. سندن خلافت جو سلسلو (1) شيخ طيفور شامي (2) شيخ يمين الدين شامي (3) امام عبدالله علم دار (4) ۽ حضرت صديق اڪبر رضي الله عنهم. هنن چئن واسطن سان آنحضرت عليہ الصلواة والسلام تائين پهچي ٿو. پهرين ٽن صاحبن جي عمر ۾ سؤ سالن کان وڌيڪ بيان ڪئي ٿي وڃي. چون ٿا تہ ڪشف اسرار- دلين جي حالتن کان واقفيت ۽ معنيٰ جي ادراڪ ۾ کين مرتبو عالي حاصل هو. ۽ سندن جمال ۾ نور الاهيءَ جي جهلڪ نظر ايندي هئي جنهن جي ڪري ڏسڻ وارو بغير ارادي جي جهڪي پوندو هو انهيءَ ڪري پاڻ هميشہ منهن کي ڏکي رکندا هئا. مگر عام دربار واري ڏينهن مخلوق جي فائدي پهچائڻ جي غرض سان منهن تان پردو هٽائي ڇڏيندا هئا ۽ زماني وارن مان جنهن کي بہ ڪنهن علم ۾ دشواري يا اُلجهن پيش ايندي هئي. اُهو انهيءَ عام دربار واري ڏينهن خدمت ۾ حاضر ٿيندو هو. اُن وقت پاڻ بغير پڇڻ جي هر قسم جون ڳالهيون ٻڌائيندا هئا. ان وقت حاضرين دربار پنهنجي مطلب جي موافق جواب حاصل ڪري ۽ پنهنجو مشڪل حل ڪري واپس هليا ويندا هئا. هي ڪي سندن ڪرامتن مان آهن.

(1) مُئل کي زنده ڪيائون (2) مدتن تائين ورهن جا ورهہ ڪجهہ نہ ڪاڌائون (3) سندن ڪپڑا بغير ڏئڻ جي سفيد رهندا هئا دير سان بدلائڻ ڪري ميرا نہ ٿيندا هئا (4) هڪ ڏينهن حضرت خضر عليہ السلام کين چيو تہ مون ٻڌو آهي تہ توهان کي حاڪم حي و محييءَ مختار ڪري ڇڏيو آهي تہ جيسين توهان پاڻ نہ چاهيو موت جو حڪم اوهان تي نہ هلندو ۽ هيءَ خلعت خاص منهنجي آهي، بهتر آهي تہ ان کي توهان عام نہ ڪيو ۽ پاڻ کي مون سان شريڪ نہ بنايو. جيئن تہ سندن طبيعت خواهش پذير واقع ٿي هئي. لهـذا هن عرض کي قبول ڪيائون ۽ انهيءَ ئي سال ظاهري عالم مان سفر ڪري ويا هجري سن اٺ سؤ هو.

مصرع: ظاهرش پاڪ بود و باطن صاف.

www.maktabah.org

انجمن

هيءَ انجمن انهن پاڪ دوستن جي باري ۾ آهي جيڪي سلسلي مداريہ طيفوريہ جي رستي تي گامزن آهن ۽ هن انجمن ۾ انهيءَ جماعت جي حالات جي بہ تحقيق آهي جيڪا مداريہ مشرب جا تقليد ڪندڙ احتياج ۽ انتظار آمرزش رکي ٿي. چون ٿا تہ هن سلسلہ جي حلقي جو وڏو امام عبدالله علم دار آهي ۽ ڪن دوستن جي روايت سان سندن سلسلو حضرت خاتم النبوة عليہ السلام تائين حضرت صديق اڪبر رضي الله عنہ جي واسطي سان ۽ ڪن جي روايت سان شاه مردان شير يزدان حضرت علي ڪرم الله وجهہ جي توسط سان پهچي ٿو. ليڪن بنهين روايتن ۾ زياده صحيح پهرين روايت آهي. شيخ بديع الدين مدار- شيخ محمد طيفور شاميءَ جا مريد ۽ شيخ محمد طيفور شيخ يمين الدين شاميءَ جا مريد آهن جيڪو امام علم دار جو خاص خليفو هو. هن سلسلي ۾ وسيلا ٿورا آهن لهذا هي سلسلو سيني سلسلن ۾ قريب آهي ۽ هن خاندان وارن جا ماڻهو ڪشفي توحيد جي بيان ۾ غلو (حد ڪان وڌيڪ مبالغو) رکن ٿا ۽ وحدت الوجود جو اعتقاد بلند آواز سان بيان ٿا ڪن. ۽ ظاهر شريعت جي امتناعي حڪم ڪان انهن کي خوف ناهي. مطلب تہ بلڪل اڳهاڙپ ۽ بي حجابي هن گروه جي مشرب ۾ ڏهين صديءَ جي آخري اڌ حصي کان جوش سان پيدا ٿي وئي. حالانڪ بديع الدين شاهہ مراد جي پُر معرفت زماني ۾ وحدت جو راز ظاهر ڪرڻ کان نهايت روڪ ٽوڪ هئي. ۽ ظاهر شريعت جي مخالفت کان حد کان وڌيڪ خوف دلين ۾ سمايل هو ۽ طريقت ۾ اڳين با ادب سالڪن سان موافقت رکندا هئا.

هاڻي ابتدا هن تازي بدعت جي ٻڌو. هن سلسلہ ۾ ظاهر ڇڏهو رهڻ (تجريد) مقبوليت جو شرط ۽ اجازت جو جز قرار ڏني وئي هئي. هن خاندان جا گهٽا خلافت حاصل ڪيل بزرگ پنهنجي لاءِ اوگهڙ ڊڪڻ ۽ صرف ايترو ڪاڏو جيڪو انهيءَ ئي ڏينهن کائي ڇڏجي. باقي سڀ پوشاڪ جا نمونا ۽ سڀ قسم جي خوراڪ کان پري رهندا هئا. زندگي کي رازق جي ياد ۾ بسر ڪندا هئا توڪل جو ڪلمون. **يوم جديد ورزق جديد** (نئون ڏينهن نئون رزق) ۽

www.maktabah.org

ترڪ جو ڪلمو. اَلدُّنيَا يَومٌ وَّلَنَا فِيهِمَا صَومٌ (دنيا ڇڻ هڪ ڏينهن آهي ۽ ان ۾ اسان جو روزو آهي) ڪي پنهنجي ڪمن تي لڪي ڇڏيائون. ۽ متئين معاملي کان سواءِ جيڪڏهن ڪجهه هٿ اچي ويندو هئن تہ انوقت ئي پنهنجي دل ۽ هٿ مان ڪڍي ڇڏيندا هئا. سواءِ انهيءَ مقدار جي جيڪو درويش جي ضرورت پوري ڪرڻ جي لاءِ ڪافي هجي. جڏهن اڪيلائي (تجريد) جي حالت انهيءَ حد تائين وڌيل هئي تہ هتان ڪجهه ارادتمند مقلدن ظاهري تجريد ڪي ۽ پنهنجي پيشوائن جي اصل طريقت ۽ پسند سمجهي انهيءَ شيوي ۾ لڳاءُ ۽ استغراق ڪي بي حد پسند ڪيو ۽ جيڪا تجريد صوفين جي مختار آهي ان جي حدن کان ٻاهر ٽي قدم اڳتي وڌي ڇڻن هٽن جي لنگوٽيءَ ۾ بدلائي ڇڏيو جنهن سان مشڪل سان صرف اوگهڙ ڍڪجي سگهي. ۽ رات جي وقت جبل وانگر باهه ٻاري، جنهن مان سردي جي لحاف جو ڪم ورتو. ۽ صبح جو لباس جي جاءِ تي بدن تي خاڪ مَلي. هي طريقو اختيار ڪري ادب جي دائري کان وَمَنْ يَتَعَدَّ حُدُوْدَ اللّٰهِ فَقَدْ ظَلَمَ نَفْسَهٗ (۽ جيڪو شخص الله تعاليٰ جي مقرر ڪيل حدن کان اڳتي وڌي انهيءَ پنهنجي نفس تي ظلم ڪيو). وانگر ٻاهر نڪري ويا.

خداوند تعاليٰ جيڪو بخشائش جو مالڪ آهي. مغفرت ڪري ۽ حضرت شاهه مراد جي نامدار خليفن ۽ سلسلي وارن کي جيڪي مشهور آهن ۽ جن جا حالات هيٺ ڏجن ٿا. الله تعاليٰ جي خوشنودي نصيب ٿئي.

پهريون ۽ خلافت جي مسند نشين ۾ اڪمل سيد جمن بهاري رحمة الله عليه آهن جيڪي تجريد- تفريد ۽ توحيد جا معلم هئا. سواءِ هڪ چادر جي جيڪا اوگهڙ ڍڪڻ جو ڪم ڏيندي هئي. ٻيو ڪنهن به قسم جو ڪپڙو اختيار نہ ڪيائون. سندن بابرڪت ذات کان اڪثر مڪاشفات ۽ ڪرامتون ظاهر ٿيون آهن. وند بهار جي علاقي ۾ هڪ ٻُوٽ ۾ سندن قبر آهي

ٻيو قاضي محمود رحمة الله عليه - پاڻ پنهنجي زماني جا سيني عالمن کان زياده فاضل- ڪامل- عالم ۽ عارف هئا. سندن قبر ڪنتور ۾ جيڪا لکنو جي علاقي ۾ آهي. اهل زمانہ جي زيارت گاه آهي.

ٽيون قاضي شهاب الدين رحمة الله عليه- پاڻ پرڪاله آتش جي نالي سان سڏبا هئا. جذب ايترو تہ قوي هو جو عقل جا پر سڙندا هئا ۽ وڏا جلال جا صاحب هئا.

www.maktabah.org

سندن قبر هڪ ڳوٺ جي اندر سرڪار لکنو ۾ آهي.

چوٽون قاضي مطهر رحـ- کين ولايت جي بيابان ۾ ببر شينهن ۽ توحيد جي شڪار گاه ۾ مفتوح العين بَازُ چوڻ زيبا آهي. هڪ جاءِ ماذر ڪالپيءَ جي پسگردائيءَ ۾ آهي. اُتي سندن قبر آهي.

پنجون قاضي عبدالملڪ رحـ بڙائچي- سندن زماني جا سڀ دولتمند بادشاه کان وڌي سپاهيءَ تائين دولت جي دوام ۽ سلطنت جي قيام جي باري ۾ سندن مراد بخشيندڙ دعا جا نياز مند هئا. ۽ سندن فاتحه کي خاتمه بخير سان بلڪل گڏ لهندا هئا. سندن تربت بڙائچ ۾ آهي.

ڇهون سيد خاصه رحـ- حضرت شاه مدار هميشه کين چوندا هئا "دردن خاصه بردن خاصه" چون تا ته کين شاهه صاحب جي خدمت ۾ گهٽي خصوصيت هئي جاءِ راقم کي معلوم نه ٿي.

ستون سيد راجي دهلوي رحـ - پاڻ درويش جي عمده وصفن ۽ صوفين جي سنجيده اخلاقن سان موصوف هئا جنهن ڪري وڏا درجا حاصل ڪيا هئائون. زماني جي بزرگن جي رجوعات سندن طرف گهٽي هئي. سندن بافيض قبر دهليءَ ۾ آهي.

اٺون شيخ پيڪا مجذوب رحـ ۽ نائون شيخ بهيڪا ثاني رحـ- هي ٻئي شخص- نالي مقصد- جذبي ۽ عشق ۾ هڪ مثل بلڪ باهر عين هئا. هميشه بي هوشيءَ جي حالت ۾ رهندا هئا. هنن ٻنهين صاحبن جون ڪرامتون ۽ انهن جا داستان ماڻهن جي زبانن تي گهٽا آهن. پهرئين شيخ جي قبر قنوج جي قلعي ۾ آهي.

ڏهون شيخ الا رحـ- هن سلسلي جا ڪي فصيح اللسان ماڻهو کين شيخ اعليٰ به چوندا آهن. ليڪن عوام جي نزديڪ پاڻ شيخ الا جي نالي سان ئي سڏبا آهن. پاڻ به انهن ئي مجذوبن مان هئا جيڪي زماني ۾ مشهور آهن. کين الاهي جذبي ۽ حقيقي جنون جي لهرن تي لهرون ايندیون هيون. سندن قبر گور ۾ آهي.

يارهون شيخ محمد جهنده رحـ - سندن پيدائش بدايون جي آهي. عجيب و غريب اسرار الاهي ۽ غيبي امور کانئن ظاهر ٿيندا هئا. سندن قبر زاد بوم ۾ ئي آهي.

ٻارهون شيخ محمد بائين پانو رحـ- هن خطاب جو سبب ماڻهو اهو ٿا بيان

www.maktabah.org

ڪن ته پاڻ ڏينهن رات برابر ڪپي پير تي بيهي بارهن سال گذاري ڇڏيائون ۽ انهيءَ عرصي ۾ ساڃو پير قطعي زمين تي نه رکيائون. هن قسم جي رياضت ۾ پاڻ عجيب و غريب ڳالهه پيدا ڪئي هئائون. سندن پُر انوار مزار ڪهريسه جي حدن ۾ آهي.

متي ذڪر ڪيل بزرگن کان سواءِ هنن مان هر هڪ جا جانشين به هر هڪ عهد ۾ ٿيا آهن. جيڪي هميشه پنهنجي پيشوائن جي افعال ۽ احوال سان متصف هئا. ۽ ڪارگذاري ۽ رسم سلسلہ داري ادا ڪندا هئا. اميد آهي ته ڪو ٻيو شوقين مزاج صاحب انهن دوستن جو ذڪر (جن جي حالات کان راقم کي علم حاصل ناهي) لکي پنهنجي اخروي زندگيءَ جي نجات واسطي سعادت نامہ مزين به مهر ڪندا.

شيخ يحيٰ ابن شيخ اسرائيل منيري رحمۃ اللہ علیہ جي ياد ۾

خدائي معرفت ۾ سندن مرتبو نهايت بلندو هو. پاڻ چشتي سلسلي جي سرڪرده ۽ فردوسي خانواده جا سر دفتر هئا، حضرت فريد الدين گنجشڪر رحمۃ اللہ علیہ جي خدمت ۾ به کين هڪ حق حاصل هو. مير سيد علي همداني رحہ جڏهن سياحت ڪندي هندستان مان گذريا ته هڪ ٻئي جو ديدار ڪري باهر فيض شناسيءَ سان ڪامياب ٿيا هئا. سندن خط جن کي اهل طريقت ۽ اهل سلوڪ جو دستور العمل چئي تو سگهجي. اڪثر قاضي شمس الدين سونتپتيءَ رحہ جي نالي آهن جيڪي زماني جي اڪابرن مان هئا. هي بزرگ پرهيزگار ۽ سندن معتقد هئا. انين صديءَ جي آغاز ۾ دنيا کان ڪوچ فرمائي بمقام منير پنهنجي والد بزرگوار جي مقبري ۾ خوابگاه قبول ڪيائون.

سيد محمد ڪرماني رحمۃ اللہ علیہ جي ياد ۾

پاڻ هڪ وڏي عرصي تائين حضرت گنجشڪر رحہ جن جي خدمت ۾ رهيا. انهيءَ دوران شيخ نظام الدين اولياءَ جي به فرمانبرداري ڪندا هئا. ۽ انهيءَ ذريعي سان دل ۾ دوستي ۽ برادريءَ جو ربط وڌندو رهندو هو. اتفاقاً

www.maktabah.org

زماني جي ڪج رفتاريءَ سبب هنن ٻنهين بزرگن جي دلين ۾ هڪ ٻئي جي طرف غبار پيدا ٿيو ۽ هڪ عرصو انهيءَ ئي حالت ۾ گذري ويو. هڪ ڏينهن رات جي وقت خواب ۾ حضرت خاتم الانبيا عليہ السلام جن شيخ نظام کي فرمايو تہ سيد محمد اسان جو خاص فرزند آهي. ان جي دوستيءَ کي ناخوشيءَ سان بدلڻ نہ گهرجي. صبح سان ئي شيخ - سيد ڏي ويو ۽ عذر معذرت ڪري صلح ڪرڻ گهريائين. سيد مسڪرايو ۽ چيو تہ چو جيستائين موڪليو نہ وئين. نہ آئين. هي ڇئي ڪمال خوشي ۽ صفائيءَ جو اظهار ڪيائون ۽ وري دوستي زندگي ۾ قائم رهي. هجري سن ست سؤ هڪ ۾ عالم ملڪوت ڏي رخصت ٿيا.

مولانا سراج منهاج رحمۃ اللہ جي ياد ۾

هجري سن ڇهہ سؤ هڪ کان ونڊي ڇهہ سؤ پنجاسيءَ تائين يعني سلطان شمس الدين التمش جي زماني کان سلطان ناصرالدين محمود جي زماني تائين وعظ- صدر- قاضي ۽ محتسب جي عهدن تي پاڻ معمور رهيا. ان کان پوءِ سلطان غياث الدين بلبلن جي عهد ۾ صدر جهان جو لقب ملين. طبقات ناصري سندن ئي تصنيف آهي. شمسيہ نسل کان ونڊي ناصريہ نسل تائين سيني فرمان روائن جي تعريف- ظاهري ۽ باطني ڪمالات سان پاڻ لکي اٿن. هيءَ زياده تعجب جي ڳالهہ آهي تہ زماني جي مشائخ کي ياد نہ ڪيائون. لهذا هيءَ ڳالهہ مشائخ جي گروه جي نزديک ڪنڪي تہ هيءَ صورت عدم محبت جي ڪري پيدا ٿي آهي. خدا دشمنيءَ کان محفوظ رکي.

خدا شناسن ۽ هن جي ماجرا ڇاڻڻ وارن کي راقم جو عرض آهي تہ دعا سان امداد ڪري سندن مغفرت گهرن ۽ قيامت جي ڏينهن بہ اهائي درخواست ڪن. اگرچہ هي خيال ٿي ٿو سگهي تہ درويش جا حالات معرفت نہ لکڻ جو ڪو ٻيو ئي سبب هوندو. جيئن تہ هن ڪتاب ۾ بادشاهہ جي حالات جو بيان هو. درويش جي حالات کي هيڻان لکڻ تہ مناسب معلوم نہ ٿيو. ۽ صدر ۾ انهن دوستن جي ملاحضي اجازت نہ ڏني. جن جا حالات ذڪر ڪيل ڪتاب ۾ لکيا ويا آهن. ٻيو اهو تہ سندن ڪتاب تاريخ جي وضع تي بہ نہ آهي جنهن ڪري پهرين دل خراش گمان جي خلش پيدا ٿي.

www.maktabah.org

شيخ صدرالدين عارف رحمة الله عليه ابن شيخ بهاءُالدين زڪريا قدس سرهُ

سندن پيدائش جي جاءِ ملتان آهي. ڪتابي ۽ ڪشفي ٻنهين قسمن جي علمن ڪي ڄاڻندا هئا. سڀيون سڀيون ڪرامتون جيڪي عادت جي خلاف آهن. ڪائنس اڪثر ظاهر ٿيندڙ هيون. هڪ ڏينهن نندپڻ ۾ سندن فرزند ارجمند شيخ رڪن الدين ابوالفتح جي دل ريگستاني هڙڻ جي ٻڌي مائل ٿي. ٻارن وانگر رئڻ لڳا. صدر الاولياءَ گريبان جي طرف سر جهڪايو ۽ مراقبي ۾ مستغرق ٿيا. سندن قوت ڪشش سان هڪ هرڻي پنهنجي ٻچي سميت خانقاه ۾ ڇڪجي آئي. آخرڪار اُهو هرڻيءَ جو ٻچو رڪن الاولياءسان ايترو ته مانوس ٿيو جو گڏ گڏ گهمندو رهندو هو. چون ٿا ته عجب آزاد دليءَ سان زندگي بسر ڪندا هئا. ڪنهن به شيءِ سان دلبستگي نه هئن. والد بزرگوار جي ملڪيت مان ستر لک جي مالڪيت ملي هئن. انهيءَ ئي ڏينهن درويشن ۽ محتاجن ڪي اذن عام ڏنائون. ۽ فرمايائون ته غالب حريف اها قوت رڪي ٿو ته پنهنجي دشمن ڪي بغير طوق ۽ زنجير جي حراست ۾ رکي. ليڪن جيڪو مغلوب هوندو آهي. ان ڪي اهوئي بهتر آهي ته دشمن قيد خاني ۾ رهي. سندن فرزند شيخ بدرالدين- مولانا جمال الدين احمد اندجانيءَ جي نياڻيءَ مان آهن ۽ شيخ عماد الدين اسماعيل ترڪي ڪنيز مان آهن. نندپڻ ۾ شيخ اسماعيل جي سفارش پاڻ رڪن الاولياءڪي ڪري فرمايو هو ته نندو پاءُ وڏي پٽ ڪان وڏيڪ ٿيندو آهي ۽ اهو به فرمايائون ته تنهنجي خاندان جو چراغ انهيءَ سان ئي روشن رهندو. آخرڪار جيئن ته رڪن الاولياءڪي ڪو پٽ ڪونه هو ان ڪري جاءِ نشينيءَ جي نوبت شيخ عماد الدين اسماعيل کي پهتي. هجري سنه ست سؤ سندن رحلت جو سال آهي ۽ حيثيت ۾ صدر دين عارف ان جي برابر آهن.

شيخ نور الدين ملڪ يار پران رحمة الله عليه جي ياد ۾

سندن پيدائش لار ۾ ٿي ۽ پاڻ مريد آهن شيخ دانيال جنجيءَ جا. شيخ دانيال مريد آهن شيخ علي خضرميءَ جا ۽ شيخ علي خضرمي مريد آهن شيخ

www.maktabah.org

ابواسحاق گارزونيءَ جا رحمهم الله پاڻ پير جي اجازت سان لار کان دهليءَ آيا ۽ بابا ابوبکر طوسي حيدريءَ جو زمانو هو. جيئن ته سندن خدمت ۾ ماڻهن جي آمدورفت گهڻي ٿي ته سندن مٿان حيدري قلندر رشڪ ڪرڻ لڳا ۽ ٻاهر ڪيڏ تي ڪمر ٻڌي بيهي رهيا. هر طرح عاجزي انڪساريءَ سان جواب ڏنائون پر هڪ نه ٻڌائون. جڏهن چيائون ته منهنجي پير هتي موڪليو آهي ته پير جي سند گهريائون. انهيءَ جي باوجود جو دهليءَ کان لار گهڻو پري آهي مگر پاڻ ايترن ٿورن ڏينهن ۾ سند آٿي ڏني جو ايترن ڏينهن ۾ عام ماڻهو ايترو پري وڃي واپس نه ٿو اچي سگهي. حيدري قلندرن ان کي بدباطنيءَ سان قبول نه ڪيو ۽ بهانو پيش ڪيائون ته ملڪ ته سلطان جو آهي لهذا سلطان جي سند گهرجي. چون تا ته سلطان انهن ڏينهن ۾ پنهنجي لشکر نٽي ۽ بکر جي طرف وئي ويو هو جيڪو دهليءَ کان هڪ سؤ ٽيهه ڪوهه پري آهي. ليڪن پاڻ دهليءَ کان ايترو ته جلدي وڃي سلطاني طغرو وٺي آيا جو عقل ۾ نه ٿو اچي سگهي. اها اندروني قوت ڏسي کين ملڪ يار پران چوندا آهن. شيخ نظام الاوليا فرمائن تا ته هڪ ڏينهن جمع جي نماز تي وڃي رهيو هوس. پيادل هلڻ سان تڪليف ٿي. دل ۾ خيال آيو ته ڪيترو نه سنو ٿئي ها جيڪڏهن سواري هجي ها ۽ پوءِ اهو خيال فوراً رفع ٿي ويو. هڪ ڏينهن ملڪ يار پران جو جانشين مون وٽ گهوڙي ڪاهي آيو ۽ چيائين ته ٽن راتين کان متواتر منهنجو پير هن جانور کي پيش ڪرڻ واسطي فرمائي رهيو هو. شيخ نظام الاولياءفرمائن تا ته مون قبول نه ڪيو. ۽ چيم ته جيسين منهنجي پير جو اشارو نه ٿيندو مان نه قبول ڪندس مجبوراً جانشين هليو ويو ۽ ٻئي ڏينهن وري آندائين، مون سوچيو ته نه ونڻ سان رنج ٿيندو. لاچار مون قبول ڪري سندس دل خوش ڪئي. فرمايائون ته آئنده درويش جو گهر بغير گهوڙي جي نه رهندو. سندن خوابگاه درياه جمنا جي ڪناري شيخ طوسيءَ جي خانقاه جي برابر آهي. قدس سرهُ.

شيخ برهان الدين محمود ابن ابي الخير بلخي رحمة الله عليه جي ياد ۾

سلطان غياث الدين بلبلن جي زماني ۾ جيڪي علم ۽ معرفت وارا صاحب هئا. انهن مان هڪ پاڻ به هئا. بنهين جهانن جي علمن ۽ حقائق کان

www.maktabah.org

کين واقفيت هئي طبيعت ۾ صوفياڻي ۽ مناسب هئن. صوفياڻا فارسي اشعار چوندا هئا. مشارق حديث جي سند اصل مصنف کان حاصل کئي هئائون. چون ٿا ته پاڻ فرمائيندا هئا ته اجا مان ننڍو ٻار هئس ۽ هڪ ڏينهن پنهنجي والد سان گڏ رستي تي وڃي رهيو هئس ته مولانا برهان الدين مرغينائي مصنف هدايه فقه جي آمد بڌڻ ۾ آئي. والد بزرگوار جلديءَ سان هڪ ٻي گهنٽيءَ ۾ گهڙي پيا ۽ مون کي ان رستي تي ئي چڏيائون جڏهن مولانا اچي پهتو ته مون اڳتي وڌي سلام کيو. فرمايائون ته مان بحکم ازلي تو چوان ته هي چوکرو عالم- عامل ۽ عارف کامل ٿيندو. ايتري قدر جو کشوربهيءَ جا سلطان به هن جي آستاني تي نياز مندي ۽ آستاني بوسيءَ لاءِ ايندا. ٻيو پاڻ هميشه اهو فرمائيندا هئا ته مان کنهن به کبيري گناه ۾ کونه پکڙبس. البته هڪ کبيري جي عيوض ۾ جو اُهو چنگ ۽ بين بڌڻ آهي ۽ اهي مان بڌندو ۽ بڌڻ جو شوق رکندو آهيان. واه عجيب دلبستگي هئي. سندن قبر حوض شمسيءَ جي قريب آهي جيکا تخته نور جي نالي آهي. اتان جا باشندا علم ۽ فهم زياده ٿيڻ جي اميد تي سندن قبر جي مٽي ننڍن ننڍن نادان ٻارن کي کارائيندا آهن. کيترا دفعا سندن قبر جي پاسن کي تعمير کيو ويو آهي.

ياد سلطان المشائخ نظام الدين اوليا قدس سرهُ

سندن نالو محمد ابن احمد ابن علي بخاري آهي ۽ پاڻ شيخ فريدالدين گنجشکرؒ جا مريد آهن. قدس سرهم سندن ڏاڏو ۽ سندن والده جو پيءُ خواجه عرب ٻئي بخارا کان آيا هئا. پهريائين لاهور ۾ چند ڏينهن رهيا پوءِ اتان ايزدي مشيئت تحت ٻگوٺ بدايون ۾ آيا ۽ هتي گوشي نشيني اختيار کيائون. هتي هجري سنه چهه سؤ ٻٽيهه ۾ عنصري جسم سان گڏ سندن روح مبارک گڏجي عيب جي صحرا کان عالم شهود ۾ ظاهر ٿيو. فوراً والد بزرگوار کي الله جو سڏ آيو. انکري سندن پرورش مادر مهربان کئي. ڇهن سالن جي عمر ۾ پاڻ مکتب ۾ داخل ٿيا.

پاڻ فرمائيندا هئا ته هڪ ڏينهن استاد ابوبکر وٽ ملتان جو هڪ قوال آيو هو. انهيءَ شيخ بهاءالدين زکريا قدس سرهُ جي سماع جي رونق ۽ ان جي

www.maktabah.org

ڪيفيت نهايت تعريف سان بيان ڪئي ليڪن ڪا ڳالهه دل ۾ نه ويٺي. وري انهيءَ بيان ڪيو ته مان اجوڌن ۾ شيخ فريد گنجشڪرؒ جي خدمت ۾ به حاضر ٿيو هئس ۽ سرود و سماع جي مجلس منعقد ٿي هئي عجيب سوز ۽ وجد هو جنهن جي رقت سان در ۽ ديوارون به رقص ڪرڻ لڳا. هيءَ خرد سوز حقيقت ٻڌندي ئي دل ۾ هڪ باهه جهڙي ٻري وئي ۽ ڪنهن به طرح ان جي گرمائش ٽڏي نه پئي ٿئي. جيترو هلندو ڦرندو هئس اوترو گرمائش زياده وڌندي هئي. مطلب ته سلطان غياث الدين بلبلن جي زماني ۾ رسمي علمن جي تحصيل ڪرڻ لاءِ دهليءَ آيس ۽ مولانا علاؤالدين اصوليءَ جي شاگرديءَ مان فيض حاصل ڪيم. پراڻي خلش دل ۾ بدستور هئي ۽ هاڻي ضبط جي طاقت نه رهي هئي لاچار اجوڌن ڏي هلي پيس. تقدير مدد ڪئي ۽ حضرت گنجشڪر رح جي خدمت ۾ حاضر ٿيس انوقت عمر ويهه سال هئي. حضرت گنجشڪر رح پنهنجي التفات ۽ انتظار ظاهر ڪرڻ واسطي زبان مبارڪ مان بيت فرمايو.

اي آتش فراقت دلها کباب کرده — سيلاب اشتياقت جانها خراب کرده

حضرت گنجشڪر رح جن جو هن طرح التفات فرمائڻ ۽بيت ۾ لفظ دلها ۽ جانها جمع جي صيغي سان ارشاد فرمايو ان ۾ هڪ ماجرا جي طرف اشارو آهي جيڪو هيٺ بيان ايندو. چون ٿا ته پاڻ هتي از سرنو تجويد قرآن ڪيائون. ۽ عوارف المعارف جا چند باب ۽ عين القضاة جا ڪجهه فصل به مطالعو ڪيائون. هن عرصي ۾ پير جي باطن جي صفائيءَ جو اثر ٿيو جو بزرگيءَ جي صدر ۾ پاڻ مسند نشين ٿي ويا. خلافت جو خرقو مليو. ۽ ٻين جي رهنمائي جي اجازت به حاصل ٿي ۽ پوءِ دهليءَ آيا.

هاڻي مان هتي تفصيل سان انهن حالتن کي بيان ٿو ڪيان جيڪي اجمالي عنوان جي اندر پيچ در پيچ آهن. تمام ٿوري عرصي ۾ سندن درويشي ۽ مريد پروري- رهنمائي و رهبري جي شهرت سڄي دنيا جي آبادي جي هر گوشيءَ هر هڪ ڪَنَ تائين پهچي وئي. ۽ ناقص جي تڪميل ۽ ڪاملن جي تائيد جي واسطي هر هڪ طرف هر هڪ صوبي ۾ سندن هادي ۽ ولي خليفن مان هڪ خليفو پهچي ويو جنهن جو حل هن تذڪري ۾ مناسب مقام تي گذارش ڪيو ويندو. شيخ نصيرالدين چراغ دهليؒ جن جي ملفوظات ۾ لکيل آهي ته خطاب آيو- آي فضيل عياض! شيخ محمد جن جو لقب نظام الدين اوليا هوندو. اسان

www.maktabah.org

جي درگاه جي خاصن مان آهن. انهيءَ کي اسان توهان جي پيروانِ طريقت مان ڪيو آهي. رهنمائي جي معاملي کي هي اهڙيءَ طرح ڪرسي نشين ٿيندا جو هن جي فيض صحبت سان ڪئي هزار ڪامل خدا شناس ٿيندا. خواجہ فضيل هي الهامي آواز ٻڌي ڏاڍو خوش ٿيو ۽ واپسيءَ واري ساهہ تائين انتظار ڪندو رهيو. آخر پنهنجي خليفي کي وصيت ڪيائون تہ تنهنجي بيعت جي دام ۾ ڪو اهڙو مبارڪ پکي ڦاسي وجي تہ منهنجا سلام پهچائي دعا جو عرض ڪجانس. مطلب تہ هيءَ وصيت درجہ بدرجہ شيخ فريد گنجشڪر رحہ تائين پهتي ۽ جڏهن سلطان المشائخ شيخ گنجشڪر رحہ جي حضور ۾ حاضر ٿيا تہ حضرت گنجشڪر رحہ نور باطن سان معلوم ڪري خوڪو پهرايو ۽ شروعات پنهنجي ذات کان ڪري ترتيب سان صاحب الهام تائين سڀني جي منتظر رهڻ جي ماجرا بيان ڪئي. هر هڪ جا سلام ۽ قبول سلطان المشائخ کي پهچائي هر هڪ جي نالي سان جدا جدا دعا ۽ ثنا گهري. حياءَ جي درياه ۾ غرق سلطان الاولياءَ فرمان تي سرُجهڪائي ادب ۽ نياز جون رسمون ادا ڪيون.

چون ٿا تہ سلطان علاؤالدين جي دل ۾ هميشہ اها خلش رهندي هئي تہ شيخ نظام الاوليا سلطنت ۽ حڪمرانيءَ جو خيال پنهنجي دل ۾ رکي ٿو. ۽ فرصت ۽ موقعي جي انتظار ۾ آهن ان ڪري سلطنت هلائڻ جي امتحان لاءِ ملڪي معاملات جي متعلق چند دقيق ڳالهيون لکي سندن خدمت ۾ موڪليون. ۽ عرض ڪيو تہ هنن مشڪلاتن جي حل جو جواب فرمايو تہ جيئن انهن تي عمل ڪري هنن مشڪلاتن جي تنگي دور ٿئي. ۽ مراد جو حاصل ٿيڻ نصيب ٿئي جڏهن هي امتحاني پرچو سندن روبرو پڙهيو ويو تہ فرمايائون تہ هورين تي ويهندڙ درويشن جو تخت جي زيب ۽ زينت ڏيڻ وارن بادشاهن جي ڪاروبار جي ڪهڙي خبر بهتر آهي تہ هن قسم جي مقدمات جي متعلق پڇا ڳاڇا ڪري هنن ويچارن جو وقت ضايع نہ ڪيو ۽ فقيرن جي ضمير جو امتحان نہ ونو. مطلب تہ جڏهن سلطان جو اندروني زخم هن حقيقت سان پريل جواب جي مرهم سان صحيح ٿيو تہ آستانہ بوسيءَ لاءِ التماس ڪيائين. شيخ نظام الدين جن قبول نہ ڪيو. ۽ فرمايائون تہ درويش جي اُنس کي هڪ پکي سمجهڻ گهرجي جنهن جي لاءِ وحشت پيدا ڪندڙ سلطاني ڪروفر شڪاري باز آهي. لهذا اهوئي بهتر

www.maktabah.org

آهي ته صرف دعا ۽ سلام سان جيڪا پيغام جي ذريعي هجي. هڪ ٻئي سان آشنا رهجي.

شيخ نظام الاولياءجو بيان آهي ته جڏهن حضرت گنجشڪرؒ جي خدمت حاصل ٿي ۽ مريد ٿي سرفراز ٿيس ته مون عرض ڪيو ته فقير کي علم حاصل ڪرڻ لاءِ دل گهري ٿي. جيڪڏهن علم جي شغل ۽ پوري ڪرڻ ۾ ناخوشي هجي ته هي شغل ترڪ ڪري جنهن به شغل ذڪر- خدمت- يا ڪم جي واسطي ارشاد فرمايو وجي، مشغول ٿي وجان. فرمايائون ته علم حاصل ڪرڻ کان باز رکڻ هن درويش جو شيوو ناهي ڇو ته سالڪان طريقت کي ظاهري علم کان چارو نه آهي. ليڪن منهنجي نصيحت توکي اها آهي ته هن کان پوءِ جيڪا صورت غالب اچي ان جو ٿي وجانءِ. آخرڪار نه ڪنهن کي غالب ڏٺم ۽ نه مغلوب. ائين ئي ڪمال جي درجي تي پهچي ويس ۽ ظاهري و باطني ٻنهين قسمن جا علم حاصل ٿي ويا.

مٿي ذڪر ڪيل ٻئي مقولا ۽ ٻيا عرفاني واقعات ماڻهن جي زبانن تي آهن ۽ ورقن تي به پريل آهن. خدا ڪري صاحبان ذوق جي ڪنن ۾ پهچن ۽ انهن جي نظرن کان گذرن. تاريخ ارڙهين ربيع الثاني هجري سنه ست سؤ پنجويهه تي سندن روح جو بيش بها جوهر **وَمَاجَعَلْنٰهُمْ جَسَدًا لَّا يَاْكُلُوْنَ الطَّعَامَ وَمَا كَانُوْا خٰلِدِيْنَ** (۽ اسان انهن لاءِ اهڙا جسم نه ناهيا هئا جيڪي کاڏو نه کائيندا هجن ۽ نه اهي ماڻهو دنيا ۾ هميشه رهڻ وارا ئي هئا) جي عنصري خزاني مان نڪري **وَاِنْ مِّنْ شَيْءٍ اِلَّا عِنْدَنَا خَزَائِنُهٗ** (۽ جيترين شيون آهن اسان وٽ خزانن جا خزانا پريا پيا آهن) جي صدر خزاني ۾ داخل ٿي ويو جيڪو ايزدي عبارت اسماءَ ۽ صفات جي مخزن مان آهي.

انجمن

هن انجمن ۾ انهن اصحابن جا حالات ڏيکاريا ويا آهن جيڪي تن گدازي ۽ جان نوازيءَ جي جنگل ۾ گرم رفتار آهن. خودشناسيءَ جي درياه ۾ خدادانيءَ جي عميق پاڻيءَ ۾ ٻڏا پيا آهن. ۽ سلطان المشائخ نظام الاولياءَ قدس سرهُ جي

www.maktabah.org

رهنمائيءَ جي امداد سان طريقت جي شاهراه تي هلي رهيا آهن. جن سندن تلقين سان ديدار جي سعادت ۽ تحقيق جو شرف حاصل ڪيو ۽ سندن ڪمال هدايت جي ڪري پنهنجي استعداد سان عارف ٿي ويا ۽ ڪن اڪسير واري صورت اختيار ڪري گهٽن ماڻهن کي ڪندن بنائي ڇڏيائون. چون ٿا ته انهن ڏينهن ۾ هندستان جي زمين جو عجيب زمانو هو. جو ته سندن بارگاه خلافت کان وقتاً فوقتاً جيڪي نوان نوان خليفا روانہ ٿيندا هئا. سندن فيض پاسيءَ سان هندستان جو هر گهر هر زمين جو ٽڪرو آباد هو. هڪ روايت آهي ته پاڻ وڏن شهرن ۾ وڏن وڏن مرتبن ۽ وڏين ڪرامتن وارا ست سؤ خليفا اهڙا روانہ ڪيا هئا جو هر شخص جي سيني مان گويا عرفان جو آفتاب طلوع ڪرڻو هو ۽ انهن سينن مان بزرگوار پير جا اسرار ظاهر ٿيندا هئا.

هي بلڪل سچ آهي ته جڏهن ڪنهن شخص کي ڪنهن بزرگ جي خدمت سان معرفت جو سرمايو هٿ اچي ويندو آهي ۽ هڪ منزل کان ٻي منزل ڏي ۽ هڪ حالت کان ٻي حالت جي طرف منتقل ٿي ويندو آهي ۽ فنا جي درجن کان عبور ڪري اصلي بقا جي مقام تي پهچندو آهي ته ان وقت نالي ۽ آواز جي فرق کانسواءِ ڪنهن بہ قسم جي دوئيءَ جي شڪل هنن ٻنهين شخصيتن ۾ قائم نہ رهندي آهي.

جهڙي طرح ڪو ٻار تقدير ۽ تدبير جي پرورش سان بلوغت جي درجي تي پهچندو آهي ۽ پيءُ جا سڀ حالات ان تي منڪشف ٿي ويندا آهن. ۽ جيڪڏهن نسبت باهر ملحوظ نہ رکي وجي ته ٻيون معنوي مابہ الامتياز سڀ وچ مان ڪڍي ويندا آهن ۽ مرد جي جيڪا هيءَ تعريف آهي ته. **ذڪر من بني آدم جاوز صد الصغر**- هن تعريف ۾ ٻئي داخل هوندا آهن ۽ جڏهن الله تعالیٰ ان کي بہ ڪو پٽ عطا ڪندو آهي ته اهو ابوة جي وصف سان بہ متصف ٿي سيني مرتبن ۾ پنهنجي پيءُ جي برابر ٿي ويندو آهي

۽ اُها دوئي جيڪا اعتباري اختلاف جي سبب سان غيريت ۽ اثنينيت جي اشتباه جو باعث هوندي هئي. هاڻي يڪ رنگي ۽ يڪ روئي پيدا ٿيڻ سبب بلڪل دور ٿي ويندي آهي. بس جڏهن تعينات جو حجاب وچ مان کنيو وجي ته ممڪنات جي وحدت الوجود جو حال بہ اهڙيءَ طرح نظر ايندو. هاڻي ڏسو هر طرح سان هيٺ عرض ڪيل حرف وحدت وجود جو ثبوت- محسوس ٿيندڙ

www.maktabah.org

موجودات سان ڏئي رهيا آهن.

اسرار حقيقت جي واقعن جي باخبر ۽ توحيد جي نور سان منور ضمير تي چگي طرح روشن آهي ته سڀ ثوابت ۽ سيارا آسماني طبقات جي اندر نوراني چمڪ ڏمڪ ۾ آفتاب جي شرڪت جو دم پرن ٿا. ليڪن جڏهن سڄ ايرندو آهي. ته هو پنهنجي آثار ۽ انوار سان جيڪي شرڪت جو ذريعو آهن، بلڪل لڪي ٿا وڃن. ۽ ڪائنات جا بيا اجرام، ذرا ۽ جبل وغيره جن کي خاص مرتبي ۾ سڄ جي برابريءَ جي ڪادعويٰ ناهي. انهن جا احڪام ۽ آثار قوي ٿي ويندا آهن. اهڙيءَ طرح جڏهن حقيقي وجود جو جهان افروز سڄ جيڪو هميشه ڪمال ارتفاع ۾ آهي جمالي ۽ جلالي صفتن جي آسمان تي ايرندو آهي ته حقيقتن مان جن شين جي الوهيت جي دعويٰ جو شائبو آهي. اُهي امتناع ۽ عدم مطلق ۾ لڪي ويندين آهن ۽ جيڪي شيون اهل شهود جي نظر ۾ انهيءَ مرتبي جون نه هوندين آهن. اهي انهيءَ ئي خورشيدِ وجود جي چمڪ ڏمڪ ۽ ان جي ڪون و مڪان ۾ جاري و ساري هجڻ جي ڪري تعين ۽ تشخيص سان امتيازي ۽ عددي شڪل سان پنهنجي حال تي بدستور قائم رهنديون آهن. پوءِ شين جي فراوانيءَ سان مطلق هستيءَ جي وحدت ۾ منافات لازم نه ايندي آهي. جيئن بسائط محسوسه ۽ مرڪبات عنصريءَ جي ظهور سان آفتاب جي يڪتائيءَ ۾ ان جو طلوع ٿيڻ تي ڪو نقصان نه ايندو آهي جو ته طلوع ٿيڻ وارن ۾ اهڙو ڪو موجود نه آهي جيڪو خورشيد جي وحدت کي ٽوڙي ان جي چمڪ ڏمڪ ۾ شرڪت پيدا ڪري. حاصل ڪلام هي آهي ته انهيءَ جي باوجود جو موجودات جي بي انتها ڪثرت ۽ مخلوقات ۾ نه ڪٽڻ وارا قسم ملن ٿا مگر ڪنهن جي خصوصيات ۾ شرڪت- مساوات- مماثلت ۽ مشاڪلت جو دم پري سگهي جنهن سان وحدت جي ڪمال ۾ ڪو نقصان پيدا ٿئي. جڏهن انهيءَ تمثيل جي بيان ڪرڻ سان هر هڪ عقل واري سمجهي ورتو ته اهڙو موجود امڪان جي عالم ۾ نمايان بساط تي ظاهر ناهي لهذا انهيءَ معنيٰ ۾ وجود کي يقيناً واحد تسليم ڪرڻ گهرجي. **وَالّا لايُعلَمُ تَوحِيدَهُ الحَقِيقِي اِلّا هُوَ وَالرَّاسِخُونَ فِي المَعرِفَتِ يَقُولُونَ اٰمَنّا بِوحُدَتِهٖ سُبحَانَه** (ورنه ان جي حقيقي توحيد سواءِ انجي کوبه نٽو ڄاڻي ۽ جيڪي ماڻهو معرفت ۾ راسخ آهن اُهي چون ٿا ته اسان ته خداءِ سبحانهُ جي وحدت تي ايمان آندو آهي.)

www.maktabah.org

خلفاء شيخ نظام الاولياءقدس سرهم جي ياد ۾-

مولانا علاءالدين نيسلي رحمة الله عليه جي ياد ۾

پاڻ پنهنجي وقت جي زبردست عالمن مان هئا،ان جي باوجود پير بزرگوار جي اجازت هئي. بلڪ تاڪيد هو. مگر پاڻ ڪسرنفسيءَ جي ڪري پاڻ کي شيخيءَ جي مسند ۽ مريد ڪرڻ کي دور رکندا هئا. آخر ۾ ته ايتري قدر جو ڪتابن جو ڏسڻ بلڪ ڪاغذ کي هٿ لڳائڻ به ڇڏي ڏنوهئائون. صرف فوائدالفواد جي مطالعي ۾ مشغول رهندا هئا ۽ فرمائيندا هئا ته معنيٰ ۽ معاملو جيڪو سپ جاءِ تي آهي. هن جاءِ تي به آهي ۽ جيڪي هن جاءِ تي آهي اُهو ڪنهن ورق ۽ ڪنهن سٽ ۾ ڪونهي.

رحلت کان پوءِ پير جي روضي ۾ قبر بنائي وئي.

خواجه ابوبکر رحمة الله عليه جي ياد ۾

پاڻ سلطان نظام الاولياءجا دوست، همدم همنشين هئا. هي عهد ڪيو هئائون ته جڏهن سندن ذات شريف ۾ ابوبکر رحه جي اعتقاد سان ڪامل انسان جا آثار ظاهر ٿيندا ته ابوبکر رحه بيعت ٿي ويندو. آخرڪار جڏهن سلطان الاولياءَ حضرت گنجشڪر رحه جن جي خدمت مان رخصت ٿي دهليءَ واپس آيا ۽ بزرگيءَ جا آثار عام ۽ خاص ماڻهن سندن پيشانيءَ ۾ پنهجي نظر سان ڏنا ته ان وقت خواجه پنهنجو واعدو وفا ڪيو. مات في دهلي و دفن في حظيرة شيخه.

مولانا وجيه الدين پائلي رحمة الله عليه جي ياد ۾

جيئن ته فقه داني ۾ دخل گهڻو هئن ان ڪري ماڻهو کين ابوحنيفه ثاني چوندا رهيا. پنهنجي وطن کان پاڻ اجوڌن وجي حضرت گنجشڪر رحه جي روضي جي زيارت ڪيائون. ۽ انهيءَ زيارت جي طفيل ۾ حضرت خضر عليه السلام جو ديدار فيض آثار به حاصل ٿيو جنهن سان چشم بصيرت جي روشني وڌي وئي. ۽ حضرت خضر جي فرمان مطابق پاڻ دهليءَ ۾ اچي شيخ الاسلام نظام الاولياءَ جا مريد ٿيا. جيئن ته پاڻ دنياوي ڪاروبار ۾ ڪمال بي نياز ۽

www.maktabah.org

بي پرواھ ھئا ان ڪري ماڻھو کين ديوانو چوندا ھئا. ھي بلڪل سچ آھي تہ **لأيڪمل ايمان المؤحتيٰ يقال انهٗ مجنون** (انسان جو ايمان ان وقت تائين ڪامل نہ ٿيندو آھي جيسين اھو نہ چيو وڃي تہ ھي مجنون آھي) جڏھن پاڻ زندگيءَ جو سامان ٻڌي عالم علويءَ ڏي ھليا ويا تہ سندن قبر حوض شمسيءَ جي ھڪ طرف ٺاھي وئي.

مولانا جمال الملة والدين دھلوي رحمۃ اللہ علیہ جي ياد ۾

کين ڪمال درجي جو استغراق رھندو ھو ۽ پاڻ گويا پنھنجو پاڻ کي بلڪل ھلاڪ ڪري ڇڏيائون. سلطان نظام الاوليا رحہ اڪثر سندن باري ۾ چوندا ھئا تہ اسان جي جمال کي ڪو وقت اھڙو پيش ايندو آھي جو حق کان سواءِ ڪاشي نہ ھن جي ظاھري ۽ باطني نظر ۾ ايندي آھي ۽ نہ دل جي ڪنھن ڪنڊ ۾ رھندي آھي.

مولانا جلال الدين اوڌي رحمۃ اللہ علیہ جي ياد ۾

سندن فقر- سندن ھمت ۽ سندن گزشتگي- سندن وارستگي حد کان وڌيڪ وڌيل ھئي. پاڻ سيني گرفتارين کان آزاد ٿي پنھنجو پاڻ کي پير بزرگوار جي خدمت لاءِ قيدي بنائي ڇڏيو ھو.

شيخ مبارڪ گوپاموي رحمۃ اللہ علیہ جي ياد ۾

شروعاتي زماني ۾ پاڻ سلطان علاؤالدين جا ميئر عدل ھئا. ميئر خورد جامع سيرالاوليا- ڪرماني بيان ڪا ڪن تہ کين مون سان ۽ مون کي ساڻن خاص خصوصيت ھئي. گھٽو ڪري سندن زبان مان ھي ڳالھيون نڪرنديون ھيون تہ مبارڪ تنھنجي والد بزرگوار جو مسلمان ھليو ويو آھي. اھڙي طرح مان درويشن جي احوال جو منڪر ھئس. ھڪ ڏينھن سندن والد بزرگوار مونکي سلطان نظام الاولياء جي خدمت ۾ وٺي ويا ۽ انڪار جي ڇنبي مان آزادي ڏياري منھنجو اعتقاد ۽ اخلاص درست ڪرايو. ۽ سندن باعظمت خدمت سان دنياوي سامان جي ترڪ ڪرڻ جو استعداد منھنجي قلب ۾ پيدا ٿيو.

www.maktabah.org

خواجہ موید الدین کرئي رحمۃ اللہ علیہ جي یاد ۾

پاڻ سلطنت جي تخت تي وهڻ کان اڳ سلطان علاؤالدین جا همراز ۽ هم نشین هئا. جڏهن ازلي عنایت سان شیخ جي خدمت ۾ پهچڻ نصیب ٿین ته درویشي اوصاف جو زیور پائي سهڻا ٿي پیا ۽ دولت حاصل کرڻ جي رستي ۾ پچڻ ڏکڻ کان فارغ ٿیا. جڏهن سلطان سلطنت جي تخت تي وینا ته کین یاد کیائون. هڪ مقرب سلطان الاولیاء جي خدمت ۾ موکلیائون ته خواجہ موید کي اجازت ڏیو. سلطنت جي کم ۾ مشغول آهیان. فرمایائون ته موید کي هڪ ٻیو کم درپیش اچي ویو آهي. بادشاهہ جو موکلیل ماڻهو انهيءَ جواب سان ناخوش ٿیو ۽ جرائت سان عرض کیائین ته مخدوم چا توهان سیني کي پاڻ جهڙو بنائڻ ٿا چاهیو. جواب ڏنائون ته پاڻ جهڙو بنائڻ ته بلکل آسان آهي- نه- پاڻ کان بهتر بنائڻ ٿو گهران. جیکڏهن هي مون سان سازگاري رکي ته جرثقیل جا سپ سلطاني عمل کین فقیريءَ جي جهوپڙيءَ کان دنیاداري ۽ حکومت جي عشرت گاه ڏي چکي نه ٿا سگهن.

خواجہ کریم الدین سمرقندي رحمۃ اللہ علیہ جي یاد ۾

پاڻ پنهنجي ملک ۾ بادشاهن جا وزیر رهي چکا آهن. جڏهن ازلي سعادت زنجیر لوڏي ته پاڻ سیني شین کي چڏي ڏنائون ۽ پنهنجي ملک کان هندوستان اچي شیخ گنجشکر رح جي خدمت کي ٻنهین جهانن جي کمن تي ترجیح ڏئي اختیار کیائون. ۽ نسبت صهارت (سهرو ۽ نائي ٿیڻ) کین نصیب ٿیو. اتان جڏهن دهليءَ آیا ته خلافت جي خلعت سلطان نظام الاولیاءکان ملین. امیر خسرو ۽ خواجہ حسن همیشہ سندن فیض پهچائیندڙ صحبت کان خوش ٿیندا هئا ۽ مولانا ضیاءُ الدین برني به پنهنجي تالیف کي اصلاح جي غرض سان سندن روبرو پیش کندا هئا. سلطان نظام الاولیاء جي رحلت کان پوءِ سلطان محمد تغلق کین دهليءَ جو شیخ الاسلام کري چڏیو ۽ انوارالملک جو خطاب عطا فرمایو هو. سندن ۾ فرزند ارجمند هئا شیخ احمد ۽ خواجہ نظام الدین- هر هڪ پنهنجي حسب ۽ نسب سان صحیح پنهنجي وقت جا امام هئا.

www.maktabah.org

خواجہ شیخ علي شاه ابن شیخ محمود جاندار رحمۃ اللہ علیہ جي یاد ۾

پاڻ سلطان نظام الاولیاءجي پراڻن مریدن مان آهن. همیشہ حلقي وانگر درگاه جا ملازم رهندا هئا. نظامیہ ارشادات ۽ سیني پنهنجي مسموعات کي هڪ رسالي جي اندر فراهم کري دُر نظامي نالو رکیائونس. تصوف جا گهڻا حقائق ۽ اسرار انهن ورقن ۾ تحریر آهن. انهيءَ ئي رسالي ۾ لکیل آهي تہ سلطان ابو سعید ابو الخیر- خیرات کرڻ ۾ حد کان وڌیڪ مبالغو ۽ کوشش کندا هئا. هڪ صاحب گفتگوءَ جي دوران چیو لا خیر في الاسراف- پاڻ فوراً جواب ڏنائون تہ الاسراف في الخیر- ہڏڻ وارو حیران ٿي ویو. انهيءَ ئي دُر نظاميءَ ۾ لکیل آهي تہ صوفین جي نزدیڪ بدترین گفتار اها آهي تہ سالڪ اهڙي مقام ۽ اهڙي حال جي خبر ڏئي جیڪا هن کي حاصل نہ آهي.

وڌیڪ انهيءَ رسالي ۾ لکیل آهي تہ هڪ مرید بیعت ٿیڻ وقت پنهنجي پیر کان نصیحت جي لاءِ عرض کیو. فرمایائون تہ خدائيءَ جي دعويٰ ۽ پیغمبريءَ جي دعويٰ کان توکي بچڻ گهرجي. مرید کي حیرت ٿي- گهبرایو- هي کهڙي نصیحت آهي کیئن صحیح ٿي سگهي ٿي ۽ ان ۾ کهڙو راز آهي. عرض کیائین تہ کولي ارشاد فرمایو. فرمایائون تہ خدائيءَ جي دعويٰ تہ اها آهي تہ تون سیاڻي کمن جو ٿیڻ پنهنجي مرضيءَ موافق چاهین. ۽ پیغمبريءَ جي دعويٰ اها آهي تہ تون چاهین تہ سیني گروهن جا ماڻهو تنهنجا چاهڻ وارا ۽ دوست هجن ۽ جیڪي ائین نہ هجن. اُهي تنهنجا گرویده نہ هجن

مولانا فصیح الدین رحمۃ اللہ علیہ جي یاد ۾

پاڻ اصول فقہ جي علم ۾ عضد الملتہ قاضي عضد جو رتبو رکندا هئا. پاڻ مولانا محي الدین قاضيءَ کاشانيءَ سان گڏجي سلطان نظام الاولیاء جي خدمت ۾ حاضر ٿي بیعت جي لاءِ التماس کیو. سلطان نظام الدین مولانا محي الدین کي تہ مریديءَ جو کلاہ پارایو. مگر مولانا فصیح الدین جو مرید

www.maktabah.org

ڪرڻ- استخاره ۾ پير گنجشڪر رحہ جي اجازت تي موقوف رکيائون. انهيءَ ڪري کين حد کان وڌيڪ نا اميدي ٿي ۽ نهايت حزين ۽ ملول رهڻ لڳا. جڏهن ٻيهر قدم بوسيءَ لاءِ حاضر ٿيا تہ فرمايائون تہ تنهنجي نسبت بہ پيرانِ چشت جي باطن کان قبول بيعت جي اجازت آهي. اڄ مايوسيءَ کي ختم ڪر ۽ بيعت جو هٿ آستين کان ڪڍي درويش جي هٿ جي هيٺان رک تان تہ يَدُ اللّٰهِ فَوْقَ اَيْدِيْهِمْ (الله جل شانہٗ جو هٿ انهن جي هٿن جي مٿان آهي) جو مضمون صادق ٿئي. پوءِ پاڻ ڪمال خوشي ۽ خوشحاليءَ سان بيعت جا مدارج طئي ڪيائون. ۽ سلطان نظام الاوليا کان چند سال اڳ ملڪ تقدس ڏي روانہ ٿيا. خوابگاه دهلي-

قاضي ڪاشانيءَ کي سلطان نظام الاوليا گهٽو دوست رکندا هئا. جنهن مجلس ۾ قاضي جي هوندا هئا معرفت ۽ مشائخ طريقت جون گهٽيون ڳالهيون سلطان نظام الاوليا جي زبان مبارڪ مان بيان ٿيندیون هيون. سندن حالات تفصيل سان اڳين تذڪرن ۾ لکيل آهن. خدا ڪري شوقين حضرات ان جو مطالعو ڪن.

مولانا فخرالدين المروزي رحمۃ اللہ علیہ جي ياد ۾

پاڻ سلوڪ جي شروعات کان ئي انجام حالت تائين وقتاً فوقتاً درجہ پرهيزگاريءَ ۾ ترقي فرمائيندا رهيا. رجال الغيب مصاحب هئا. جيڪا سندن خواهش هوندي هئي. مهيا ڪري ڏيندا هئا. ليڪن پاڻ ان کي تصرف ۾نہ آڻيندا هئا. پير بزرگوار جي روضي ۾ سندن قبر آهي.

شيخ برهان الدين غريب رحمۃ اللہ علیہ جي ياد ۾

صدري ۽ درسي ڪمالات- عشق ۽ شوق جي مقامات ۽ وجد جا حالات هي سڀ سندن ذات ۾ جمع هئا. خلافت جي خلعت زيب بدن ڪرڻ کان پوءِ قلعو ديوگير دکن ۾ رهڻ جي اجازت ملي هئن جيڪا اڄ دولت آباد جي نالي سان آهي. هڪ عرصي تائين پاڻ ان سرزمين تي رهي معرفت ۽ خدا شناسيءَ جي ذريعي دلين کي سرسبز ۽ شاداب ڪيائون. جڏهن سندن عنصري باغ جي بهار ۾ رحلت جي خزان

www.maktabah.org

تبديلي پيدا ڪئي، ته قلعي کان ٻه ميل پري هڪ پُر فيض بيابان آهي. انهيءَ بيابان کي پنهنجي روضي پاڪ لاءِ پسند فرمايائون. واقعي عجب راحت افزا ۽ روح بخش جاءِ آهي. راقم هجري سن هڪ هزار هڪ ۾ انهيءَ مقام جي زيارت ڪئي هئي. دل ۾ صفائي حاصل ٿي. سندن عرس جي ڏينهن هر هڪ ملڪ کان ماڻهو اتي اچي جمع ٿيندا آهن. ۽ شهر جا باشندا مجاور چند ڏينهن اڳ کان اُتي پنهنجي لاءِ گهر ناهيندا آهن. اهڙيءَ طرح مسافر ۽ مجاور انهيءَ بانظام مقام تان غيبي فيض حاصل ڪري خوش ٿيندا آهن. خان ديس جو تخت گاه جنهن جو برهان پورنالو آهي. سندن ئي نالي تي رکيل آهي. چون ٿا ته شيخ برهان الدين پنهنجي پير کان اجازت ونڊي ديوگير وڃي رهيا هئا ته هڪ ڏينهن رات انهيءَ مقام تي لٿا جتي هاڻي برهانپور آباد آهي. انهيءَ زماني ۾ واليان خانديس جي ڏاڏنگ مان هڪ شخص ان ڳوٺ ۾ هو انهيءَ حد کان وڌيڪ خدمت گذاري ۽ درويش پرستيءَ ۾ ڪوتاهي نه ڪئي. جڏهن صبح جو روانه ٿيڻ وقت حاضر ٿي فاتحه جي درخواست ڪيائين. ته فرمايائون ته ازلي حڪم موجب هن جاءِ تي هڪ شهر آباد ٿيندو ۽ تنهنجو اولاد انجو حڪمران هوندو. مناسب اهو آهي ته انهيءَ نوآباد شهر جو نالو هن درويش جي نالي رکيو وڃي انهيءَ بشارت جي بنياد تي برهانپور نالو رکيو ويو. ڪجهه وظيفو روضي جي لاءِ مقرر ڪيائون جيڪو اڄ سنه هڪ هزار ويهه آهي ليڪن مٿيان وظيفا بدستور جاري آهن.

شيخ ڪمال الدين يعقوب نهروالہ رحمۃ اللہ علیہ جي ياد ۾

ڪين عالي مقامات ۽ نقلي ولُدني ڪمالات حاصل هئا. پير جي حڪم سان ذي استعداد گجرات وارن جي رهنمائيءَ واسطي مامور ٿيا هئا. گهٽا ئي ماڻهو سندن تلقين سان صراط المستقيم تي هلي پنهنجي مقصد کي پهچي ويا. حصار نهروالا جي ٻاهران سهسلنگ تلاءَ جي ڪناري سندن خوابگاه آهي.

مولانا شهاب الدين رحمۃ اللہ علیہ جي ياد ۾

پاڻ سلطان الاولياءجا امام هئا. رباني ڪلام معنيٰ ۽ مطلب سان ياد هئن ۽ اهڙيءَ ته عمدي طرز سان تلاوت فرمائيندا هئا جو ٻڌڻ وارن کي ڇڻ بزم

www.maktabah.org

كليم الاهيءَ ۾ حاضر ٿيڻ جو مزو اڃي ويندو هو. امير خسرو کي ساڻن گهڻي وابستگي ۽ عقيدت هئي. پاڻ پنهنجي خمسہ ۾ سندن گهڻي تعريف لکي آهي. سندن قبر دهليءَ ۾ آهي.

امير خسرو رحمۃ اللہ جي ياد ۾

سندن لقب يمين الدين- ڪنيت ابوالحسن ۽ پير جي طرف کان خطاب ترڪ الله آهي. سندن والد بزرگوار جو نالو سيف الدين هو. سخن سنج- سخن پرور ۽ سخن آفرين نامورن ۾ پاڻ سرفهرست هئا. سندن ڪمالات ۽ حالات جي شرح ڪهڙي ڪئي وڃي. پاڻ ڇڻ ته ستائش جي آسمان جا قطب آهن. يعني جيڪا مدح (چاهي اُها ڪنهن بہ قسم جي هجي) نفس جي ناطقہ عبارت جي حوالي ڪندو آهي. ۽ پاڻ ازروءِ مشاطگي انهيءَ مفهوم کي بدائع ۽ معاني جي انواع ۽ اقسام جي زيور سان آراسته ڪري نو عروسيءَ جي لباس ۾ ڏيکارين ٿا. ته اُها آراستگي انهيءَ مفهوم جي بلڪل برابر ۽ ان جي اردگرد چڪر ڪاڌيندي نظر ايندي آهي. لهذا بهتر اهو آهي ته هن سلسلي کي حقيقت شناس دانشمندن جي حوالي ڪري سندن نمايان واقعات مان ڪجهہ منتخب ڳالهيون قلم جي حوالي ڪجن.

جڏهن پتيالي نالي ڳوٺ ۾ جيڪو گنگا درياه جي ڪناري آباد آهي. سندن مبارڪ صورت جو نقشو خدائي علم جي تصوير خاني مان تقدير جي مصور ڪٽي عين امكانيءَ جي ورق تي آڻي ڇمايو ته سندن والد بزرگوار، دائيءَ جي ڏئڻ ۽ پاڪ و صاف ڪرڻ کان پوءِ کين ڪپڙن ۾ ويڙهي هڪ مجذوب جي نزديڪ ڪٽي ويو جيڪو پاڙي ۾ رهندو هو. مجذوب فرمايو ته هي ڇوڪرو اهڙو ته فصيح البيان ٿيندو جو استاد خاقانيءَ کان بہ بہ قدم اڳتي ئي رهندو. چون ٿا ته بن قدمن مان مطلب مثنوي ۽ غزل آهي. ڪائنن عمر ۾ ۽ سيني ڳالهين ۾ وڏا سندن بہ پائر ٻيا بہ هئا. هڪ جو نالو اعزالدين شاهہ ۽ ٻئي جو نالو حسام الدين احمد هو. جڏهن سندن عمر اٺن سالن جي ٿي ۽ فارسيءَ ۾ ڪجهہ شُدبد ٿي ته سندن والد بزرگوار پنهنجي ٽنهين پٽن کي سلطان نظام الاولياء جي غلاميءَ ۾ ونڻي ويو ۽ بيعت ڪرائي ڇڏيائين. هڪ سال کان پوءِ سيف الدين

www.maktabah.org

شهيد ٿي ويو. هاڻي سندن پرورش جي نوبت عمادالملڪ سندن ناني کي پهتي جيڪو وقت جي بادشاه جو مير عرض هو. انهن سندن اصلاح ۾ گهڻي ڪوشش فرمائي انهيءَ مربيءَ جي تعريف لکي شڪرگذاريءَ جو حق ادا ڪيو اٿن.

چون ٿا ته جڏهن پاڻ نظر ڪلام شروع ڪيائون ته پاڻ ڪلام ناصحانه طريقي تي لکندا هئا. مگر پير بزرگوار جي حڪم سان غزل گوئيءَ ۾ عاشقانه وضع اختيار ڪري آخرڪار مضامين نياز جي طرف رجوع ڪيو ۽ غزل جو پايو اهڙي ته وڏي مقام تي پهچايو جو ڪنهن غزل گو اهل سخن جو نغمو اوستائين نه پهچي سگهيو.

جوانيءَ جي آغاز ۾ بظاهر واليان ملڪ ۽ دنيا جي دولتمندن جي ملازمت جي طرف ميلان هئن. ليڪن باطن ۾ هميشه درويشن جي خدمت ۽ صحبت رهندي هئي. خاص ڪري پنهنجي پير دستگير سان حسن عقيدت ۾ ڪمال رسوخ هئن. ان جي متعلق ٽورڙو نموني خاطر لکجي ٿو. جڏهن سلطان علاءالدين جي دل صاف ٿي ته بادشاهه جي دل ۾ حضرت سلطان نظام الاولياءجي باڪرامت خدمت ۾ حاضر ٿيڻ جي خواهش پيدا ٿي ۽ اها آرزو پوري ڪرڻ لاءِ گهڻو التماس چاپلوسي ۽ مبالغي جي صورت اختيار ڪئي، پر سلطان نظام الاولياء جي حضور مان قبوليت جي بُو به نه پئي آئي. بلڪ ممانعت ۽ گريز جا آثار پيدا ٿيندا هئا. انهيءَ ڪري بادشاه پنهنجي دل ۾ پڪو ارادو ڪيو ته ڪنهن ڏينهن لڪ ڇپ ۾ حضور جي خدمت ۾ گهڙي پوندس هي راز هڪ ڏينهن بادشاه امير خسرو رح کي چئي پنهنجو رازدار بنايو ۽ امير خسرو انهيءَ مشوري جي ڪيفيت پنهنجي پير جي خدمت ۾ عرض ڪئي. سلطان نظام الاولياءهيءَ ٻڌندي ئي حضرت گنجشڪر رح جن جي زيارت جي ارادي سان اجودن جي طرف هليا ويا. بادشاهه امير خسرو سان ناراض ٿيو ۽ روبرو گفت و شنيد ۾ سخت غصي جو اظهار ڪيائين. امير عرض ڪيو ته سلطاني رنجش سان مونکي صرف جان جو خطرو آهي ۽ پير جي ناخوشيءَ ۾ جان جي آفت ۽ ايمان جي ڪسڻ جو انديشو آهي. ان وقت بادشاهه امير خسرو جي حسن عقيدت ۽ دوراندیشيءَ تي آگاه ٿي امير خسرو کي خاص عنايت سان سرفراز ڪيائين ۽ انصاف ڪندي خوش ٿيو. رحم الله من انصف (جنهن انصاف ڪيو الله تعالىٰ ان تي رحم ڪري).

چون ٿا ته جيڪي به نقد يا جنس بدلي يا انعام ۾ ملندو هئن ان کي سندن

www.maktabah.org

همٽ جو هٽ مٽاهين هٽ کان ونڻي هينائين هٿن ۾ ڇاڻيءَ وانگر پهچائي ڇڏيندو هو. يعني جيڪي اصحاب فقر جي ڪنڊن ۾ وينا هوندا هئا انهن جون خواهشون ۽ حاجتون پوريون ڪرڻ ۾ صرف ڪندا هئا. هڪ ڏينهن پير دولتمندن جي مصاحب ڇڏڻ واسطي سندن نالي نصيحت نامون موڪليو. هن خط کي پڙهڻ سان معلوم ٿين ٿہ درجي ۾ ترقي ٿي آهي ۽ پوءِ ظاهر کي باطن سا هم رنگ بنائي پنهنجي طرفان درويشيءَ جي ڪوچي ۾ داخل ڪري ڇڏيائون.

چون ٿا ٿہ جن ڏينهن ۾ سلطان نظام الاولياءَ رحہ جن فرق جي وحشت انگيز گهر کان جمع جي مانوس ۽ عاليشان محل جي طرف ڪوچ ڪيو. انهن ڏينهن ۾ امير خسرو بنگال جي طرف سفر تي ويل هئا. جڏهن دهليءَ ۾ واپس آيا تہ شيخ کي زنده نہ ڏسي. سخت بي تاب ٿيا ۽ بي صبريءَ سان پاڻ کي زمين تي ڪيرائي ڇڏيائون. نالہ و فرياد ڪيائون ۽ هي تہ پهريائين چوندا هئا تہ خسرو جي زندگي نظام جي حياتيءَ سان وابسته آهي. هيءَ ڳالهہ ياد ڪري هميشہ خواهش ڪندا هئا تہ هن پيشن گوئيءَ جو وقوع جلد ٿئي. آخرڪار رمضان المبارڪ جي مهيني ۾ هجري سنہ ست سؤ پنجويهہ هو. **نحن بكم لاحقون** (اسين توسان ملڻ وارا آهيون) جو آواز بلند ٿيو ۽ پنهنجي پير جي قريب سمهي پيا.

امير حسن علا سنجري رحمۃ اللہ علیہ جي ياد ۾

سندن والد بزرگوار سجستان جا آهن. جيڪو خواجہ معين الاولياءَ جي ولادت جو مقام آهي. علم 'عرفان' 'فضل' 'يقين' فصاحت ۽ بلاغت حسن جي نازڪي ۽ ڪلام جي رنگيني هي سڀ وصفون سندن طبيعت جا لوازم ۽ سندن حصو هئا. شروع ۾ حاڪمن ۽ وقت جي سلطانن کي سندن صحبت جي آرزو هئي. ۽ پاڻ بہ اهل عشرت سان محبت وارو ميل جول رکندا هئا. عمر جو وڏو حصو اهڙيءَ طرح گذري ويو. هڪ ڏينهن سلطان نظام الاولياء جو گذر انهيءَ گهر ۾ ٿيو جتي پاڻ چند ظريفن سان مصروف هئا. جڏهن شيخ جي باڪمال جمال تي سندن نظر پئي تہ هي ڪجهہ شعر پڙهيائون.

سالهائي شد کہ ماهم صحبتيم- اين کہ صحبت را اثر باشد کجاست

www.maktabah.org

زهد تان فسق ازدل ماکم نہ کرد- فسق مامحکم تراز زهد شماست

سلطان نظام العرفا فرمايو تہ صحبت ان وقت تاثير رکي ٿي جڏهن حسن نيت بہ هجي. جيئن تہ عملن جي اصلاح جو وقت اچي ويو هو توبہ جي توفيق نصيب ٿي ۽ هميشہ شيخ جي خدمت ۾ رهڻ پاڻ تي فرض کري ڇڏيائون. جيکي کجهہ پيربزرگوار زبان کان وقتاً فوقتاً ٻڌائون. اکثر فائدن کي بغير تبديلي ۽ تغير جي لکندا ويا. ۽ چند ڏينهن ۾ هک کتاب تيار ٿي ويو جنهن ۾ مختلف قسمن جا حقائق- سلوک جون ڳالهيون- نصيحتون ۽ مسئلا درج هئا. "فوائد الفواد" نالو رکيو ويو جيئن تہ هن کتاب ۾ اکثر عبارت شيخ جي ئي زبان مان نکتل آهي لهذا هن کي ملفوظات شيخ نظام بہ چوندا آهن. عجب مقبول مجموعو آهي. امير خسرو رحہ آرزو ۽ حسرت سان هميشہ چوندا هئا تہ کاش! خسرو جا سڀ تصنيف ۽ تاليف کيل کتاب برادر حسن جا هجن ها ۽ اکيلو هن نسخي جي شهرت منهنجي نالي هجي ها تہ پوءِ بس دنيا ۽ آخرت جي بهبود جو سرمايو اهوئي کافي هو.

روايت آهي تہ جنهن ڏينهن شيخ برهان الدين غريب کي پير جي طرفان خلافت جي خلعت عطا ٿي ۽ ديوگير ۾ رهڻ جي اجازت ڏئي رخصت کيو ويو تہ شيخ برهان الدين قدم بوسيءَ وقت حسرت سان آهہ کنئي ۽ عرض کيائين تہ حضور جي خدمت کان پري رهڻ جو درد اهڙو آهي جنهن جو علاج ممکن نہ آهي. فرمايائون تہ هن مجلس ۾ امير خسرو کان سواءِ جيکي بہ حاضر آهن اُهي تنهنجا رفيق راه ٿي ٿا سگهن. ۽ سلوک جي آداب جي رعايت جهڙي طرح هن درويش سان رکن ٿا. ساڳي طرح توسان بہ رکي ٿا سگهن جيئن تہ ان وقت حضور ۾ حاضر امير حسن هو انهيءَ کري ديوگير ڏي برهان الاوليا جي رفاقت ۾ پاڻ بہ روانہ ٿيا. جڏهن عمر جا ڏينهن پورا ٿيا تہ انهيءَ ئي جاءِ تي روضہ برهانيہ ۾ ٻن ٽن هٿن جي فاصلي تي سندن قبر ٺاهي وئي.

"فوائد الفوائد" ۾ لکيل آهي تہ هک ڏينهن سلطان نظام الاولياء جن فرمايو تہ توبهہ کندڙ متقيءَ جيَ برابر هوندو آهي. متقي اُهو آهي جنهن پنهنجي سڄي عمر ۾ گناه ۽ غير شرعي ڳالهہ نہ کئي هجي. ۽ توبهہ کندڙ اهو آهي جنهن کان گناهہ تہ ٿيا آهن مگر انهن کان بازگشت کئي هجي. پوءِ هن حديث جي موجب **اَلتَّائِبُ مِنَ الذَّنْبِ كَمَنْ لَاذنب لَهٗ** (گناه کان توبہ

www.maktabah.org

کندڙ شخص انهيءَ شخص جي مثل آهي جنهن جو کو گناه نہ آهي) ٻئي برابر ٿي ٿا وجن شيخ مبارک خير جونپوريءَ جي مکتوبات ۾ لکيل آهي ته اي عزيز- متقي اهو آهي جيکو شر جي ٿيڻ ۾ پنهنجي نفس جي محافظت ڪري يعني خداوند اکبر جي سامهون پنهنجي نفس کي مثل ڍال جي ڪري ته جيئن جيکو مذمت جو تير نقصان جي ڪمال مان چُڪي نفس تي پهچي ۽ جيکي ڪم خير ۽ ڪمال ۾ داخل آهن، انهن جي نسبت حق سبحانہٗ جي طرف ڪري. پنهنجي طرف نہ ڪري. **يٰاَيُّهَا النَّاسُ اتَّقُوا رَبَّكُمْ** (اي انسانو الله کان ڊڄو) **اي کونو او قاية في المذام واجعلوه تعالیٰ وقايتكم في المحامد تكونو ادبآ عالمين** (ٻُراين ۾ توهان هن جي ڍال ٿي وجو ۽ نيکين ۾ پروردگار کي پنهنجي ڍال بنايو- ائين ٿي ڪندؤ ته توهان عالم ۾ باادب سمجهيا ويندؤ) اگرچ توحيد جي تقاضا اها آهي ته انسان خوب ۽ زشت، خير ۽ شر، نفع ۽ ضرر وغيره سڀني افعالن کي حق تعاليٰ جي طرف منسوب ڪري پنهنجو قدم وچ ۾ نہ ڪاسائي. ليڪن ادب جي ڳالهہ اها آهي ته بديءَ جي نسبت پاڻ ڏي ڪجي ۽ نيڪين جي نسبت باري تعاليٰ عزاسمہٗ جي طرف ڪري تان ته انهن اديبن مان شمار ڪيو وجي جيکي انبياءَ ۽ مرسلين جي اخلاق سان تهذيب يافتہ آهن ۽ ته جيئن **اِنَّ اَكْرَمَكُمْ عِنْدَاللّٰهِ اَتْقٰكُمْ** جي شرف سان خصوصيت حاصل ڪري ٻنهين جهانن ۾ سربلند ٿين. راقم جي خيال ۾ غيب کان اها ڳالهہ آئي آهي ته سڀني پرهيزگارن ۾ زياده پرهيزگار اُهو شخص آهي جنهن جي حقيقت بين اک ۽ دل ۾ ڪابہ شيءِ شر ۽ ڪوبہ فعل خراب معلوم نہ ٿئي ۽ جيکي ڪجهہ ظهور ۾ اچي ان کي محض خير سمجهي ۽ انهيءَ ڪري سڀني افعالن ۽ احوالن جي مصدر الهي اسماءَ ۽ صفات کي تصور ڪري.

شيخ نظام الدين ابوالموئد نبيره شمس العارفين رحمۃ اللہ علیہ جي ياد ۾

پاڻ پنهنجي بزرگوار والد ۽ مامي جي خدمت سان ڪتابي علم حاصل ڪيو هئائون. ۽ طريقت جي تعليم پڻ حاصل ڪري ورتائون ۽ شيخ شهاب الدين احمد غزنوي رحہ جن جي خدمت ۾ جيکي سيد نورالدين مبارک جا پير

www.maktabah.org

آهن، پهچي گهڻو ڪجهه فائدو حاصل ڪيو هئائون. خواجه قطب الدين اوشي رحه ۽ سلطان نظام الاولياءَ بدايوني رحه سندن ديدار کي خدائي جمال جو آئينو سمجهندي، هميشه سندن صحبت جي خواهش ڪندا هئا چون تا ته هڪ سال تائين دهلي ۾ ان جي آسپاس آسمان زمين تي ۽ زمين وارن جي حال تي رحم ڪائي ڳوڙها نه وهايا (مينهن نه وسيو) اناج گهٽجي ويو، ۽ ماڻهن سندن خدمت ۾ اچي گريو ۽ زاري ڪئي ۽ بارش جي درخواست ڪئي. پاڻ قبول فرمائي منبر تي ويهي پنهنجي آستين جي اندران هڪ جامو ڪڍيائون ۽ چيائين ته اي خداوند هن خلعت جي پاڪدامنيءَ جي طفيل ۾ ۽ انهيءَ محبت ۽ انهيءَ راز جي استحقاق جي عيوض ۾ جيڪا هن خلعت جو مالڪ توسان رکندو هو ازراه بخشش مينهن وساءِ ته مان جنگل جو رستو اختيار ڪندس ۽ وري آباديءَ ۾ نه ايندس. انهيءَ وقت هڪ ڪارو ڪڪر آيو ۽ سخت بارش پئي ايتري قدر جو هر طرف نالن ۾ ٻوڏ اچي وئي. دانشور روزگار مولانا وجيهه الدين يحيٰ قدس سرهٗ جن لکيو آهي ته اُهو جامو سندن والده بي بي سارا جو پيرهڻ هو.

شيخ قطب الدين منور ابن شيخ برهان الدين ابن شيخ جمال هانسويؒ جي ياد ۾

پاڻ اڪيلائيءَ جا عاشق ۽ گوشي نشينيءَ جي عشق ۾ غرق هئا. ٻنهين جهانن جي ڪمالن جا آثار دنيا وارن جي سامهون پنهنجن اقوالن ۽ افعالن جي ذريعي سان ظاهر ڪندا هئا. روايت آهي ته سلطان محمد تغلق قاضي ڪمال الدين صدر جهان جي هٿان چندويه جو فرمان سندن نالي ڪري نيازمندي سان خدمت ۾ موڪليو هو. پاڻ آٽڻ واري کي چيائون ته مون ٻڌو آهي ته سلطان نصير الدين جنهن سال اُچ ۽ ملتان ڏي ويو هو ته ان ۾ هن مضمون جو طغرو امير غياث الدين سپه سالار جي هٿان حضرت گنجشڪر رحه جي خدمت ۾ اجوڌن موڪليو هو. جڏهن اُهو طغرو سندن نظر مان گذريو ته پاڻ سپه سالار کي فرمايائون ته اسان جي بزرگن بادشاهن کان هن طرح ڪجهه قبول نه ڪيو هو ۽ هن درويش کي به پنهنجي پيرن کان ٻيو رستو ڪونهي لهٰذا جيڪڏهن عذر ڪجي ته گنجائش آهي. ۽ انهيءَ ڳالهه جا خواهشمند بي شمار آهن. بهتر آهي

www.maktabah.org

تہ هي انهن کي پهچايو وڃي. هيءَ حقيقت ٻڌي فرمان آٽڻ وارو لاچار فرمان کي واپس ڪٽي ويو. مطلب تہ شيخ قطب الدين سڃي عمر متوڪلائي ۾ بلند همتيءَ سان بسر ڪئي. سندن قبر شهر هانسيءَ جي ميدان ۾ هڪ گنبذ جي اندر آهي، جنهن کي هاڻي اقطاب اربعہ جو مقام چوندا آهن چو تہ شيخ جمال- شيخ برهان الدين- شيخ قطب الدين منور ۽ سندن فرزند شيخ نوراني انهيءَ ۾ ستل آهن. قدس اسرارهم.

شيخ بدرالدين سمرقنديؒ جي ياد ۾

پاڻ سيف الدين جا خليفہ آهن جيڪو شيخ نجم الدين ڪبريٰ جو وڏو خليفو هو. الاهي معرفتن جي آسمان جو ڪين بدر بلڪ آفتاب چوڻ ناموزون نہ آهي. بخارا کان هند ۾ آيا ۽ دهليءَ ۾ سلطان المشائخ نظام الاولياء جي صحبت جي واسطي قيام فرمايائون. ڪتاب دُر نظاميءَ ۾ لکيل آهي تہ هڪ ڏينهن سلطان نظام الاولياء ۽ بدر الدجيٰ ٻئي امير خورد جي ملاقات جي واسطي ويا هئا. امير ان وقت هڪ عظيم مراقبي ۾ هئا، ۽ ڪمال درجي جو استغراق هو. بدرالملة هڪ تقريب کي عرض ڪيو تہ مون فلاڻي شهر ۾ فلاڻو بزرگ ڏٺو ۽ اهڙي طرح هر هڪ بزرگ کي مقام ۾ جتي جتي ڏٺم ڳڻڻ شروع ڪيائين. جڏهن بدرالملة جي گفتگو وڌي وئي تہ سلطان الاولياء جن فرمايو تہ ادا هاڻي سخن کوتاه ڪر- شايد هن بزرگ جي زبان مان اهڙي ڳالهہ ٻڌڻ ۾ اچي جنهن جي لاءِ ڪَنَ پيدا ڪيا ويا آهن. ان تي بہ بدرالملة پنهنجي گفتگوءَ کان باز نہ آيو. امير گوڏن تان مٿو کڻندي چيو. بدرالدين! جيترن بزرگن کي تو ڏٺو بيان ڪيئي هي ٻڌاءِ تہ انهن مان توکي بہ. ڪنهن ڏٺو. شيخ بدرالدين جي قبر دهليءَ ۾ مشهور ۽ هميشہ بزرگانِ مقيم ۽ مسافرن جي زيارت گاه آهي رحمتہ الله عليهم اجمين.

شيخ رڪن الدين فردوسيؒ جي ياد ۾

پاڻ حقائق ۽ معارف جا عالم هئا. ايزدي جهلڪ ۽ خدائي صفت سندن ظاهر ۽ باطن مان جوش ڪندي هئي. شيخ عمادالدين طوسي رحہ سندن ئي

www.maktabah.org

مريد ۽ خليفا آهن. دهليءَ ۾ جمنا درياه جي ڪناري شيخ محمود مجذوب بهاري رحہ جي مزار آهي جن کي خواجہ معين الاولياء چشتي اجميري رحہ کان فيض مليو هو. انهيءَ ئي مزار جي برابر ۾ سندن بہ قبر آهي. قدس سرهم.

شيخ نجيب الدّين فردوسي رحمۃ اللہ جي ياد ۾

پاڻ شيخ بدرالدين سمرقنديءَ جا مريد آهن. قدس سرهما- ڪمالات ۽ حالات جي گويا پاڻ ڪاڻ هئا. پنهنجي صورت ۽ سيرت سان دوستن کي بهشت ياد ڏيارينداهئا. سندن خوبين جو بيان گهڻو طويل آهي. اڳين تذڪرن ۾ لکيل آهي لهذا بهتر آهي تہ هتي ٻيهر نہ لکجي. حوض شمسيءَ جي ڪناري سندن قبر مشهور آهي ۽ ان جي زيارت بہ ٿيندي آهي.

شيخ شرف رحمۃ اللہ جي ياد ۾

پاڻ شيخ يحيٰ ابن اسرائيل منيريءَ جا فرزند آهن جيڪو شيخ نجيب فردوسيءَ جو مريد هو. سلوڪ جي شروعات ۾ نفس جي اصلاح لاءِ هڪ جبل جي پاسي ۾ وڃي رهيا هئا. اُتي سندن والده بزرگوار فتوحا نالي هڪ غلام جي هٿان ماني موڪليندي هئي. هڪ ڏينهن پڇائين تہ فتوحا تون جيڪو ڪاڏو رکي ايندو آهين ان مان شرف ڪائيندو بہ آهي؟ هن چيو تہ مونکي معلوم ناهي مان تہ ڪاڏو ان جاءِ تي رکي ايندو آهيان جتي چيو اٿن- خير- انهيءَ ڏينهن ڪجهہ ڇوهارا ڪيرِ ۾ ڇڀائي ڪنڊ وجهي موڪليائين ۽ چيائين تہ منهنجي پٺ ڪي ڇڪجانءِ تہ تنهنجي ماءُ قسم کٽي چيو آهي تہ جيڪڏهن هن ڪاڏي مان نہ ڪائيندو تہ مان ناراض ٿيندس. لاچار شيخ شرف لقمو ڪنيو ۽ نڙيءَ کان اڳا لٿو ئي نہ هو تہ بيهوشي طاري ٿي وئي ۽ ڪيلين جو هجوم شروع ٿي ويو ۽ انهيءَ لقمي کي سندس نڙيءَ مان ذرو ذرو ڪري ڪڍي ڇڏيائون تڏهن هوش آيس. فتوحا واپس اچي هي سڄي حقيقت انهيءَ باعصمت بي بي کي ٻڌائي. انهيءَ هڪ نعرو هنيو ۽ چيائين تہ سچ آهي تہ جيڪو شخص **ابيت عند ربي وهو يطعمني ويسقيني** (مان پنهنجي رب جي نزديڪ رات جو هوندو آهيان ۽ اُهو مونکي ڪاڏو ڪارائيندو آهي ۽ پاڻي پياريندو آهي) جي دسترخوان تان روزي

www.maktabah.org

کائیندو اُهو هن دنیا جي خوراک سان پنهنجو هٿ چو ملوث کندو. ان کانپوءِ پاڻ ۽ سندس پاءُ شیخ جلال الدین محمد پنهنجي وطن کان جیکو هند ستان جي حدن تي آهي شیخ نظام الاولیا سان بیعت ٿیڻ جي ارادي سان دهليءَ روانہ ٿیا. هک روایت آهي تہ هنن بنهین مشتاقن جي پهچڻ کان اڳ سلطان نظام الاولیاء رحلت فرمائي ویا هئا. ۽ هي روایت هيءَ آهي تہ ملاقات ٿي. لیکن نظام الاولیاء شیخ نجیب الدین فردوسي رحہ جي خدمت ۾ حاضر ٿیڻ جو ارشاد فرمایو. بهرحال جڏهن شیخ نجیب الدین جي خدمت ۾ حاضر ٿیا تہ فرمایائون تہ شرف تون ڏاڍو سنو آهین. گهٽن سالن کان هي درویش تنهنجي امانت توکي ڏیڻ لاءِ تنهنجو منتظر هو. انهيءَ وقت بیعت ٿیا ۽ ٿوري عرصي ۾ خلافت جو خرقو ملین ۽ وندبهار جي باشندن جي رهنمائيءَ واسطي اجازت ملین. چون تا تہ سندن پیرن ۾ کجهہ لنگراهٽ هئي ان جو سبب معلوم کیو ویو تہ جواب ڏنائون تہ مون ازل ۾ اولیا جي صفن کان اڳتي وڌي انبیاءَ جي صفن ۾ قدم رکیو هو. دنیا جي لنگراهٽ ان جي سزا آهي. مطلب تہ سندن همٽ کي وڏو درجو حاصل هو.

هک دفعي پاڻ اکسیر جو هک ڏبو پیر جي خدمت ۾ پیش کیائون. پیر پاٽيءَ ۾ وهائي چڏیو. پاڻ کلیا ۽ چیائون تہ هن خاک سان احتیاج وارن کي فائدو پهچندو هو لیکن ان جي حفاظت سان دل تي بار رهندو هو ۽ اهو دوريءَ جو بہ سبب هو. اللہ عزاسمہٗ جو شکر آهي تہ انهيءَ استغنا جي کري آرزوءَ جي قید کان مونکي چوٽکارو ملیو. پیر اها ڳالهہ بڏي ڏاڍو خوش ٿیو ۽ کجهہ اکر لکي کین ڏنائین. جڏهن پاڻ ان کي مٽي تي رکیائون تہ زمین جي اندر جون سڀ مخفي شیون ظاهر ظهور نظر اچي ویون. وري ان کي چمي زمین تي رکیائین ۽ چیائین تہ هي شیون دل جي پریشانيءَ جو سامان آهن. هئي شخص کي ڏنیون وجن جیکو انهن جو طلبگار هجي هي بڏي پیر کین مقبول ۽ موثر دعائون ڏنیون ۽ سندن همٽ تي آفرین چیائین.

سندن عمده تصنیفون گهڻیون آهن سیني ۾ بهترین معدن المعاني ۽ مکتوبات آهن. جیکو ڏسندو ان جي اکین تي ڳوریون نہ لڳنديون. سندن قبر بهار سرحد بنگال ۾ آهي.

www.maktabah.org

شيخ بدرالدين غزنوي رحمة الله عليه جي ياد ۾

هڪ رات خواب ۾ ڏٺائون ته منهنجي بيعت خواجه قطب الدين بختيار اوشيءَ قبول فرمائيندي سلسلي کي مضبوط ڪري ڇڏيو اٿن. گهبرائجي خواب مان اٿي ويٺا. چند ڏينهن کان پوءِ شوق جو اهڙو ته سيلاب آيو جو صبر هليو ويو لاچار پاڻ خواجه صاحب جن جي مثالي صورت ڏسڻ واسطي حيران ۽ پريشان مسافري لاءِ نڪري پيا. رستي ۾ ڪيترن بافيض اصحابن سان ملاقات ٿي. جن جي خدمت سان معرفت جي سرمائي ۾ ڪجهه نه ڪجهه اضافو ئي ٿيو. ليڪن انهيءَ نوراني شڪل جي ڏسڻ جي آرزو اڃا وڌيڪ وڌي وئي جنهن کي خواب ۾ ڏٺو هئائون. لاهور جي رستي کان دهليءَ پهتا ته خواجه قدس سرهُ جي خدمت ۾ حاضر ٿيا. جڏهن پاڻ پنهنجو سر مبارڪ پيرن مبارڪن تي رکيائون ته خواجه فرمايو هٰذَا تَاْوِيْلُ رُؤْيَايَ مِنْ قَبْلُ (هي منهنجي پهرئين خواب جو تعبير آهي) فوراً بيعت جون رسمون پوريون ڪيائون. سلطان نظام الاوليا فرمائيندا هئا ته اسان جي يارن ۾ بدرالدين سرود ۽ سماع جو گهڻو عاشق هو. ڪراڙپ جي ڪري. پاڻ بغير لٽ جي نه اُٿي سگهندا هئا. مگر جڏهن راڳ جو آواز ڪن ۾ پوندو هئن ته مستانا نعرا هڻندا هئا ۽ جوانن وانگر رقص ڪرڻ لڳندا هئا. جيڪڏهن چيو ويندو هو ته پوڙهو ماڻهو اهڙي ڪمزوريءَ هوندي سماع ۾ ڪهڙي طرح جوانن وانگر رقص ٿو ڪري ته جواب ڏيندا هئا ته ضعيفي مانع نه آهي. عشق ۽ شوق جي طاقت سان ڪري ٿو سگهي.

سندن خدمت ۾ قاضي حميدالدين ناگوري- شيخ فريد گنجشڪر- سيد مبارڪ غزنوي- مولانا مجدالدين جرجاني- شيخ ضياءالدين دهلوي وغيره گهڻن ئي بزرگانِ وقت جي سمجهه جو هنگامون گرم ٿيندو هو ۽ خدائي عرفان جي انجمن فراهم ٿي ويندي هئي. هر جمع جي ڏينهن مجلس وعظ ٿيندي هئي. حقائق ۽ معارف جي باري ۾ گفتگو ايتري قدر ڪندا هئا جو ڪشف جي عالي مرتبي تائين پهچائي ڇڏيندا هئا. انفس و آفاق (عالم ارواح ۽ عالم اجسام) جو معمو عمدي وضاحت سان حل فرمائيندا هئا. سخن کي شوق ۽ محبت ۾ قبوليت جو رنگ ڏيندا هئا. حضرت گنجشڪر رحه ۽ ٻيا بندگانِ خدا سندن ذڪر ڪرڻ وقت ڏاڍو خوش ٿيندا هئا. هڪ روايت آهي ته حضرت خضر عليه السلام جو به هن مجمعي ۾ گذر ٿيندو هو.

www.maktabah.org

مولانا کمال الدین زاهد رحمۃ اللہ علیہ جي ياد ۾

پاڻ پنهنجي وقت جي متقين ۾ سربر آورده هئا. چون تا ته سلطان نظام الاولياء مشارق حديث کي سندن سامهون پڙهيو هو. ۽ پاڻ مولانا برهان الدين بلخيءَ کان سند حاصل ڪئي هئائون. جيڪي پاڻ مصنف جا شاگرد هئا ۽ اجازت نامي جو نسخو جيڪو ڪتاب جي آخر ۾ سلطان نظام الاولياء پنهنجي دستخط سان لکيو آهي. سير الاولياء ۾ تحرير ٿيل آهي. چون تا ته سلطان غياث الدين بلبلن سندن خدمت ۾ التماس ڪيو هو، انهيءَ اميد سان ته منهنجي نماز درست ۽ قبول ٿئي. ڪمال اشتياق سان منهنجي هيءَ آرزو آهي ته هميشه توهان امام ٿيندا ڪيو. فرمايائون ته دنيا جي تمتعات ثلثہ (هن مان مطلب حديث جو مضمون آهي ته آنحضرت صلی اللہ علیہ وسلم جن فرمايو آهي ته **حُبِّبَ اِلَيَّ مِنْ دُنْيَاكُمْ ثَلٰثَةٌ اَلطِّيْبُ وَالنِّسَآءُ وَقُرَّةُ عَيْنِيْ فِي الصَّلٰوةِ**) مان فقير کي اها هڪ نماز ئي ته ڏني وئي آهي ان کي به توهان ونڻ تا چاهيو. جيئن ته جواب مان ناخوشيءَ جي صورت محسوس ٿي. سلطان عذر ۽ معذرت ڪئي. ۽ پوءِ وري ٻيهر آرزوءَ جو اظهار نہ ڪيائين.

شيخ شرف پاڻي پتي رحمۃ اللہ علیہ جي ياد ۾

ابوعلي قلندر سندن ڪنيت آهي. ٻئي جهان ۽ ٻنهين جهانن جا ٻئي علم کين حاصل هئا. کي چون تا ته پاڻ سلطان الدين اولياءَ جا مريد هئا. هڪ ٻي روايت هيءَ آهي ته پاڻ شيخ شرف طعمہ جا مريد ۽ شاگرد هئا. جيڪو سندن وقت ۾ وڏن عالمن ۽ اوليائن مان هو. ليڪن صحيح طور معلوم نہ ٿيو ته واقعي ڪنهن جا مريد هئا. امير خسرو رحہ ۽ خواجہ حسن رحہ سندن خدمت ۾ حاضر ٿي پنهنجا شعر پڙهندا هئا جنهن جي ڪري اُهي مقبول ٿيا آهن. سندن تصنيفن ۾ هڪ ڪتاب حڪمت نامو به آهي. ان ۾ پاڻ پنهنجو ٿورو احوال لکيو اٿن. ان جو مضمون هي آهي.

"چاليهن سالن جي عمر ۾ پنهنجي وطن کان هلي دارالمصلحت دهليءَ پهتس ۽ اتي خواجہ قطب الدين اوشي رحہ جي روضي جو طواف ڪيم **من لدن حكيم عليم** جي مدرسي مان ڪتابي ۽ قلبي علم ٿيو. وقت جي سيني

www.maktabah.org

عالمن خاص ڪري مولانا وجيه الدين پائلي- مولانا صدرالدين- مولانا فخرالدين نافلہ- مولانا ناصرالدين- مولانا معين الدين دولت آبادي- مولانا نجيب الدين سمرقندي- مولانا قطب الدين مڪي ۽ مولانا احمد بخاريءَ جن پوري پوري ڪوشش ڪري مونکي دهليءَ جي درس ۽ فتويٰ لکڻ جو منصب سپرد ڪيو. چنانچہ ويهہ سالن تائين دهليءَ ۾ مفت جو مفتي ۽ هر هڪ قسم جي علمن جو مدرس رهيس. جڏهن جذبي جوش ڪيو تہ درس ۽ فتويٰ جو ڪاروبار درهم برهم ڪري اتان هلي پيس. اهڙيءَ طرح جو ڪنهن کي خبر نہ پئي. سفر ۾ شيخ شمس الدين تبريزي ۽ مولانا جلال الدين روميءَ جي خدمت حاصل ٿي. هنن صاحبن پنهنجي دستار ۽ جبو مون کي عنايت فرمايو. جڏهن وري هندستان آيس تہ جذبو اڃا وڌيڪ قوي ٿي ويو هو. شيخيءَ جي دوڪان جي جيڪا پونجي هئي سا جمنا جي پاڻيءَ ۾ وهائي ڇڏيم ۽ قلندراڻي حيثيت سان پنهنجي اصلي وطن پهتس. اشرف موجودات عليہ الصلواة والسلام جن سنت ۽ الله تعاليٰ عزا سمہ فرض مونکي معاف ڪري حڪم فرمايو تہ شرف تون عين اسين آهيون يعني تنهنجي ذات عين اسان جي ذات آهي. مولانا سراج الدين ۽ سيد امير علي وغيرهم وقت جي عالمن اعتراض ڪرڻ شروع ڪيا. مون چيو تہ توهان ڪتابي علمن ۾ گرفتار آهيو. خاموش رهو. توهان جي استادن کي بہ ڳالهائڻ ۽ سرزش فرمائڻ جو منصب نہ آهي. آسي 80 ورهہ خرقہ پوش رهيس ۽ بي شمار مريد ڪيم. سلطان جلال الدين خلجي- سلطان علاءُالدين خلجي پنهنجي پٽن ۽ سپاه سميت ۽ ٻيا هندوستان جا سلطان منهنجا مريد هئا. ڪنهن کان ڪجهہ بہ مون نہ ورتو. ۽ اِنْ مِّنْ شَيْءٍ اِلَّا عِنْدَنَا خَزَآئِنُهٗ (جيتريون شيون آهن انهن جا اسان وٽ خزانا پريا پيا آهن) جي خزاني مان هر روز هزارن محتاجن کي ادنيٰ بخشش سان تونگر ڪري ڇڏيندو هئس. ۽ منهنجي مريدن مان ڪن باهہ جي وچ ۾ ۽ ڪن پاڻيءَ تي مصلا وڇائي نماز پڙهي آهي. هڪ مدت تائين هوا ۾ مڪان ۽ زمان طئي ڪرڻ يعني اڏامڻ جي مونکي طاقت هئي. هڪ ڏينهن هڪ سنو ڳائيندڙ جوان مون وٽ آيو ۽ انهيءَ هڪ غزل ڳايو ان کي ٻڌڻ سان شورش ۽ مستي پيدا ٿي جيڪو ڪجهہ طمطراق مون وٽ هو سو مون ڇڏي ڏنو ۽ انهيءَ قوال جي مدعا کي هڪ دعا ڏئي پورو ڪيم.

www.maktabah.org

جيڪو شخص درويشن جي اسرار تي درست اعتقاد رکي ٿو. اهو ٻنهين جهانن ۾ پنهنجون مرادون حاصل ٿو ڪري. مصرع:

اعتقاد تو بهار- گلستان سعي تست

شيخ نظام الدين شيرازي رحمة الله عليه جي ياد ۾

پاڻ حرمين شريفين، بطحا ۽ يثرت زادهما الله شرفاً جي طواف سان ٻنهين جهانن جي سعادت حاصل ڪئي هئي ۽ سندن دل ۾ سماع ۽ سرور جي فريفتگي ۽ شيفتگي بي انتها هئي خدا بينيءَ جو تہ فروغ حاصل هو ئي- شريعت و طريقت جي اصولن تي ٻہ اندروني علائق ۽ بيروني آلايش جي شست و شو ڪمال جي هئي. جسم جي باطني ڪنن ۾ ۽ دل ۾ حق ڳالهيون ٻڌڻ جو استعداد گهڻو موجود هو. سلطان نظام الاولياء جي خدمت ۾ دوستي رکندا هئا. ان ڪري رازداريءَ جي بزم ۾ سندن آمدورفت رهندي هئي. قبر سلطان علاؤالدين جي دهليءَ ۾ سندن گهر جي ويجهو ٿاهي وئي.

شيخ وجيہ الدين يوسف چنديري رحمة الله عليه جي ياد ۾

پاڻ سلطان نظام الاولياء جا وڏا خليفا آهن. قدس سرهما- درد ۽ سوز گهڻو هئن. پنهنجي پير کان خلافت جو خرقو حاصل ڪيو هئائون. چون ٿا تہ جڏهن پنهنجي وطن کان پير جي خدمت ۾ ويندا هئا تہ ڪيترن ڪيترن منزلن کي هڪ هڪ منزل ڪندا هئا. هڪ ڏينهن ماڻهن کين چيو تہ توهان پيرن سان نہ ٿا هلو بلڪ پڪيءَ وانگر اڏامو ٿا. جواب ڏنائون تہ هي مرتبو پيرن سان هلڻ ۽ پرن سان اڏامڻ سان نہ ملندو آهي بلڪ منهنجو شوق مڪان کي طئ ڪرڻ جو ذريعو آهي. ۽ هڪ ڳالهہ بيان ڪيائون تہ گذريل زماني ۾ هڪ شخص قنوج جو حاڪم ٿي ويو جنهن حوض ڪتيل جي پاڻيءَ سان پرورش حاصل ڪئي هئي ۽ انهيءَ پاڻيءَ کان سواءِ ٻيو پاڻي هن جي مزاج جي موافق نہ ايندو هو. لاچار هڪ اُٺ سوار جي هر روز انهيءَ ڪم تي نوڪري رهندي هئي. ان جي باوجود جو پنجن منزلن جو فاصلو هو مگر اُٺَ وارو هڪ ڏينهن ۽ رات ۾ پاڻي قنوج ۾ پهچائيندو هو. هڪ ٻيو جوان هو جنهن جي قنوج ۾ هڪ خوبصورت معشوقہ

www.maktabah.org

سان دلبستگي هئي. هڪ ڏينهن هي جوان عاشق حوض ڪتيل جي ڪناري اُتَ سوار سان ملاقاتي ٿيو جيئن ته هو واقف نڪري آيو ان ڪري هاڻي هن پيغام موڪلڻ شروع ڪيا ۽ عاشقيءَ جي ڳالهين ۾ ايترو ته محو ٿيو جو اُتَ سان گڏ قدم بہ قدم هلندي هلندي گهٽو پري نڪري ويو. اوچتو هن کي پنهنجي پري اچڻ جو خيال اچي ويو ته موڪلائڻ لڳو اُٺ واري چيس ته اي سودائي مزاج عاشق هاڻي ته قنوج جي حدن ۾ تون اچي ويو آهين. پنهنجي محبوب کي ڏسڻ کان سواءِ وڃو ٿو واپس وڃين. مطلب ته چند قدم هلڻ کان پوءِ شهر ۾ اچي ويو. ۽ دلدار جي ديدار سان اکين ۽ دل ۾ ڪشادگي حاصل ٿيس. دوستو! محبت جي شيوي جا انهيءَ قسم جا عجائبات ايترا زياده آهن جو لکڻ سان پورا نہ ٿا ٿي سگهن. سندن خوابگاه چنديريءَ ۾ آهي.

خواجہ موئدالملة والدين رحمۃ اللہ علیہ جي ياد ۾

پاڻ سلطان نظام الدين جي مريدن ۽ نياز مندن مان آهن. الاهي تائيد جي ڪري هنهين جهانن جي سعادت سان پاڻ ڪامياب هئا. سرود ۽ سماع جو ذوق گويا سندن خمير ۾ هو. ليڪن پٽ جي لاءِ گهٽو بيقرار رهندا هئا. آخرڪار پير جي بشارت سان پٽ نصيب ٿين. نورالدين محمد انصاري نالو رکيائونس ۽ هن پيءُ جي پرورش ۾ گهڻا ڪمالات ۽ فضيلتون حاصل ڪيون هيون. موئد جي ابدي خوابگاه مقدس حظيره نظاميہ ۾ آهي.

مولانا حسام الدين ملتاني رحمۃ اللہ علیہ جي ياد ۾

پاڻ سلطان المشائخ الاولياءَ جي بزرگ خلفا مان آهن. القا- پرستش ۽ عرفان ۾ ڪين ڪمال حاصل هو. جڏهن پاڻ حجاز جي سفر کان واپس اچي سلطان نظام الاولياء جي خدمت ۾ پهتا ته سلطان الاولياء فرمايو حسام الدين مدينہ منوره جي زيارت علي صاحبها افضل الصلواة حج جي طفيل ۾ ڪجانءِ انهيءَ بنياد تي پاڻ مديني منوره جي زيارت جو عزم ڪري ٻيهر اٽيا ۽ واپسيءَ کان پوءِ پير جي اجازت سان پٽن گجرات ۾ گوشي گزين ٿي ويا. چون ٿا ته پاڻ پنهنجي درويشي حالات کي لکائڻ ۾ گهڻي ڪوشش ڪندا هئا ۽ هر روز ٽاٽ

www.maktabah.org

وڪٽي روز مره جي ضرورتون پوريون ڪندا هئا. ۽ جيڪي ڪجھ حاصل ٿيندو هئن ان مان بہ اڌو اڌ ڪنهن شخص کي ڏئي ڇڏيندا هئا. جيڪو مستحق هوندو هو. ۽ رسمي علمن جي درس ۾ مشغول رهندا هئا. رحلت جي وقت تائين اها ئي روش ۽ رفتار ۽ ڪاروبار رهيو.

هن بزرگ جي ڪيفيت ظاهر ٿيڻ جو سبب ماڻهو هن طرح بيان ڪندا هئا تہ هجري سنہ ست سؤ ستٽيھ هو. هڪ شخص انهيءَ سال جي ڪنهن مهيني ۾ سلطان نظام الاولياءجي خدمت ۾ دهليءَ ۾ عرض ڪيو تہ منهنجو گھر شهر نهروالا (گجرات) ۾ آهي ۽ نياڻيءَ جي شادي ايترو تہ نزديڪ اچي وئي آهي جو مدت معلوم ايتري مسافت طي ڪرڻ لاءِ ڪافي ناهي. سلطان نظام الاولياءفرمايو تہ شيخ حسام الدين بہ نهروالا جو رهڻ وارو آهي هر روز صبح جو نماز جي لاءِ اسان جي مسجد ۾ ايندو آهي ۽ پوءِ چاشت جي وقت تائين پنهنجي گھر پهچي ويندو آهي. اسين توکي ان سان گڏ ڪري ڇڏيون تہ جيئن تون بہ جلد ئي پنهنجي گھر پهچي وڃين. ٻئي ڏينهن واعدو پورو ٿيو ۽ هيءَ ڳالهہ ڪرامات حسابہ جي ظهور جو باعث ٿي. پوءِ پاڻ ماڻهن جي رهنمائي ڪرڻ اختيار ڪئي هئائون. ننڍا وڏا سڀ سندس طرف متوجہ ٿي ويا. چون ٿا تہ هن خرق عادت کان پوءِ سندن زندگي هڪ دور کان اڳتي نہ وڌي. خوابگاه نهروالہ آهي.

مولانا حسام الدين نهروالہ قدس سرہٗ

سندن سينو دانش جو درياه هو. ۽ دانش جوهر بينش سان آراسته هئي پرهيزگاري عادت ۾ داخل هئي. خوف الاهي جملي ڪاروبار جو مدار هو. مغربي مشائخ بيعت جي سلسلي ۾ هئا. ۽ ڪمال درجي جي دلبستگي رکندا هئا. طريقت جي رفتار پيران خانواده مذڪور جي روش تي هئي. خواب گاه نهروالہ اتس. مصرع: خاندان مغربيہ مشرق ديدار اوست

شيخ سراج الدين عثمان نامور باخي

سراج رحمۃ اللہ جي ياد ۾

سندن پيدائش جي جاءِ بنگال آهي. هوش شروع ٿيڻ جو زمانو آيو تہ سلطان نظام الاولي جي خدمت ۾ پهچي بيعت ٿيا. حسن خدمت ۽ حسن

www.maktabah.org

سعادت جي ڪري مريدي منصب برادري نسب سان بدلجي ويو. چون تا ته ڪين جوانيءَ جي شروعات ۾ ظاهري علم سان ڪا نسبت نه هئي. مولانا فخر الدين زرآوي رحمته الله عليه هڪ ڏينهن پير جي خدمت ۾ عرض ڪيو ته اهڙو شائسته زيرڪ طبيعت جو جوان علم کان بغير آهي. هي سڻو نه ٿو لڳي. جيڪڏهن هي جوان ڇهن مهينن لاءِ منهنجي حوالي ڪيو وڃي ته هن جو سينو اهڙن علمن سان پري ڇڏيان جن جو گهر دقيقه شناس عالمن جو ئي ضمير ٿي ٿو سگهي. چنانچه تمام ٿوري ڪوشش سان پاڻ علم حاصل ڪري ورتائون. ۽ هندوستان جي آئيني جو لقب حاصل ٿين. چون تا ته انهيءَ خدمت گذاريءَ جي زماني ۾ چند دفعا پير جي اجازت حاصل ڪري پنهنجي مهربان ماءُ جي ديدار لاءِ بنگالہ ويا ۽ واپس آيا هئا. جڏهن ٻنهين جهانن جي سعادت حاصل ڪيائون ته پير خلافت جو خرقو ڏئي پنهنجي پيدائش واري جاءِ تي رهڻ جي اجازت ڏني. هتي ٿورڙي وقت ۾ ننڍن وڏن جا پيشوا ٿي ويا ۽ رحلت کان پوءِ اتي ئي آرام ٻه ڪيائون.

شيخ عمر اسعد لاهوري رحمة الله عليه جي ياد ۾

علاؤالحق مخدوم العالم علامتل بنگالي سندن القاب آهن. پاڻ درسي ۽ لُدني ٻنهين علمن جا عالم هئا. شيخ اخي سراج جا مريد آهن. جيڪو سلطان نظام الاوليا چشتيءَ جا بزرگ خليفا هئا. آخر ۾ نياڻا ٻه ٿي پيا. ۽ ملڪ بنگال بهار ۾ سيني رهروان حقيقت جا پيشوا ٿيا. سندن قبر پنڊ واه ۾ آهي.

شيخ نور قطب عالم رحمة الله عليه جي ياد ۾

سندن نالو احمد ۽ لقب نورالدين ۽ نورالحق آهي. شيخ علاؤالدين والحق جا پٽ ۽ خليفا آهن. جيڪو شيخ اخي سراج جي بزرگ خلفاءَ مان آهي. خوابگاه پندوه آهي جيڪو صوبي بنگال ۾ آهي. درود نياز ۽ سوز و گداز کين گهٽو هو. والد جي خانقاه ۾ جيترا ٻه درويش رهندا هئا انهن جون سڀ خدمتون جيئن ڪپڙا ڏوئڻ- پاڻي گرم ڪري ڏيڻ- ڪانيون آڻي ڏيڻ- ٻهاري ڏيڻ پاڻ سرانجام ڏيندا هئا. هڪ ڏينهن والد بزرگوار فرمايو ته نور ڏس فلاڻيءَ جاءِ تي

www.maktabah.org

جنهن کوهه مان شهر جون عورتون پاڻي ڪين ٿيون ان جي آس پاس چڪڻ آهي ويچارين عورتن جا پير ترکن ٿا. انهيءَ جاءِ تي صبح جو چاشت تائين ۽ ٽئين پَهَرَ کان شام تائين بيهندو ڪر ۽ ٿانو پنهنجي مٿي تي کڻي انهيءَ چڪڻ مان ڪڍي جنهن جا هجن انهن کي ڏيندو ڪر. چئن سالن تائين پاڻ اها فرمانبرداري ڪندا رهيا. سندن مڪتوبات ۾ آهن. جن ۾ سلوڪ ۽ طريقت کي شيرين عبارت سان بيان ڪيو ويو آهي. ۽ درد ۽ نيازمنديءَ جي اسرارن کي موثر ۽ شوق افزا لفظن ۾ لکيو آهي. هيٺيان ڪجهه فقرا انهن مڪتوبات مان آهن. "نور! مسڪين عمر ضايع ڪري ڇڏي ۽ مقصد حاصل ٿيڻ کي ان جي هوا ۾ نه لڳي. حيرت ۽ حسرت جي جنگل ۾ بال وانگر سرگردان ۽ پريشان ڦرندو رهيس. عمر ست کان گذري وئي تير ڪمان مان نڪري ويو ۽ نفس اماري جي بديءَ کان چوٽڪارو نه مليو. هٿ ۾ هوا- جگر ۾ باهه- اکين ۾ پاڻي- مٿي ۾ مٽي ۽ دل ۾ زخم- انهن شين کان سواءِ ڪجهه به حاصل نه ٿيو ۽ هميشه ندامت ۽ پشيمانيءَ کان سواءِ ڪجهه هٿ نه آيو."

شيخ جلال الدين جد شيخ حسام الدين ماڻڪپوري رحمۃ اللہ علیہ جي ياد ۾

پاڻ عالم- عابد- عارف- عزيز صابر ۽ متقي هئا. هميشه سومهڻيءَ نماز کان پوءِ ايڪيتاليهه دفعا سورة يٰسين شريف ختم فرمائيندا هئا. سلطان نظام الاولياءجي خليفي شيخ محمد سان بيعت هئا. چون ٿا ته شيخ محمد دولتمند سپاهين ۽ ڪامياب تونگرن جي لباس ۾ رهي پنهنجي حالت کي لڪائي رکندا هئا. ۽ سلطان ۽ صاحبانِ منصب وٽ به ايندا ويندا رهندا هئا. هڪ ڏينهن ماڻڪپور جي قاضي ۽ ان جي پٽ امتحان وٺڻ لاءِ سندن وٽ اچڻ جو ارادو ڪيو ۽ هي سوچي آيا ته جيڪڏهن پاڻ اسان کي قند ڏيندا ته اسين سندن ولايت کي تسليم ڪنداسين. پاڻ پنهنجي باطني قوت سان اچڻ وارن جو پهچڻ کان اڳ مقصد معلوم ڪري ورتو فرمايائون ته حسام الدين هاڻي ٿوري دير ۾ چند سادا قسم جا ماڻهو هن درويش جو امتحان ڪرڻ لاءِ اچي رهيا آهن ۽ انهن جي دل ۾ قند (ڪنڊ) جي خواهش آهي. ٿوري ڪنڊ وٺي اچ ته جيئن دل سان گڏ

www.maktabah.org

سندن وات بہ مٹو کرائجي. ۽ هن امت جي درويشن ڏي سندن اعتقاد پيدا ٿئي. جڏهن قاضي صاحب سندن خدمت ۾ پهتو تہ اتي قند رکيل ڏسي مسکرائي شرم کان ڪنڌ هيٺ ڪيو. موڪلائڻ وقت مهماني ۽ لاءِ عرض ڪيائين. فرمايائون تہ چاليهہ سالن کان ڪجهہ عرصو زياده ٿيو آهي تہ مون قضا جي مقلدن جي دسترخوان تان ڪاڏو نہ ڪاڏو آهي. قرآن پاڪ جي ڪتابن جي اجرت سان لقمو ڪائيندو آهيان. ۽ ڪڏهن بہ بغير وضو قلم کي مَسُ مان ٻوڙي ڪاغذ تي نہ هلايو اٿم.

مولانا خواجہ رحمۃ اللہ علیہ جي ياد ۾

پاڻ شيخ جلال الدين جا پٽ ۽ مولانا حسام الدين ماڻڪپوري ۽ جا پي: آهن. عالم- فقيہ منش- درويش خو ۽ فاقہ ڪش هئا. هڪ ڏينهن ٽن ڏينهن جي فاقي کان پوءِ هڪ شخص فتويٰ لکڻ لاءِ ڪجهہ نقد ڪٽي آيو. پاڻ قبول نہ فرمايائون. گهر وارن گهڻ وڌ ڳالهيو. پاڻ کوبہ جواب نہ ڏنائون. ايتري قدر جو شام ٿيڻ لڳي. هڪ امير ماٺهو ماڻڪپور ۾ لٽل هو. اُهو هڪ دعا پڙهندو هو جنهن ۾ هڪ لفظ تي هن جي دل ۾ الجهن پيدا ٿي. شهر وارن کا دريافت ڪيائين تہ هتي ڪو عالم آهي جنهن جي خدمت ۾ وڃي علمي مشڪلات پيش ڪجن. ماٺهن چيو تہ مولانا خواجہ آهي. امير ڪمال عزت ۽ احترام سان کين گهرائي جيڪو مشڪل هو سندن خدمت ۾ ظاهر ڪيو پاڻ فوراً حل ڪيائون. جيتري رقم منجهند جي وقت نہ ورتي هئائون اوتري نقد هڪ ڪپڙن جو جوڙو ۽ ڪاڏو پيش ڪري گهر روانو ڪيائون. ان وقت گهڻ وڌ ڳالهائڻ وارن کي مذاق ۾ چيائون ۽ تنبيهہ ڪيائون تہ جيڪو مون وانگر همٽ کان ڪم وٺي ناجائز شيءِ نہ ٿو وٺي جيئن مون کي اڄ مشڪوڪ شيءِ جي بدلي ۾ ان جي وٺڻ ڪري حلال ۽ پاڪ مال عطا ٿيو آهي. اهڙيءَ طرح ان کي بہ عطا ٿيندو آهي. هن تقرير جو خلاصو اهو آهي تہ جيڪڏهن انسان دنيا مان گذري وڃي تہ آخرت ان کي ملندي آهي ۽ جيڪڏهن آخرت کي بہ پنهنجي طرفان ڇڏي (يعني انجي خواهش نہ ڪري) تہ پوءِ ان جي عيوض حق سبحانہٗ ملندو آهي. ڏسو گذشتگيءَ جو شيوو توهان جو حصول جو درجو ڪٽان کان ڪٽي ٿو پهچائي.

www.maktabah.org

مولانا حسام الدين ماڻڪپوري رحمة الله عليه جي ياد ۾

پاڻ دنيا ۽ آخرت ۾ مقبول هئا. شيخ نور قطب عالم کان خلافت جو خرقو مليل هئن. شيخ شهاب الدين ماڻڪپوري رحه سندن بزرگ خليفن مان آهن. انهن پنهنجي پير جي سڀني مڪتوبات کي فراهم ڪري هڪ جلد تيار ڪيو هو. جيڪي پير پنهنجي فرزندن ۽ خليفن ڏي لکيا هئا. مڪتوبات جو تعداد هڪ سؤ ايڪيهه آهي. هنن مڪتوبات ۾ گهڻو حصو انهن مڪتوبات جو آهي جيڪي مولانا پنهنجي وڏي ۽ عزيز ترين فرزند شيخ فضل الله جي نالي لکيا هئا. شيخ فضل الله قاضي شاهه جي نالي سان مشهور هئا. ڪجهه خط پنهنجي ٻئي پٽ شيخ احمد جي نالي موڪليا هئائون. شيخ احمد کي پاڻ شيخ بڌا- نور ديده ۽ ديده نور ڪري چوندا هئا. ڪي خط شيخ نعمت الله جي نالي آهن. شيخ نعمت الله ماٺهن ۾ شيخ نٿوءَ جي نالي سان مشهور آهن. ۽ ڪجهه خطن جو حصو اهڙو آهي جيڪو شيخ زاهد- شيخ اڪمل- شيخ راجا ۽ شيخ خواند عالم مشهور به عاشق جي نالي به لکيا ويا هئا. هي سڀ شيخ نور قطب عالم جا ڏوهتا آهن. هنن سڀني کي خطن ۽ پيغامن جي ذريعي تلقين فرمائي سلوڪ طريقت ۾ عالي مقامات تي پهچايو. خلافت جي خلعت پارايائون. هدايتيابي ۽ هدايت ڏيڻ جو مرتبو عطا ڪيو. ليڪن سجاده نشيني وڏي پٽ شيخ فيض الله کي ئي عطا فرمائي اهڙيءَ طرح اڄ تائين شيخ فضل الله جا فرزند درجي بدرجي پنهنجي ڏاڏي جي جاءِ تي سجاده نشين ٿيندا آيا آهن. سڀ بنگال وارا اتفاق سان چون ٿا ته مخدوم حسام جا هڪ سؤ ويهه خليفا هئا جيڪي ڪمال جا صاحب هئا. انهن مان (1) سيد مسعود ابن سيد ظهير الدين فتحپوري جيڪو شيخ سيدن جي نالي سان مشهور آهي. (2) سيد حامد شاهه ابن سيد راجا شاهه مانڪ پوري (3) سيد محمد امير بڌا جن جو لقب سيد صوفي آهي (4) مولانا ڪمال الدين عزا الله (5) مولانا شهر الله ابوالقاسم ملتاني لکنوي (6) شيخ نصيرالدين محمود ابن شهر الله لکنو ي (7) مولانا فريد الدين سالار عراقي (8) شيخ احمد قنوجي (9) معين الاسلام اوڏي (10) مولانا منهاج الدين بهاري (11) مولانا جمال الدين حسن - فخر (12) شيخ ضياءالدين يوسف ابن داؤد ڪردي (13) مولانا سونڏو ڪردي (14) مولانا محمد علا ڪردي (15) شيخ تاج شهاب مانڪ پوري جن جو لقب ازراني شاه

www.maktabah.org

آهي. هي سڀ ذڪر ڪيل صاحبان اڪابرين زماني جا پيشوا هئا. ڪي اهل باطن هئا ۽ ڪي اهل ظاهر ۽ اهل بيان هئا. قدس الله اسرارهم. هڪ رسالو رفيق العالمين نالي سان آهي جنهن ۾ هڪ مريد سندن دلچسپ ڳالهيون فراهم ڪيون آهن. انهن ڳالهين مان هڪ فقرو اهو به آهي ته مريد جي نسبت پير سان بنڌڪل اهڙي آهي جهڙي چتيءَ جي نسبت قميص سان هوندي آهي. جيڪڏهن چتي سفيد آهي ته جڏهن قميص ڏوئبي ته چتي به سفيد ٿي ويندي ۽ جيڪڏهن چتي ڪاري آهي ته ان جي ڪاراڻ گهٽجي چتيءَ جي مائل ٿي ويندي. هي به انهن ڳالهين مان آهي ته جيڪڏهن مريد نيڪ آهن ته پير نيڪي ڪي انهن جي سمجهندو ۽ جيڪڏهن بُرا آهن ته انهن جون برايون معاف ڪري ڇڏيندو. بهرحال بيعت بي فيض نه رهندي آهي.

شيخ ڪالو رحمة الله عليه جي ياد ۾

سندن نالو ڪمال آهي ۽ شيخ حسام الدين مانڪپوريءَ جا مريد ۽ خليفا آهن. سندن رياضت عمدي هئي. ڪره ۾ قبر اٽن. بس انهن ڳالهين کانسواءِ سندن ڪنهن به حال جي خبر پئجي نه سگهي جيڪي قلر جي حوالي ڪجن.

شيخ شمس الدين محمد رحمة الله عليه جي ياد ۾

پاڻ نهايت پوڙها انسان هئا. بيعت ته هئا شيخ نور قطب عالم بنگاليءَ سان- مگر خلافت جو خرقو شيخ بايزيد کان مليو هئن ۽ سندن قيام اجمير ۾ هو. شيخ جمال الدين دهلويءَ جي پير شيخ سماءالدين جو دوستي ۽ ياريءَ جو رابطو ساڻن گهٽو هو. شيخ سماءالدين چوندا هئا ته سندن زبان مان بار بار ٻڌو اٿم ته مرشد خواجه معين الدين الاولياء جي نسل مان آهن. قدس اسرارهم.

مولانا شيخن نانڪپوري رحمة الله عليه جي ياد ۾

کين رباني ڪلام حفظ هو. گوشي نشيني ۽ اڪيلائي سان خوش رهندا هئا. ان جي باوجود زماني وارا سندن ئي آستاني جي طرف متوجه هئا. ڪاڏو

www.maktabah.org

کائڻ کان بلکل هٽ ڇکي ورتو هئائون ليکن اگر اچي ويندو هو ته هڪ لقمي کان وڌيڪ نه کڻندا هئا. جيڪو به سندن خدمت ۾ ويندو هو گفتگو ان جي حال مطابق کندا هئا يعني جيڪڏهن بهراڙيءَ جو ڳوناڻو هوندو هو ته ان کان پڇندا هئا ته تنهنجا ڏاند متارا آهن. ٻني سرسبز اٿئي علاقي جو حاڪم انصاف ڪندڙ آهي يا ظالم آهي. جڏهن کير چوندو هو ته هن قسم جو ڳالهيون ڪرڻ درويش جي مناسب حال نه آهي ته جواب ڏيندا هئا ته حقائق ۽ معرفت جون ڳالهيون ڪيئن دريافت ڪيان جن کي هي ماڻهو سمجهي ئي نه ٿا سگهن ۽ جيڪڏهن خاموش ويٺو رهان ته اڇڻ واري کي وحشت ٿيندي آهي. لاچار ڪلام ڪَلِّمُوا النَّاسَ عَلٰى قَدْرِ عُقُوْلِهِمْ (توهان ماڻهن سان انهن جي عقل جي موافق ڳالهيون ڪندا ڪيو) جي ڪرڻو پوندو آهي. ته جيئن جدا ٿيون ته خوشيءَ سان جدا ٿيون ۽ جڏهن هي شخص پنهنجي گهر وارن جي سامهون فخر سان چوندو ته اڄ شيخ مون کي هي چيو ۽ هي پڇو.

مناسبتن کي سمجهڻ وارا اهل سخن چگي طرح ڄاڻن ٿا ته هر جنس گفتگوءَ جي تقريب سان بر محل اڪثر ڳالهيون ياد اچي ويندين آهن. چنانچ هن مقام تي هڪ ڳالهه ياد آئي آهي. ڏهين صديءَ جي آخر ۾ چوٽين حصي جي شروعات هئي. ان وقت جو ذڪر آهي شهر بروده ۾ عمادالملڪ روميءَ جو پٽ چنگيز خان نالي گجرات جي وڏن امين مان هو. جڏهن هو ڪنهن سان ڳالهائيندو هو ته پنج سؤ درهم چاندي ان کي ڏينڊو هو. ۽ چوندو هو ته هن قاعدي جي پابندي ان ڪري آهي ته جڏهن هي شخص پنهنجي گهر پهچندو ته پنهنجي اهل و عيال کي چوندو ته اڄ چنگيز خان مون سان همڪلام ٿيو آهي. مطلب ته شيخ ۾ گهٽا تصرف ۽ خوبيون هيون جن جو قياس انهيءَ نموني تي ڪجي.

مولانا برهان الدين صوفي پورجمال الاولياءَ هانسوي قدس سرهما

پاڻ صاحب حال و قال هئا. علم حجت ۽ دليل به ڄاڻندا هئا. پاڻ فرمائيندا هئا ته جڏهن والد بزرگوار کي ناسوتي جهان مان کوڄ ڪرڻ جو وقت آيو ته سندن ڪنيز جيڪا پنهنجي وقت جي عارفه ۽ عابده هئي. ۽ جنهن کي

www.maktabah.org

حضرت گنج شکر رح مادر مؤمنان فرمائيندا هئا. جيڪو خرقو ۽ عصا والد بزرگوار جن کي حضرت گنجشڪر رح جن عطا فرمايو هو سامهون ڪٽي آئي. حڪم ٿيو ته برهان الدين کي ڏئي ڇڏيم. جواب ۾ عرض ڪيو ويو ته اڃا بار آهي. حڪم ٿيو ته ڪو حرج نه آهي. ماه نو آهي جلد بدر ٿي ويندو ۽ فرمايائون ته جڏهن هن جي هوش جو زمانو اچي ته ڪيس گهرجي ته سلطان نظام الاولياء جي خدمت ۾ ڪوشش ڪري ته سندن خدمت سان بنهين جهانن جا ڪمالات حاصل ٿي ويندا.

مولانا شمس الدين يحيٰ رحمۃ اللہ علیہ جي ياد ۾

گهڻا علمي ڪتاب سندن مطالعو ٿيل هئا. خاص ڪري اصول فقه جا ڪتاب چون ٿا ته هڪ ڏينهن پاڻ پنهنجي پاءُ مولانا صدرالدين جي جيڪو سندن هم سبق هو. مولانا ظهير الدين جي خدمت مان اُٿي سلطان نظام الاولياء جي خدمت ۾ حاضر ٿيو. سلطان الاولياءسبق مان سوال ڪيو. جواب ڏنائين ته ڪشف عنقريب ختم ٿيڻ وارو آهي ۽ ادب سان هڪ مشڪل جيڪا انهيءَ ڏينهن سبق ۾ هئي. فرمايائون ته سلطان الاولياء معمولي توجهه سان اُها دشواري توهان جي روبرو حل ڪري ڇڏي جيڪا ڪيترن ئي لم والا نسلم سان به مدرسي ۾ حل نه ٿي هئي. پاڻ اُتان عبرت حاصل ڪري استاد جي خدمت ۾ حاضر ٿيا ۽ گذريل حقيقت حال ظاهر ڪئي. ۽ وري ٻئي ڏينهن استاد جي همراه خانقاه نظاميه ۾ اچي بيعت ٿيا. ۽ خلافت جو خرقو ۽ اجازت نامو حاصل ڪيو. هڪ عرس جو هنگامو هو قوالي ٿي رهي هئي. هڪ غزل ٻڌي سندن حال دگرگون ٿيو. آهه و زاري ڪندي سندن نفس ناطقه روح رحمانيءَ سان وڃي مليو.

مولانا فخر الدين زرادي رحمۃ اللہ علیہ جي ياد ۾

پاڻ سنجيده عالمن ۾ نامور استادن مان آهن. چون ٿا ته هڪ ڏينهن سلطان نظام الاولياءِ نظر هنن تي پئجي وئي ته رسمي علوم جو خزانو ۽ درسي قيل و قال جو شان و شوڪت سڀ تباهه ٿي ويو. لاچار مريد ٿي ويا. سڄو ڪتب خانو مدرسي وارن کي تقسيم ڪري ڇڏيائون ۽ وحدت جي مسئلي

www.maktabah.org

کي پنهنجي نماز ۽ نياز جو قبلو بڻايائون. مطلب تہ پير جي اجازت سان حجاز جي سفر تي ويا جڏهن واپس اچي رهيا هئا تہ ٻيڙي ٻڏي پئي درياه ۾ ٻڏي ويا. غيب کان کنهن شخص آواز ڏنو هذا بهر عميق غريق في البحر- شيخ نجم الدين ابوالبرکات مالکي عربستان کان دهليءَ ۾ آيا هئا. بيان کيائون تہ مون هڪ سهڻي شڪل واري جوان کي انوار الاهيءَ پريل طبق هٿ ۾ ڏٺو. پڇومانس تہ تون کير آهين. کاڏي ٿو وڃين ۽ چا کنيو ٿو وڃين. جواب ڏنائين تہ مان فرشتو آهيان. لدني علم زراديءَ جي پٽ جي واسطي کنيو ٿو وڃان جنهن گذريل رات اکتسابي علم خدا جي محبت ۾ ڇڏي ڏنا آهن.

شيخ شمس اوتاولہ رحمۃ اللہ علیہ جي ياد ۾

اوتاولہ هندي زبان ۾ جلد باز کي چوندا آهن. هدايت ڏيڻ ۾ سندن شعاع پنهنجي نالي وانگر مثل آفتاب ۽ فائدي رساني ۾سندن رفتار پنهنجي لقب وانگر چند مثل هئي. چون تا تہ پاڻ سلطان نظام الاوليا جي حضور ۾ هن قسم جون ڳالهيون گهٽيون کندا هئا تہ هڪڙي صورت جي آرائش ۽ طنيت (عادت) جي زيبائي اندورني افسردگيءَ جو نشان دلبستگيءَ جو گواه آهي، کيئن درويش لاءِ موزون ٿي سگهي ٿي. سلطان نظام الاولياءجواب نہ ڏيندا هئا. انهن ئي ڏينهن ۾ هڪ رات خواب ۾ ڏٺائون تہ سلطان نظام الاولياءپنهنجو مٿو پيغمبر عليہ السلام جن جي مبارک ران تي رکي ستا پيا آهن. ان وقت کان طعني جي زبان کاڻي اچلائي ڇڏيائون ۽ پوءِ هميشہ ادب ۽ اعتقاد ملحوظ رکيائون. سلطان الاوليا بہ فرمائيندا هئا تہ جنهن کي پنهنجي مراد جلد حاصل کرڻي هجي پوءِ پلي اُها هن جهان ۾ هجي يا هن جهان ۾ اُهو اسان جي شمس جي خدمت کري. انهيءَ بنياد تي کين اوتاولہ چوندا آهن. خواب گاه دهلي.

شيخ حيدر رحمۃ اللہ علیہ جي ياد ۾

پاڻ خاموشيءَ کي پنهنجي حُسن حال جو نقاب بنائي رکيو هئائون ۽ هميشہ جهان وارن سان مليل جُليل رهندا هئا. پاڻ سلطان المشائخ نظام الاولياءجي خليفن مان آهن. خوابگاه لاڏو جي سراءِ ۾ آهي.

www.maktabah.org

خواجہ تقي الدين نوح رحمۃ اللہ علیہ جي ياد ۾

پاڻ خواجہ هارون جا پاءُ آهن. درويشن جهڙيون عادتون- عالمن جهڙي طبيعت ۽ عابدن جهڙي روش هئن. بي انتها عبادت ۽ رياضت ڪرڻ سان ڏينهن ۽ رات ۾ ڪين ڪائڻ ۽ پيئڻ جي به فرصت نه هوندي هئي. هڪ ڏينهن سلطان نظام الاولياء پڇين ته ايتري قدر عبادت ڪرڻ سان تنهنجي آرزو ڇا آهي. جواب ڏنائون. پير بزرگوار جي عمر جي درازي (وڏي). سلطان نظام الاولياء گهٽو خوش ٿيا چون ٿا ته آخرڪار پنهنجي صحت- بيماري دق جي هٿن ۾ وڪٽي شيخ کان اڳ ئي ڪوچ ڪري ويا.

خواجہ ابوبڪر مصليٰ بردار رحمۃ اللہ علیہ جي ياد ۾

پاڻ گويا عزت ۽ ڪرم جا خزانا ۽ ذوق و شوق جي ڪاڻ هئا. سندن سماع جي وقت خانقاه جا در دروازا جنبش ۾ اچي ويندا هئا. ۽ حاضرين مجلس ۾ ايترو ته جوش هوندو هو جو فرياد آسمان تائين ويندي هئي. توڪل ۽ استغنا جي دائري کان پير ڪڏهن به ٻاهر نه ڪڏيائون. اهل دولت جي آستاني تي ڪڏهن به احتياج ڪٽي نه ويا ان جي باوجود سيني کان سنا ڏينهن گذاريائون.

خواجہ رفيع الدين هارون رحمۃ اللہ علیہ جي ياد ۾

پاڻ سلطان نظام الاولياءجا مريد ۽ پاٽجا هئا. پير جي جي نظر ۾ سيني عزيزن ۽ مريدن کان زياده عزيز هئا. پير کانئن بغير ڪاڏو به نه ڪائيندا هئا. ڪلام رباني حفظ هئن. تيراندازيءَ ۾ هٿ هلڪو ۽ نشانو درست هئن. سلطان الاولياءکين زندگيءَ ۾ ئي پنهنجي اوقاف جو متولي ڪري ڇڏيو هو.

شيخ بابو چشتي رحمۃ اللہ علیہ جي ياد ۾

سندن خوابگاه ڪنبايت ۾ آهي جيڪو هڪ بندر آهي. احمدآباد کان ٻه منزلون پري. شيخ شيدا سندن مريد هئا. پير مريد (شيخ شيدا) کان سواءِ ڪاڏو نه ڪائيندا هئا. هڪ ڏينهن هڪ خادم ڪميٽي پن ۽ گهٽي بک لڳڻ ڪري چيو

www.maktabah.org

ته هڪ جولاهو ڪيئن انهيءَ قابل ٿي ٿو سگهي ته ان جو انتظار ڪيو پيو وڃي. پير فرمايو ڪاڏو آڻيو. جڏهن ديگ تان ڍڪڻ هٽايائون ته اُن ۾ ڪيڙا چڙهڻ لڳا. فرمايائون پوءِ ڍڪي چڏ ۽ ڍڪيل رکو. جيستائين شيدا نه اچي. جڏهن شيدا آيو ۽ ڪاڏو ڪڍيو ويو ته بلڪل صاف هو. غوثي- طلسمي عالم کي هڪ هنگامو سمجهڻ گهرجي جنهن جو عرض ۽ جوهر هر هڪ شخص جي نظر ۾ ان جي انديشي ۽ خيال جي تابع هوندو آهي. ليڪن تغير اڪثر معنيٰ ۾ هوندو آهي ۽ ان کي ظاهر شريعت ۾ به جائز سمجهندا آهن. ۽ صورت جي تبديلي هڪ قسم جي ڪرامت آهي. اولياءَ الله ڪرامات جي ذريعي ان کي به ممڪنات مان سمجهندا آهن. ۽ شين جي باطن تي جيڪو حڪم آهي اُهو جمال ۽ جلال جو ئي آهي. جيڪو گوناگون اسماءَ ۽ صفات جي پردي ۾ ظاهر ٿي رهيو آهي. جيئن متئين خادم جي نظر ۾ ڪاڏو ڪيڙا ٿي ويو. جنهن جي دل جلالي تجليءَ ۽ حقيقت پوشيءَ جي نالي ٽيل هئي. ۽ شيدا جي نظر ۾ عقيدت جي صفت سان آراسته هئي. حديث لَهَا صَدَقَةٌ وَّلَنَا هَدِيَةٌ (جيڪو انهن جو صدقو آهي. اهو اسان جي لاءِ هديو آهي) انهيءَ ئي مقام جو بيان آهي.

خواجه شمس الدين دهلوي رحمة الله عليه جي ياد ۾

پاڻ امير خسرو رحه جي پيٽ جاپٽ آهن. قافيه جو علم- نظر جو ذوق- ۽ طبيعت جي موزونيت جون صفتون سندن ذات ۾ڪمال درجي جون موجود هيون. سلطان نظام الاوليا جي جمال باڪمال تي عاشق هئا. ايتري قدر جو نماز پڙهڻ وقت جيستائين سلطان الاوليا جي منور چهري تي نظر نه وجهندا هئا تڪبير تحريمه نه چوندا هئا. فرمانبرداران نظاميه مان ڪن جو قول آهي ته عشق جي ئي بيماريءَ ۾ جان ڏنائون. انهيءَ بيماريءَ کان سواءِ بي ڪابه علت سندن مزاج ۾ آخر دم تائين ڪانه هئي. ۽ جيڪا قبر بزرگوار مامي جي مزار کان هينائينءَ تي آهي چون ٿا ته اُها سندن ئي قبر آهي. شايد هوندي.

خواجه عزيزالدين ابن خواجه ابوبڪر رحمة الله عليه جي ياد ۾

پاڻ شريعت جي گهر جا ٽنيا ۽ طريقت جي دربار جا وزير هئا. چون ٿا ته

www.maktabah.org

جوانيءَ جي شروعات کان زندگيءَ جي خاتمي تائين کڏهن بہ تکبير اولي هٿان وجڻ نہ ڏنائون. مقدس روضي نظاميہ ۾ گهٽو ڪري نماز جي امامت پاڻ ڪرائيندا هئا. ۽ اتان ٻاهر نہ ويندا هئا. هر جمع جي رات ختم قرآن ڪرڻ سندن وظيفو هو.

مولانا مغيث الدين دهلوي رحمۃ اللہ علیہ جي ياد ۾

پاڻ سلطان نظام الاوليا جي مقبول ۽ بزرگ خليفن مان آهن. هجري سن ست سؤ ويهہ ۾ پير بزرگوار جي اجازت سان مالوه جي طرف آيا. ۽ شهر اُجين ۾ شپرا درياه جي ڪناري گوشي نشين ٿي ويا. جڏهن علوي عالم ڏي ڪوچ فرمايائون تہ انهيءَ ئي جاءِ تي قبر بنائي وئي جتي گوشي نشين هئا. عجيب جاءِ آهي. هوا ۽ فضا جي اعتبار کان بهشت جو نمونو آهي هر جمعي جي رات گهٽا ماڻهو نذر ۽ نياز مند مزار وٽ درويشن ۾ تقسيم ڪندا آهن. سرود و سماع جي مجلس ٿيندي آهي.

سيد شمس الدين خاموش رحمۃ اللہ علیہ جي ياد ۾

پاڻ سيد محمد ڪرمانيءَ جا فرزند آهن. سندن مُنهن حَسين هو ۽ عادتون دلڪش هيون. اڪثر نظاميہ خلفاءِ سرود و سماع جي مجلس سندن گهر ۾ ڪندا هئا. ڇون تا تہ هڪ گهٽ عقل وارو ماڻهو هو انهيءَ سندن سيادت ۽ ولايت تي اعتراض ڪيو هو. انهيءَ وقت ڏنائين تہ ڪاوڙ ۾ ٻريل هڪ جماعت انهيءَ شخص جا هٿ ٻڌي ڦاهيءَ جي تختي جي هيٺان وڌي وئي. هيءَ حالت ڏسي اُهو شخص دل ۾ پنهنجي خيال کان باز آيو. پوءِ خوف ڏيارڻ واري صورت مع پنهنجي اثرات جي نظر کان غائب ٿي وئي. اعتراض ڪرڻ واري هي عجائبات ڏسي سندن قدمن ۾ سر رکيو. عذر ۽ معذرت سان پيش آيو ۽ جيڪي ڪجهہ هن تي واقعو گذريو هو. بيان ڪيائين. ڇون تا تہ پاڻ هجري سن ست سؤ ويهہ ۾ هڻ فاني جهان کي ڇڏيو. مصرع:

داشت رويش در دل و دردیده حکم آفتاب

www.maktabah.org

مخدوم جهانيان قدس سرهُ ﷺ جي ياد ۾

سندن نالو سيد جلال هو. پاڻ بخارا جي سادات عظام مان آهن. ظاهري علم ۽ باطني معلومات سڀ ڪجهہ کين حاصل هئي. عالم غيب کان عالم دنيا ۾ اچڻ جي تاريخ پندرهين شعبان جي رات آهي. ۽ هجري سن ست سؤ ست هئا ۽ امڪاني سراءِ کان وجوب جي محل ڏي باز گشت جو سال ۽ مهينو قرباني ۽ جي عيد جو ڏينهن ۽ هجري سن ست سؤ پنجاسي ماڻهو بيان ٿا ڪن. پاڻ شيخ رڪن الدين ابوالفتح قرشيءَ جا مريد ۽ نصير الاولياءچراغ دهليءَ جا خليفا آهن. ڪجهہ ڏينهن کين امام عبدالله يافعي صاحب تاريخ سان بہ صحبت جو اتفاق رهيو آهي. هڪ ڪتاب جلالي خزانو سندن ملفوظات مان آهي. ان ۾ پاڻ گهڻيون فائديمند ڳالهيون امام کان لکيون اٿن. ۽ سندن هڪ مريد هو جنهن جو نالو شيخ جمال هو. پنهنجي وقت جو عالم هو. انهيءَ جيڪي سندس پُراثر ڳالهيون سڏي يا اٽڪڻي طرح ٻڌيون آهن انهن سيني کي پنهنجي قلم سان لکيو آهي. جيڪو وڏو ڪتاب ٿي ويو آهي. جامع العلوم جلالي ان جو نالو ٻڌائن ٿا. سندن دلچسپ ڪلمات مان هيءَ ڳالهہ بہ آهي تہ پاڻ فرمايو اٿن تہ شريعت بدن جي عضون کي پاڪ ڪرڻ جو نالو آهي حڪمن جي تعميل ۽ منع ڪيل ڪمن کان پري رهڻ جي ذريعي. طريقت دل کي منور ڪرڻ آهي تهذيب اخلاق جي مدد سان ۽ حقيقت نفس ناطقہ کي پاڪ ۽ صاف ڪرڻ آهي. روح جي آئيني سان ماسوائي (دوئيءَ) جو زنگ دور ڪري. انهيءَ بنياد تي شريعت جي جبلن مان هڪ ذرو بہ طريقت ۽ حقيقت جي آفتاب جي شعائن کان بهتر ۽ بزرگ تر هوندو آهي. حالانڪ شريعت سان مخلوقات جي صرف جسم جي ظاهري افعال ۽ اقوال جي آراستگي ٿيندي آهي. ۽ طريقت و حقيقت جو تعلق اندروني آزاديءَ سان هوندو آهي ۽ طريقت ۽ حقيقت الله عزاسمہُ جون نظرگاه آهن. چو تہ شريعت سان گڏ گنهگاري- اجايا سجايا خيالات- اندروني ڪفر ۽ لڪل شرڪ هي سڀ شيون هڪ شخص جي اندر جمع ٿي ٿيون سگهن، بر خلاف طريقت ۽ حقيقت جي، جو هي ٻئي شيون روح جي روشن ضميريءَ تي ٻڌل آهن ۽ روشن ضميريءَ جو پيدا ٿيڻ راستي- درستي- يگانگي- يڪرنگي- گزشتگي- پرهيزگاري- هڪ کي ڏسڻ ۽ هڪ ئي سوچڻ.

www.maktabah.org

انهن صفات سان متصف ٿيڻ کان سواءِ ممکن نہ آهي تہ مٿيون ڳالهيون ۽ طريقن جو نالو اصطلاح تصوف ۾ تزکيو. تصفيو ۽ تجليہ آهي. هنن طريقن جو تفصيل ۽ صحيح بيان گهٽن تصوف جي ڪتابن ۾ لکيل آهي. جيڪو ڏسڻ جي قابل آهي.

عيد قربان جي ڏينهن ملک الموت مخدوم وٽ آيو امانت جي واپسيءَ جو پيغام آندائون. فرمايائون تہ واپس هليو وڃ ۽ ٽيهريءَ تائين صبر ڪر تہ جيئن جلال جي پٽن کي خوشيءَ جو صبح ماتم جي شام نہ ٿي وڃي. جڏهن ماٺهو عيد جي چهل پهل کان فارغ ٿيا تہ پاڻ معنوي سفر ڪيائون.

سيد شرف الدين مشهديءَ پنهنجي رسالي ۾ لکيو آهي تہ مخدوم کي چار سؤ چاليهن کان ڪجهہ وڌيڪ بزرگن کان خلافت مليل هئي. انهن مان جيکي شجري ۾ لکيل ۽ ياداشت ۾ لکياويا:

فهرست خلافت مخدوم قدس سرہُ جيڪا صحيح بيانن مان معلوم ٿي آهي.

پهريائين والد بزرگوار سيد ڪبير بخاريءَ کان خلافت هئي	هي سلسلو آبا و اجداد جي ذريعي حضرت اميرالمؤمنين علي ڪرم الله وجهہ تائين پهچي ٿو.
ٻي - پنهنجي ڏاڏي سيد محمد بخاري کان هئي.	هي ٻئي خانواده شيخ بهاءالدين زڪريا رحہ تي منتهي ٿا ٿين.
ٽين- شيخ رڪن الدين ابوالفتح کان هئي.	
چوٿين- شيخ الاسلام محمود شاه زاد بوم تستر مسڪن سورڪاه علاقہ فارس کان.	مخدوم هجري سنہ ست سؤ انيتاليهہ ۾ جڏهن محمود شاه جي عمر هڪ سؤ ٻٽيهہ سال هئي. خدمت ۾ پهچي خلافت جو خرقو حاصل ڪيو هو. ۽ ڪتاب عوارف المعارف خطبي کان آخر تائين پير وٽ ان جي مصنف جي خدمت ۾ پڙهيو هو. ٻيو ٽيون ۽ چوٿون انهن ٽنهين خانوادن جو سلسلو شيخ عمر بن محمد شهاب الدين سهروردي‌ءَ تائين پهچي ٿو.

www.maktabah.org

پنجين- امام عبدالله يافعيءَ کان خلافت هئي.	هي شجرو ابومدين مغربيءَ تائين پهچي ٿو.
ڇهين- شيخ ابو عبيد عينيءَ کان...	هي ٻئي سندون محي الدين عبدالقادر جيلانيءَ سان وجي ملن ٿيون.
ستين-شيخ نورالدين علي ابن عبيدالله طرابلس کان	
اٺين- شيخ فريدالدين گنج شڪر رحہ کان عالم روحاني ۽	هن چئني باغن ۾ شگفتگي خواجہ معين الاولياءَ چشتي اجميريءَ جي نوبهار هدايت کان آهي.
نائين- شيخ قطب الدين منور کان.	
ڏهين- مولانا شمس الدين يحيٰ اوڌيءَ کان	
يارهين- نصيرالاوليا چراغ دهليءَ کان.	
ٻارهين- شيخ رکن الدين منجيءَ کان.	هي سلسلو شيخ ابوعبدالله خفيف شيرازيءَ جي وسيلي سان سلطان ابراهيم اُدهم تائين پهچي خواجہ اُويس قرني رضی الله عنه تائين منتهي ٿئي ٿو.
تيرهين- سيد جلال اوچويءَ کان...	هي هدايت جو خاندان شيخ نجم الدين ڪبريٰ سان وجي ملي ٿو.
چوڏهين- سيد حميدالدين محمود چشتي سمرقندي کان.	هي خانوادو خواجہ مودود چشتيءَ تائين پهچي ٿو.
پندرهين- شيخ نجم الدين اصفهانيءَ کان	هي خاندان شيخ ابوبکر نساج تي پورو ٿو ٿئي. قدس سرہُ الله اسرارهم اجمعين.

هنن کان علاوه ٻيون خلافتون جيڪي صحت جي درجي کي نہ ٿيون پهچن. گهٽيون آهن. هڪ بيان آهي تہ سَوَ کان بہ وڌيڪ آهن. هاڻي مٿي بيان ٿي چڪو آهي تہ سيد شرف الدين مشهدي رحہ جن پنهنجي تذڪري ۾ لکيو تہ ڪجهہ چار سؤ چاليهہ کان بہ مٿي خدا شناس رهنمائي ۽ عالمن کان مخدوم

www.maktabah.org

صاحب خدمت ڪري خلعت خلافت ۽ فيض حاصل ڪيو هو. جيتري قدر ڪوشش جي ذريعي سان تحقيق ٿيو آهي. لکيو ويو. اگرچہ ٻيا رسالا اهڙا موجود آهن جن ۾ مخدوم رحہ جن جي خلافتن جو سلسلو ڪن ۾ مٿي ذڪر ڪيل آهي پر لکيل حال ڪيستائين اطمينان جي قابل آهي العلم عندالله.

امير سيد احمد بن سيد محمد ڪرماني رحمۃ اللہ علیہ جي ياد ۾

سندن ڪرامتون زبردست هيون ۽ حالات قوي هئا. سلطان محمد تغلق شاه بادشاهيءَ جي زوم ۾ اچي سندن پيرن ۾ لوهہ جون ٻيڙيون وجهرايون هيون. پر اهي هٿ لڳائڻ کان سواءِ ڪُلي پيون. جڏهن هي ماجرا سلطان ٻڌي تہ سندس دل ۾ محبت پيدا ٿي ۽ استحڪام سان پيدا ٿي ۽ ازسر نو سلسلو قائم ٿي ويو. علمي ڪمالات سلطان نظام الاولياءڪان حاصل ٿيا هئن. خلافت جو خرقو بہ سلطان الاوليءڪان ئي هئن. سلطان الاولياءَ جي خليفن جا اجازت نامہ پاڻ لکندا هئا. ايڪيهين شعبان هجري سنہ ست سؤ ٻاونجاهہ تي پاڻ پنهنجي زندگيءَ جو پير تعينات جي زنجير مان ڪڍي ورتو.

گر نيارد بست پائي هوشمند- حلقہ حلقہ بگسل آن زنجيررا

شيخ نصير الدين محمود اوڌي رحمۃ اللہ علیہ جي ياد ۾

گنج معاني ۽ چراغ دهلي سندن لقب آهي. نفس جيڪو بظاهر دوست ۽ عادتاً دشمن آهي. ان جي لڙائيءَ ۾ ڪين فتح منديءَ سان گڏ ڪاميابي بہ حاصل ٿي هئي. وجدان- ڪشف ۽ اشراف هي مدارج بہ ڪين حاصل هئا. شيخ جمال دهلويءَ سير العارفين ۾ لکيو آهي تہ سلطان نظام الاولياء جي زندگي نوي ۽ چار چورانوي ڪي پهتي تہ ارڙهين ربيع الثاني هجري سنہ ست سؤ پنجويهہ تي خليفن جي انجمن سڏائي ۽ هر هڪ کي خلافت جو خرقو عطا فرمائي جدا جدا طرفن ڏي موڪليو آخر ۾ چراغ دهلوي رهجي ويو ڪين پنهنجي پير جو خرقو عطا فرمائي مصلو- تسبيح ۽ ڪستو عنايت فرمائي پنهنجو جانشين ڪيو. ۽ دهليءَ وارن جي رهنمائي سندن سپرد ڪري وصيت فرمائي تہ غيرن جي آزار ۽ تڪليف تي صبر ڪرڻ پنهنجي عادت رکجانءِ. انهيءَ ڏينهن

www.maktabah.org

پوئين وقت اکيون بند ڪري عالم قدس ڏي روانہ ٿي ويا. بعد ۾ سيني خليفن ۾ سندن جانشينءَ تي خوشي سان رضامندي ظاهر ڪئي.

چون تا تہ سلطان محمد تغلق شاه جو مزاج صحيح نہ هو. بغير وقت جي خواهشون ۾ ڪم پيش ڪري کين ناحق تڪليف پهچائيندو هو. رازدارن چراغ دهليءَ جي خدمت ۾ عرض ڪيو تہ جنهن دعا سان ڪيفر ڪردار ملي اهڙي دعا سان بدڪردار کي گوشمالي ڇو نہ ٿي ڪئي وڃي. فرمايائون تہ نصير جو معاملو پنهنجي عليم ۾ بصير سان اهڙو آهي جو هو بغير لغزش جي اهڙي آزمائش تي گوشمالي نہ ڪندو آهي. انهيءَ بنياد تي سلطان سان دل ۾ ڪدورت پيدا ڪرڻ درويش جي واسطي زيبا ناهي. بلڪ احسان مند هجڻ مناسب آهي. مطلب تہ سندن ارشاد جي دامن مان گهٽن خدا شناس ماڻهن کي ولايت حاصل ٿي ۽ اهي قطب ۾ ٿيا. ڪن جا صحيح حالات انهن جي حالات جي ياداشت سان ظاهر ٿيندا آهن. جيڪي ساڻن بيعت آهن ۽ جن خلافت جو خرقو حاصل ڪيو آهي. پاڻ پير ڪان پوءِ ٻيهر سال تائين ماڻهن جي هدايت ڪئي پوءِ سفر آخرت ڏي واپس ٿيا.

بيت

چـــراغ دهلي از بهر مسيحا آسماني شـد
ڪ تا خورشيد رابـا خويشتن همسايہ گرداند

شيخ ابراهيم رحمۃ اللہ عليہ جي ياد ۾

پاڻ شيخ نصيرالدين چراغ دهليءَ جا امام هئا. چون تا تہ نماز شروع ڪرڻ وقت تڪبير اولي ۾ سندن نظر ڪعبتہ اللہ شريف جي جمال تي پوندي هئي. انڪري لاچار پاڻ "منهنجو منهن ڪعبتہ اللہ شريف ڏي" چوڻ جي بجاءِ چوندا هئا تہ "منهنجون اکيون ڪعبتہ اللہ شريف ڏي" سندن قبر ڪالپيءَ هڪ قبر جي اندر آهي جيڪو مولانا خواجگي قدس سرہٗ جن جي گنبذ جي برابر آهي.

مولانا خواجگيءَ جا ٻي پائر ٻيا ۾ هئا. مولانا مغيث الدين ۽ مولانا وجيہ الدين هي ٻئي هڪ ئي جاءِ تي اُجين ۾ پاڻيءَ جي ڪناري تي آرامي آهن. اڪثر ماڻهو جمع جي رات نذر ڪٹي ويندا آهن. ۽ مولانا غياث الدين ڳوٹ دهاڙ جي حدن ۾ آرام ڪيو آسي. ۽ هي ٻئي شهر ملڪ مالوه ۾ آهن.

www.maktabah.org

سيد حسين نهروالہ رحمۃ اللہ علیہ

خليفہ نظام الاولياء رحمۃ اللہ علیہ جي ياد ۾

خرق عادات جو لباس ۽ عبادت جي خلعت جيڪي معرفت ۽ حقيقت سان آراستہ هئا. پاڻ بدن تي پائي ڇڏيا هئائون. هجري سنہ ڇهہ سؤ انهٺ ۾ عالم غيب جي خلوت خاني کان عالم ظهور ۾ تشريف فرما ٿيا. ۽ سترهن سالن جي عمر کان پوءِ خدا طلبيءَ جي رستي ۾ قدم رکيائون. هڪ سؤ تيره سال طريقت جو سير فرمائي هجري سنہ ست سؤ اناڻوي ۾ عالم صورت کان معنيٰ جي ملڪ ڏي ڪوچ فرمائي ويا. سندن قبر نهروالہ شهر جي تلاءِ سهسلنگ جي ڪناري آهي.

چون ٿا تہ حُسن ۽ تجمل جي آغاز ۾ هڪ ڏينهن پاڻ رستي هلندي بهلول مجنون وٽ وڃي پهتا. بهلول جي خدابين اک سندن جمال ۽ حال تي پئي. اهڙا تہ عاشق ٿي پيا جو خود ساڻس هلي پيا. ڪجهہ بين پرستارن ٽورو هلي موڪلايو. مگر هو تہ دلداده هئا. ٽورو پري هلڻ ڪارگر نہ ٿيو انڪري حُسن جي صاحب تنگ ٿي بهلول جي پنيءَ تي هڪ چهبڪ وهائي ڪڍيو. بهلول نعرو هنيو ۽ رقص ڪرڻ لڳو چهبڪ هڏ وارو نعري جو آواز ٻڌي بيهوش بلڪ ديوانو ٿي پيو. ٻارهن سال برابر هڪ وڻ هيٺان گذاري ڇڏيائين ۽ جيڪي وڻ جا پن ڪرندا هئا اُهي کائيندا هئا. اوچتو هڪ رات خواب ۾ حضور خاتم الانبياءِ عليہ السلام جن کين اِنَّ الَّذِيْنَ يُبَايِعُوْنَكَ اِنَّمَا يُبَايِعُوْنَ اللّٰهَ (اي پيغمبر جيڪي ماٿهو تو سان بيعت ڪن تا اُهي ماٿهو بيشڪ الله سان بيعت ڪندا آهن) جي حلقي ۾ وٺي پنهنجي خاص ٽوپيءَ سان سرفرازي بخشي ۽ فرمايو تہ هر دور ۾ هڪ شخص اولياءِ الله جو مدار هوندو آهي. هن زماني ۾ سلطان نظام الدين اولياءِ الله جو مدار آهن. انهن جي خدمت ۾ فوراً وَڃُ. اسين بہ سفارش تا ڪيون. حڪم جي تعميل ڪئي وئي. جڏهن پاڻ خانقاه جي دهليز تي پهتا تہ سلطان نظام الاولياء باطني طريقي سان سندس اچڻ کان آگاه ٿيا. هڪ خادم کي حڪم فرمايائون تہ سيد حسين کي اندر سڏيو جڏهن خادم باهر آيو تہ انهيءَ نالي سان گهٽن ماٿهن کي بينل ڏنائون واپس هليو ويو. حڪم ٿيو تہ سيد حسين دهلويءَ کي سڏ ڪر. دهلوي نالي سان بہ چند ڇڻا موجود هئا. وري واپس آيو. ۽ وڃي خاموش ٿي بيهي رهيو.

www.maktabah.org

حڪر ٿيو تہ دهلوي غياث پوريءَ کي اسين سڏي رهيا آهيون. هن کان پوءِ سجاٽپ ٿي ۽ پاڻ اندر آيا. سلطان نظام الاولياء انهيءَ وقت ٿي پنهنجي مٿي تان ٽوپي لاهي کين ڏني. پاڻ فرمايائون تہ فقير خواب ۾ فاتح وحدت ۽ خاتم النبيين عليہ السلام جن سان بيعت ٿي چکو آهي. جواب ڏنائون تہ هيءَ محبت جي ٽوپي آهي بيعت جي نہ. ان ڳالهہ تي پاڻ انتهائي عاجزي ۽ انڪساريءَ سان ٽوپي قبول ڪيائون. ڪجهہ ڏينهن کان پوءِ درسي علمن جي حاصل ڪرڻ جي اجازت ملي ۽ ٿوري عرصي ۾ علم جا دروازا سندن روبرو کلي ويا حالانڪ هدايہ فقهہ تي مشڪل ڪشا حاشيو پاڻ لکيو اٿن.

خلاصو ڪلام هي تہ جڏهن ٻنهين جهانن جي ڪمالات سان پاڻ ڪامل ۽ مڪمل ٿي ويا تہ کين خلافت جو خرقو عطا فرمائي گجراتين جي هدايت لاءِ رخصت ڪيو ويو. جڏهن پاڻ پير جي حڪر جي مطابق پنهنجي همشيره بي بي آرام نالي سان گڏ گجرات آيا تہ هڪ ڳوٺ آهي ڪدوري نالي سان اتي پاڻ هڪ عرصي تائين خدا پرستي ڪندا رهيا ۽ پوءِ اتان نهروالا ۾ وڃي حجرو ناهيائون. ٻئي چڑها هئا. جيئن ماءُ جي پيٽ مان پيدا ٿيا هئا تيئن خاڪ جي پيٽ ۾ وڃي آرام ڪيائون. هڪ دفعي ٻہ مرد سپاهي صورت ۾ سندن وٽ آيا. پاڻ فرمايائون تہ دوستيءَ جو شوق دل مان جوش ٿو ڪري. انهن ٻنهين شخصن پنهنجي تلوار گروي رکي قوال جو ۽ کڇڙيءَ جو خرچ ڪيو ۽ پوءِ سندن خدمت ۾ آيا. پاڻ سماع ٻڌي خوش ٿيا ۽ ٻنهين کي خير جي دعا سان ٻنهين جهانن جون نعمتون ڏئي مالا مال ڪيائون.

چون ٿا تہ وقت جو بادشاهہ رعايا سان ظلم ڪندو هو. پاڻ گهٽي ٿي پند و نصيحت فرمائي. بادشاهہ جا ڪَنَ خوشامد ٻڌڻ جا عادي هئا. لهذا اها ڳالهہ ان کي پسند نہ آئي. پاڻ جلال ۾ اچي وري پيغام موڪليائون تہ تون ڪجهہ ٻہ نہ آهين. عزل ۽ نصب اسان جي اختيار ۾ آهي. ظلم ڪرڻ کان باز اچ يا واپس سفر جي واسطي تيار ٿي وڃ. هُن بدمستيءَ سان هن تنبيهہ کي ٻہ بس هوا سمجهو. انهيءَ ئي ڏينهن نانگن ۽ وڇُن جا لشڪر چئني طرفن کان ايندي نظر آيس. جڏهن سلطان هيءَ صورت ڏني تہ ظلم کان باز اچي توبهہ ڪيائين. ۽ ڪجهہ رقم سيد جي خرچ لاءِ مقرر ڪري مريدن واري سلوڪ سان پيش آيو.

www.maktabah.org

بي بي آرام حصورؒ جي ياد ۾

پاڻ سيد حسين نهروالہ رحہ جي پيٽ آهي. شريعت ۽ طريقت جو رستو هلڻ ۾ پنهنجي عارف پاءُ جي برابر هئي. جڏهن ٻنهين کي بزرگوار پير سلطان المشائخ نظام الاوليا جي خدمت مان گجرات وڃڻ ۽ رهڻ جي اجازت ملي تہ الاهي توفيق کي رفيق بنائي ٻئي انهيءَ ملڪ ۾ وڃي پهتا. ڳوٺ ڪدوري علاقي ديوهيءَ ۾ عبادت ۽ قيام لاءِ ڪنڌ اختيار ڪيائون. ۽ خداءِ تعاليٰ عزاسمہُ جي عبادت ۾ زندگانيءَ جو ماحصل يعني بي بها انفاس صرف ڪري دربار الاهيءَ کان سعادت قبول حاصل ڪئي. هڪ شخص محض بيهودو ۽ بي عقل هو. اتفاقاً اتي اچي نڪتو ۽ اهڙي طريقي سان سوال ڪيائين. جيڪو ادب جي بلڪل خلاف هو. يعني توهان ٻنهين جي وچ ۾ ڪهڙو تعلق آهي. جواب مليو تہ پاڻ ۾ پاءُ پيٽ آهيون. هن انهيءَ جواب کي ڪوڙو سمجهيو ۽ اهڙي نامناسب گفتگو سان پيش آيو جنهن سان آزار پهتو ۽ سيد جي پٽيءَ تي گستاخيءَ سان لڪٽ هنيائين. روايت آهي تہ انهيءَ لڪٽ جو نشان انهيءَ ظالم جي پٽيءَ تي لڳو. چون ٿا تہ هن وقت تائين انهيءَ ڳوٺ ۾ انهيءَ شخص جي نسل مان جيڪو ٻار پيدا ٿيندو آهي ان جي پٽيءَ تي اُهو نشان ضرور هوندو آهي. ان کان پوءِ ڪجهہ ڏينهن بعد پير بزرگوار جي اجازت سان پنهنجي پاءُ سان گڏ شهر نهروالہ ۾ وڃي جهوپڙي ٺاهيائون. ۽ هجري سن ست سؤ نوي ۾ ڪوچ ڪيائون. خوابگاه تلاءِ سهسلنگ جي ڪناري تي آهي. جنهن جي پاڻيءَ سان نهروالہ جا ماڻهو سيراب ٿيندا آهن.

سيد نورالدين مبارکؒ جي ياد ۾

پاڻ سيد محمد ڪرمانيءَ جا وڏا فرزند آهن. حضرت گنجشڪر رحہ جي طرف کان ڪنيت ابوالقاسم ملي هئن، ۽ گهڻيون عنايتون ڏٺائون. خلافت جو خرقو خواجہ قطب الدين ابو محمد چشتيءَ کان حاصل ڪيائون. جيڪي پنهنجي وڏي ڏاڏي خواجہ مودود چشتيءَ جا سجاده نشين هئا. قدس سرهہ فرمائيندا هئا تہ جنهن زماني ۾ خواجہ ابو محمد جي والد بزرگوار رحلت فرمائي هئي. ان زماني ۾ خواجہ محمد گهٽ عمر جا هئا. ان ڪري سوٽن سجاده نشينيءَ جي

www.maktabah.org

قابل نہ سمجهي توقف ڪيو. شيخ نظام الدين علي چشتي خواجہ ابو محمد جا چاڇا هئا. سلطان غياث الدين بلبلن جي عهد ۾ خراسان کان اچي دهليءَ ۾ اقامت فرمائي هئائون. شهر جي معززن خواجہ زور ۽ خواجہ غور کي شيخ نظام الدين علي چشتيءَ جي خدمت ۾ موڪليو. ۽ سجاده نشينيءَ جي تجويز انهن جي راءِ تي منحصر رکي. شيخ نظام الدين علي چشتيءَ جن جواب ۾ لکي موڪليو تہ سجاده نشينيءَ جي خلعت خواجہ محمد کي ئي ملڻ گهرجي. جيئن تہ هن قرارداد ۾ لغزش جي صورت پيدا ٿي لهندا واليءَ خراسان ملڪ شمس الدين موذوديہ خرقو ۽ عصا هڪ گهر ۾ تالا لڳائي بند ڪيائين ۽ منصب جي دعويدارن کي الڳ الڳ موڪليائين ۽ چيائين تہ گهر جو دروازو بغير چاهيءَ جنهن جي لاءِ کلي ويندو اُهو ئي سجاده نشين سمجهيو ويندو. آخرڪار خواجہ ابو محمد جي واسطي دروازو کلي ويو. پوءِ پاڻ صاحب سجاده ٿي يوسفي ولايت حاصل ڪئي.

شيخ محمد نهروالہ رحمۃ اللہ علیہ جي ياد ۾

پاڻ اُتي پسگردائيءَ ۾ شيخ حاجيءَ جي نالي سان مشهور آهن. جوانيءَ جي دور ۾ پاڻ روم جي هڪ حصي زمين ۾ خطبہ ۽ سڪي جا صاحب هئا. ازلي جذبي کين ظاهري سلطنت کان ڪڍي معنوي سرداريءَ جي باغ جي هوا مٿي ۾ پري. پاڻ قطب يزداني سيد احمد ڪبير رفاعيءَ جي خدمت ۾ ويا ۽ بيعت ٿي ويا. ڪنهن خاص خدمت جي واسطي عرض ڪيائون تہ خاص طعام پڇائڻ جو منصب عطا ٿين ۽ مرشد جي توجہ سان سندن ظاهري ۽ باطني پرورش ٿي. حالات ۾ ترقي ٿيڻ شروع ٿي ايتري قدر جو پنهنجي ڪمال ۾ ڪامياب ٿيا. هڪ ڏينهن بورچي خاني مان ڪفگير غائب ٿي ويو ۽ ڪاڏي ڪڍ جو وقت اچي ويو. تلاش جي گنجائش نہ رهي پاڻ **قُلْنَا يَا نَارُ كُوْنِيْ بَرْدًا وَّسَلَامًا عَلٰى اِبْرَاهِيْمَ** (اسان حڪم ڏنو تہ اي باهہ ابراهيم عہ جي لاءِ ٿڏي ۽ سلامتيءَ واري ٿيءُ) پڙهي. هٿ کان ڪفگير جو ڪم وٺي گرم ڪاڏو ڪڍيائون، ۽ پير بزرگوار جي سامهون ڪٽي ويا. جيئن تہ پير

www.maktabah.org

کي ماجرا معلوم هئي. فرمايائون ته شيخ محمد هاڻي وقت اچي ويو آهي ته تنهنجي ابراهيمي ولايت جي برڪت سان ماڻهو فيض حاصل ڪن. ۽ هدايت سان سڏي رستي تي اچن پوءِ خلافت جي خلعت عطا فرمائي انتخاب ڪيل صوفين جي هڪ جماعت ساڻ ڪري ۽ هندوستان جي سفر جي اجازت فرمائي. ۽ خرمانين جون ڪڪڑيون رخصت جي وقت سندن حوالي ڪيون ۽ فرمايو ته هر هڪ منزل تي شام جي وقت هنن ڪڪڑين کي مٽيءَ ۾ پوکي ڇڏجانءِ جتي هي ۽ ڪڪڑيون صبح تائين ڄمي پون ته انهيءَ جاءِ کي پنهنجي حياتي ۽ موت جي جاءِ سمجهڻ گهرجي. مطلب ته مرشد جي شهر کان گجرات تائين انهن ڪڪڑين کي ڄمڻ جي اجازت نه ٿي. جڏهن نهروالہ شهر ۾ پهتا ۽ ڪڪڑيون پوکيائون ته اتي ڄمي پيون اُتي هڪ پرستش گاه هو جنهن ۾ شهر جا ماڻهو ننڍا وڏا سڀ مورتين کي پوڄڻ لاءِ صبح ۽ شام ايندا هئا ۽ گجرات جو حاڪم ۽ مورتين جو پرستار هو. نهروالہ ۾ ان جي گاديءَ جو هنڌ هو. انهيءَ پرستش جي جاءِ تي صوفين جي جماعت سان درويش جي اچي ويهڻ جي خبر حاڪم کي پئي. حڪم ڏنائين ته هڪ وڏي جماعت وجي ۽ اچڻ وارن کي بت خاني (مندر) جي ويجهڙائيءَ مان زوريءَ پري ڪري. انهيءَ حڪم جي تعميل ۾ ماڻهو لشڪرن جي صورت ۾ ڪي سوار ڪي پيادا چئني طرفن کان مندر جي طرف روانہ ٿيا. صوفين فوج جي اچڻ جي ڪيفيت شيخ جي خدمت ۾ عرض ڪئي. فرمايائون ته استقامت ۽ صبر سان پاڻ کي خدا جي حوالي ڪيو. انهيءَ حقيقي حفيظ جي نگهباني جو ثمر ازخد ظاهر ٿيندو. ڇو ته آسمان ۽ زمين جي اندر جيڪي ڪجهہ آهي انهن بنهين جي وچ ۾ اهو سڀ نبوت جي زماني کان اصالتً عليهم السلام جي تسخير ۾ هو. ۽ خاتمہ نبوت کان پوءِ **عُلَمَاءُ اُمَّتِيْ كَاَنْبِيَاءِ بَنِيْ اِسْرَائِيْلَ** (منهنجي امت جا علماءَ بني اسرائيل جي نبين وانگر هوندا) جي حڪم تحت اُهائي تسخير اتباع ۽ وراثت جي لحاظ سان اولياءِ امت محمديہ ﷺ جي حوالي ٿي آهي. **عَلَيْهِ التَّحِيَّةُ وَالصَّلٰوةُ**- ٿوري دير ڪنڌ جهڪائي وينا ۽ پوءِ هڪ خادم کي حڪم ڏنائون ته اچڻ واري لشڪر جي طرف ڪجهہ قدم وَڃُ جڏهن لشڪر نظر اچي ان وقت زمين کي حڪم ڪر ته ماڻهن جا پير ۽ گهوڙن جا سنب اهڙي طرح پڪڑي ڇڏي جو هڪ قدم به اڳتي نه وڌن. خادم حڪم جي مطابق عمل ڪيو ۽ زمين

www.maktabah.org

حڪر کي قبول ڪيو. لشڪر وارن جيتري ٻہ نڪرڻ جي ڪوشش ڪئي زمين ۾ ڏنسبا ويا آخرڪار مجبور ٿي انتهائي عاجزي ۽ انڪساريءَ سان پيش آيا ۽ عهد ڪيائون تہ جيڪڏهن زمين اسان کي ڇڏيندي تہ واپس هليا ويندا سين. خادم جي چوڻ تي زمين کين ڇڏيوانهن راجہ وٽ وجي سڄي حقيقت بيان ڪئي. راجہ تعجب ۽ حيرانيءَ ۾ سڄي رات نگرانيءَ ۾ گذاري. صبح سان ڪجهہ ماڻهو ساڻ وٺي شيخ جي خدمت ۾ آيو ۽ هڪ نظر ڏسندي ئي عاشق ٿي پيو. فرمايائون تہ درويش جي ملاقات کي بتن جي پرستش جو حصو نہ بناءِ. جڏهن راجہ واپس پنهنجي گهر موٽي ويو ۽ خدمت جو عزم ڪري حضوريءَ جي سعادت حاصل ڪيائين تہ پاڻ فرمايائون تہ راجہ! جيڪي پنهنجون ناهيل شيون هجن انهن کي معبود قرار ڏيڻ عقل وارن کي نہ ٿو نهي. هاڻي انصاف سان ٻڌاءِ تہ تعصب کي ڇڏي تہ چا هي پٿر جون مورتون ڪر پوڻ تي دعا قبول ڪرڻ جي طاقت رکن ٿيون. فَبُهِتَ الَّذِيْ كَفَرَ (پوءِ ڪافر حيران ٿي ويو) راجہ کوبہ جواب نہ ڏنو. پوءِ پاڻ فرمايائون تہ جيڪڏهن هي تنهنجا کوڙا معبود خداءِ برحق جي حڪر سان منهنجي اطاعت ڪن تہ چا تون اسلام قبول ڪندين. هن جواب ڏنو تہ مان اڪيلو نہ پر سڄو خاندان ايمان آڻيندا سين. پاڻ وڏي بت کي حڪر ڏنائون تہ اُٿي هن لوٽي کي حوض جي پاڻيءَ سان پري اڇ. بت فوراً چستي ۽ چالاکيءَ سان اٿيو ۽ لوٽي ۾ سڄي حوض جو پاڻي پري آيو ٿوري دير کان پوءِ پکي پکڻ حيوان ۽ انسان مطلب تہ سڀ جاندار پاڻي نہ هئڻ ڪري شور ۽ دانهون ڪرڻ لڳا. شيخ فرمايو تہ اي بت هاڻي سڀ پاڻي تلاءَ ۾ وجهي اڇ ۽ لوٽي جي مقدار جيترو هن ۾ رهڻ ڏي. بت حڪر جي مطابق تعميل ڪئي. هي حال ڏسي راجہ- سپاهہ ۽ سڄي رعيت اسلام قبول ڪري ابدي دولت سان سرفراز ٿي. چون ٿا تہ انهيءَ ڏينهن کان وري نئين سر نهروالہ ۾ اسلام ۽ مسلمانيءَ جو بنياد پيو. عام هندو ۽ خاص ڪري برهمڻن جي تاريخ ۾ هيءَ ڪرامت لکيل آهي. محرم کان سواءِ ٻئي ڪنهن کي نہ ٻڌائيندا آهن. آخرڪار جڏهن اُخروي سفر پيش آيو تہ جيڪا جاءِ سندن عبادت جي هئي، انهيءَ ئي جاءِ تي سندن ابدي آرامگاہ بنايو ويو.

آگاہ دل ۽ مبصر ناظرين کي خيال ايندو تہ انهيءَ قسم جي ڪرامت جي هڪ ڳالهہ بت جي اطاعت ۽ شهر وارن جي متعلق حضرت معين الدين چشتي

www.maktabah.org

اجميريؒ جي نالي بہ لکيل آهي. ۽ اُها زماني ۾ زبان زد آهي ۽ تاريخ فيروز شاهيءَ ۾ بہ لکيل آهي. ليکن نهروالہ جا عالم ۽ پراڻا ماڻهو شيخ حاجيءَ ڏي منسوب ٿا ڪن. مطابقت جو سبب ڪو ڏکيو معلوم نہ ٿو ٿئي ڇو تہ عمل جو بنهين کان ٽيڻ ممڪن ۽ اتفاقي ڳالهہ آهي. شايد بنهين بزرگن کان هڪ جهڙو عمل صادر ٿيو هجي. اصل حقيقت کي تہ الله تعاليٰ ئي خوب ڄاڻي ٿو.

خواجہ يعقوب ابن خواجہ ابن خواجگيؒ جي ياد ۾

پاڻ خراسان جي بادشاهن جي نسل مان هئا. پاڻ تصوف ۽ تحقيق جي بزم جا صدر نشين هئا. سندن ذات ۾ احمدي معشوقيءَ جي جهلڪ نمايان هئي. ۽ کين حُسن جي آسمان جو سج چوڻ غلط نہ آهي. حسبي ڪمالات- نسبي خوبيون- عملي سعادتون ۽ علمي مرتبا هي سڀ وصفون کين حاصل هيون. اوچتو خدا طلبيءَ جي خواهش سندن دل ۾ پيدا ٿي. جيڪي شاخون سندن هستيءَ جي باغيچي ۾ هيون. انهن سيني ۾ الاهي جذبات جي تاثير سان ميوا لڳي ويا. هن وقت جذب جي قوت گريبان کان پکڙي کين فقر جي بارگاه ۾ ڇڪي آندو آهي. ايتري قدر جو پاڻ پنهنجو مسکن ڇڏي سياحيءَ لاءِ نڪري پيا ۽ مسافرت جو رستو اختيار ڪيائون. آخرڪار تقديري ڪرشمي کين نهروالہ شهر ۾ قيام پذير ڪيو جيڪو پٽن جي نالي سان مشهور آهي. سندن بلند وصفن ۽ اعليٰ حالتن جي ڪا انتهيٰ نہ آهي جڏهن بہ راقم جي قلم سندن صفتن لکڻ جي همٿ ٻڌي تہ بيان ۽ عبارت همراهي ۽ زبان ۽ قلم مَسُ ڪان پري رهيا. چون ٿا تہ فصوص الحڪم جي درس جي وقت سندن مبارڪ جسم ڪائين وانگر ٻري خاڪ ٿي ويو هو ۽ واقعو هن طرح آهي تہ قاضي ڪمال الدين خواجہ جي خدمت ۾ فصوص الحڪم جي درس جي درخواست ڪئي هئي. فرمايائون تہ هن درس جي واسطي لازم آهي تہ درس ڏيندڙ، خوانندہ ۽ والي ملڪ انهن ٽنهين شخصن مان هڪ شخص پاڻ کي فدا ڪرڻ گهرجي. جيئن تہ تنهنجي واسطي پڙهڻ جو باعث پنهنجي برخورداري ۽ ٻين کي تعليم ڏيڻ آهي. ۽ والي ملڪ جي عالي ذات سان ناطق ۽ غير ناطق گهٽن جاندارن جي حياتي

www.maktabah.org

وابسته آهي. انکري توهان ٻنهين جي سلامتي ضرور درکار آهي. پوءِ لازم آيو ته خود مدرس پاڻ کي هن قرباني لاءِ وقف کري. چون ٿا ته جڏهن تاريخ تيرهين جمادي الآخر هجري سنه ست سؤ اناڻوي تي فصوص الحکم پورو ٿيو ته پاڻ کشاده پيشانيءَ سان خدائي درگاه ڏي کوچ فرمايائون. واپسيءَ واري سفر کان پوءِ سندن باري ۾ ننديِ کان وڏي تائين نهروالہ جا ماڻهو هي ترانو گائيندا آهن ته وَلَاتَقُولُوا لِمَنْ يُّقْتَلُ فِي سَبِيلِ اللهِ اَمْوَاتٌ (جيکي ماڻهو الله جي رستي ۾ ماريا وڃن انهن کي مئل نه چئو) ۽ اهو به چوندا آهن ته سندن روحي تصرف رحلت کان پوءِ به ظاهري زندگيءَ جي مثل آهي. جنهن جي دل ۾ سندن تلقين ۽ بيعت جو ارادو پکو هوندو آهي. اُهو سندن قبر تي وڃي پنهنجو اندروني خيال ظاهر کندو آهي ۽ پاڻ ظاهر ظهور موجود ٿي هدايت جون رسمون بجا آڻيندا آهن. جيئن ته سندن وفات کان پوءِ جي مريدن ۾ شيخ داؤد- شاهه محمد ۽ سليمان ٿي شخص ته اهي ۽ ٻيا انهن کان سواءِ اصحاب به هن تذکري جي تصنيف واري سال ۾ حيات آهن. شيخ يعقوب صديقي احمد آبادي- غوث الرحمن جي بزرگ خليفن مان هئا. بيان ٿا ڪن ته هڪ سال ۾ احمد آباد کان شيخ عبدالله صوفيءَ جي فيض بخش خدمت جو پکو ارادو ڪري آگري ويو هو. واپسيءَ جي وقت پَٽَن کان ٽيندا آيا. حوض سهسلنگ جي ڪناري سيد خدا بخش جي متبرک روضي ۾ ترسيو ضروري آرام کان پوءِ ڪمال شوق جي بي انتها عشق سان خواجہ يعقوب جي زيارت جي واسطي هليو. جن جي مرقد منور هن حوض کان ٻن تيرن جي فاصلي تي آهي. جڏهن سندن مسجد شريف ۾ پهتو ته سپ شوق ۽ وجد جي باهہ ٽڏي ٿي وئي. پڪاريائين ته ترقيءَ جي اميدوار کي لٽي وٺڻ ڪيئن مناسب آهي. ايتري ۾ هڪ بيت هندي زبان ۾ مسجد جي ديوار تي لکيل ڏٺائين پڙهڻ سان معرفت ۽ وجد جون لهرون اچڻ لڳيون. ۽ انهيءَ وقت اهو بيت به ديوار تان ۽ خيال مان گم ٿي ويو. بس اهو معلوم ٿيو ته هي بيت يَمْحُوا اللهُ مَا يَشَآءُ وَيُثْبِتُ وَعِنْدَهٗ اُمُّ الْكِتَابِ (خدا جنهن کي چاهي منسوخ کري ڇڏي ۽ جنهن کي چاهي قائم رکندو آهي. ۽ ان وٽ اصل ڪتاب (يعني لوح محفوظ) موجود آهي) جي قلم سان لکيو ويو جيکو خواجہ جي تصرف جي هٿ ۾ ڏنو ويو آهي.

www.maktabah.org

قاضي علم الدين رحمة الله عليه جي ياد ۾

سندن مٿان علمن جي حقائق جو منهن ۽ دقيق اسرارن جو پردو رکيل هو. وقت جي مشائخن جا قطب- زماني وارن جا شيخ ۽ خدا شناسن جا پيشوا هئا. قاضي عين الدين ابن نجم الدين صديقي جا پٽ هئا. سلطان السادات صدرالدين سيد راجوءَ جا خليفا هئا جيڪو مخدوم جهانيان جو پاءُ هو. صورت ۽ معنيٰ ٻنهين طرح سان خواجه مودود شڪر جا مصاحب هئا. جيڪو شيخ عزيزالله متوڪل منڊويءَ جو پير آهي. قراءَة جو علم سندن موروثي هو. سيني علمن کي زياده ۽ بهتر ڄاڻندا هئا. سندن علمي باغيچي کي افعال جي چشمي کان گهٽي سيرابي هئي. ۽ بي حساب فيض سان کين ايتري ته ڪاميابي حاصل ٿي هئي جو عقيدت مند سندن خدمت جي باغ مان معرفتن جا بي شمار ميوا صرف هڪ دفعو ڏسڻ ۽ وڃڻ سان حاصل ڪندا هئا. مطلب ته سندن بزرگيءَ جي شرح عبارت ۾ آڻڻ جي طاقت کان ٻاهر آهي. عمر اناسي سال هئن پاڻ هي سڄو زمانو هن هوش سنياڻڻ کان ونڊي ان وقت تائين جو روح بدن مان جدا ٿيو خدا طلبيءَ جي رستي ۾ صرف ڪيائون ۽ عرفان جو گهر خريد ڪيو هئائون. تاريخ ويهين رمضان المبارڪ هجري سن ست سؤ ست تي اعليٰ دارالحڪومت جي طرف روانا ٿيا.

ڪائن پوءِ سندن فرزند شاهه مودود جانشين ٿيو ۽ پنهنجي والد بزرگوار جي خانقاه کي ٻيهر رونق بخشي. ڇا تصوف جي رستي ۾ ۽ ڇا مشيخيت جي طريقي ۾- ڇا قراءت جي علم ۾ ۽ ڇا ٻين علمن ۾ ڪمال حاصل هئن. هميشه طالبن جي درس ۽ تلقين ۾ مشغول رهندا هئا. سندن دور ۾ ڪوبه ماٺهو سندن جامعيت جي برابري نه ڪري سگهندو هو. پنجاسي سال جي عمر هئن. هيءَ سڄي عمر انهي صفات ۽ الاهي اخلاق سان گذارڻ جي ڪوشش ۾ پوري ڪيائون. آخرڪار ستين رجب هجري سن اٺ سؤ تيرهن ۾ دائمي عالم ڏي روانا ٿيا ۽ قدسي گهر اختيار فرمايائون. خوابگاه نهروالہ ۾ اٽن جيڪو هن زماني ۾ پَٽَنِ نالي سان گجرات صوبي ۾ مشهور آهي.

www.maktabah.org

شيخ برهان الدين نهروالہ رحمۃ اللہ علیہ جي ياد ۾

پاڻ شيخ قاضن جا خليفا هئا. ڪشف ۽ ڪرامتن جي خزاني ۽ عقلي و نقلي علمن جا مالڪ هئا. طبيعت جو ميدان مناسب ۽ موزون ڪلام جي طرف سيني ڀالهين کان وڌيڪ هو. فارسي غزل ۽ عربي قصيدو عاشقانہ ۽ شاعرانہ چوندا هئا. چون ٿا تہ هڪ ڏينهن پير بزرگوار جي خدمت ۾ عرض ڪيائون تہ شيخ سعدي رحہ شيرازي کي خواجہ خضر علي نبينا و عليہ السلام وٽان مناڻ مليو هو. انڪري سندن ڪلام اهڙو تہ منو ۽ نمڪين ٿيو ۽ اهڙيءَ طرح امير خسرو رحہ دهلويءَ کي بہ مالڪ ولايت سلطان المشائخ حضرت نظام الاوليا جي عنايت سان پنهنجي نثر ۽ نظم جو رنگ اعليٰ درجي جي پختگيءَ کي پهچائي سڄي جهان جي اهل سخن کي بي انتها لذت بخشي هئي. اهڙي طرح هاڻي هي مريد بہ پنهنجي پير کان اميدوار آهي. فرمايائون تہ رباني ڪلام جي خزاني مان ڪجهہ نقد تنهنجي اعتقاد جي موافق توکي بہ ڏنو ويو. انهيءَ ڏينهن کان سندن ڪلام ۾ ۽ سندن گفتار ۾ هڪ ئي رنگ پيدا ٿي ويو هو. اسي جلد ڪتابن جا تصنيف ۽ تاليف ڪيائون. ۽ هر هڪ علم ۾ باريڪ باريڪ اعتراض ۽ عمده عمده بحث لکيا اٿن. جيڪي ذوق جي مطابق سڃاڻپ ۾ آڻن ٿا. انهن جو اصلي بيان جيئن سندن خيال ۾ هو قلم جي زبان سان ادا نہ ٿو ٿي سگهي. جيئن تہ هن ڪتاب جا ورق نظم سان گهٽ تعلق ٿا رکن لهذا سندن ڪلام جو ڪوبہ حصو سندن ذڪر جي باب ۾ نہ لکيو ويو.

شيخ شهاب الدين عاشق رحمۃ اللہ علیہ جي ياد ۾

سندن پيدائش ۽ قبر ٻئي دهليءَ ۾ آهن. حقيقي عشق ۽ مجازي محبت ٻئي گڏوگڏ رکندا هئا. شيخ بدرالدين غزنويءَ جي خدمت مان گهڻو فيض حاصل ڪيائون. هميشہ ڪنهن نہ ڪنهن مظهر جي جمال سان وابستگي پيدا ڪري ان کي حقيقي حالت جو پردو بنائي رکندا هئا. ۽ ظاهري ۽ معنوي ٻئي خوبيون ملائي مُشاهدةُ الكُلِّ في الكُلِّ جي استغراقي ڪيفيت پهچائيندا هئا. پاڻ شيخ امام الدين ابدال جا مريد ۽ خليفا آهن.

www.maktabah.org

شيخ عماد الدين دهلوي رحمة الله عليه جي ياد ۾

پاڻ خانواده چشتيه جي بزرگن مان آهن. گهڻن صوفي مشائخن جي خدمت مان فائدو حاصل ڪيائون. خلافت جو خرقو شيخ شهاب الدين عاشق کان مليل هئن. ڪي چون ٿا ته پاڻ شيخ امام الدين ابدال جا مريد آهن ۽ شيخ تاج الدين امام سندن خاص مريدن مان آهن. قدس سره.

شيخ جلال الدين مجرد رحمة الله عليه جي ياد ۾

پاڻ ترڪستاني هئا. مگر پيدائش بنگاله جي اٿن. سلطان سيد احمد جا خليفا آهن. چون ٿا ته هڪ ڏينهن روشن ضمير پير جي خدمت ۾ عرض ڪيائون ته منهنجي آرزو آهي ته جهڙي طرح حضور جي رهنمائيءَ جي بدولت جهاد اڪبر ۾ ڪنهن حد تائين فتح مندي حاصل ٿي آهي. اهڙي طرح حضور جي عطا ڪيل همٽ جي طفيل جهاد اصغر سان به دل جي تمنا پوري ڪيان. ۽ جيڪو دارالحرب هجي ان جي فتح ڪرڻ ۾ ڪوشش ڪري غازي يا شهيد بنجان. پير بزرگوار سندن عرض قبول فرمائي پنهنجي بزرگ خليفن مان ست سؤ ماڻهو ساڻن همراه ڪيا العزة الله- جتي به مخالفن سان لڙائي ٿي فتح حاصل ڪيائون گهڻي تعجب جي ڳالهه اها آهي ته هن گهڻو پري پڄ ڏڪ ۾ روزيءَ جو دارومدار صرف غنيمت جي مال تي هو. ۽ تونگرانه زندگي رکي. جيڪي به گهاٽيون ۽ مال مويشي فتح ٿيندا هئا. ساڻين مان ڪنهن هڪ کي ڏئي اتي اسلام جي اشاعت ۽ رهنمائي ان جي سپرد ڪري ڇڏيندا هئا. صوبي بنگال جي پرڳڻن ۾ هڪ ڳوٺ آهي سريهت- انهيءَ ڳوٺ وٽ جڏهن پهتا ته ٽي سؤ تيرهن ماڻهو همراهيءَ ۾ باقي رهيا. هڪ لک پيادا ۽ ڪئي هزار سوارن جو مالڪ راجه گرڙ گوند متئين ڳوٺ جو حاڪم هو ۽اهو هن گهٽ تعداد جي گروه جي مقابلي ۾ گهڻو وڌيڪ هو. ڇو ته هي گروه انهيءَ بي انتها لشڪر جي مقابلي ۾ اها نسبت به نه پيو رکي جيڪا لوڻ کي کاڌي سان هوندي آهي ليڪن جڏهن لڙائي شروع ٿي ته تقدير جي پردي کان كَمْ مِّنْ فِئَةٍ قَلِيلَةٍ غَلَبَتْ فِئَةً كَثِيرَةً بِإِذْنِ اللهِ جي ڪرامت ظاهر ٿي ۽ اُهو پيڪر پرست ڀڄي ملڪ عدم ڏي سواءِ اڪيلي جان جي ڪجهه به نه ڪٽي وڃي سگهيو. ۽ سڀ زمين

www.maktabah.org

غازين جي هٿ آئي. شيخ مجرد سڄي فتح ٽيل زمين جا حصا ڪري پنهنجي ساڻين کي ڏئي ڇڏي. هن تقسيم مان هڪ ڳوٺ شيخ نورالهدي ابوالڪرامات سعيدي حسنيءَ جي حصي ۾ ٻه آيو اُتي عيال دار ٽيا ۽ فرزند ٻه ٽين. شيخ علي شير انهن جي ئي نسلن مان آهي. شيخ علي شير هي بيان مشرح نزهتہ الارواح جي مقدمي ۾ لکيو آهي. هي حال ڪجهہ قدر شيخ علي شير جي ذڪر ۾ لکيو ويندو.

شيخ سيد معين الدين ايرجي رحمۃ اللہ علیہ جي ياد ۾

چون ٽا تہ پاڻ دهليءَ وجي سلطان نظام الاوليا جي خدمت ڪئي. سلطان الاولياءپهرين ملاقات ۾ پڇو تہ سيد کي ڪهڙي سلسلي ۾ بيعت حاصل آهي. پاڻ عرض ڪيائون تہ پنهنجي ڏاڏي خاتم الانبياءَ عليہ السلام جو مريد آهيان. سلطان الاوليا کي سندن هن جواب سان حيرت ٿي رات جو خواب ۾ رسول خدا عليہ السلام کي ڏنائون تہ پاڻ صلی اللہ علیہ وسلم هڪ ٽوپي سلطان الاولياءکي ڏنائون ۽ سيد جي نالي ڪيائون پاڻ ٻہ خواب ۾ اهوئي واقعو ڏنائون. صبح جو جڏهن پاڻ ۾ ملاقات ٿي حڪر جي تعميل عمل ۾ آئي. انهيءَ بنياد تي ماڻهو سيد کي سلطان الاولياء جو خليفو سمجهندا آهن. سندن قبر ايرج ۾ آهي.

سيد احسن رحمۃ اللہ علیہ جي ياد ۾

پاڻ سيد معين الدين ايرجيءَ جي پوٽن مان آهن. کين شريعت جو ڪمال ۽ تقوي جو جمال حاصل هو. چون ٽا تہ سياحيءَ جي دوران اهل ولايت بديع الدين شاهہ مدار جو گذر ڪالپيءَ ۾ ٽيو جيڪو ايرج کان ويهن ڪوهن جي فاصلي تي آهي. انهيءَ خيال سان تہ شاهہ مدار حو گذر هن ڳوٺ ۾ نہ ٽئي. ايرج جي اڪابرن اهو فيصلو ڪيو تہ سيد ڪالپيءَ وجي ۽ شاهہ سان پهرين ملاقات ۾ ئي اهڙو نقشو وهاري جو ايرج اچڻ جو خيال ئي شاهہ جي ذهن ۾ نہ اچي. سيد ڪالپيءَ ۾ آيو تہ اتفاق سان شاه مدار جي دروازي تي سيد ۽ علي خان لوڏي هڪ ئي وقت پهتا. شاهہ خان کي اندر سڏايو ۽ سيد باهر رهجي ويو. اهو بلڪل صحيح آهي تہ هي عمل بنهين جي اندروني خيالات جو ظهور هو.

www.maktabah.org

لَاَنۡتُمۡ جواسيس قلوب (چو ته هي ماڻهو دلين جا جاسوس آهن) شاهه کي سيد جي ڳالهه خيال ۾ اچي وئي هئي. فرمايائون ته سيد کي کاوڙ ۾ جوش اچي رهيو آهي. جلدي عزت سان اندر وٺي اچوس. جڏهن سيد اندر آيو ته شاهه جو هٿ پکڙي پاڻ ڏي ڇڪي آغوش ۾ ڏنايائين ۽ پنهنجو حسب نسب بيان ڪري ڇيائين ته جيڪو اهڙي شخص سان پاڪ پائي اُهو ٻئي جهان جي تڪليفن کان آجو ٿي ويندو. ٻي اها ڳالهه چئي ته ملاقات جو مطلب هڪ ٻئي سان سجاڻپ ٿيڻ آهي. ۽ ٻنهين جي منهن جو حسن ۽ قبح ظاهر ٿي پوندو آهي ۽ منهن تي برقعو رکڻ سان اها حالت نه ٿيندي آهي. شاهه فرمايو ته درويشن جي ديدار لاءِ خدابين اک گهرجي جيڪا تاب سهي سگهي ۽ اهو چئي برقعو کڻي ورتو. سيد جو بيان آهي ته نظر جي سامهون بجليءَ جهڙي چمڪ ٿي ۽ شعاع گهٽا ٿيڻ سان اکيون منهن جي ڪيفيت نه معلوم ڪري سگهيون. ان کان پوءِ سيد موڪلائڻ وقت سلام عرض ڪري ايرج روانو ٿيو. قاضي شهاب الدين جيڪو پرڪاله آتش مشهور آهي. پير کان پڇائين ته شخص جيڪو ايتري دليري ڪري سلامت رهيو. ڪير هو. شاهه ٻڌايو ته فلاڻو سيد آهي ۽ منهنجي به دل ۾ آيو ته هن کي تير جو نشان بنايان ليڪن شريعت جي هٿيارن هن جي جسم کي پيرن کان مٿي تائين اهڙيءَ طرح محفوظ ڪري رکيو هو جو ڪنهن جو تير ڪارگر نه ٿي سگهيو ۽ حضور خاتم النبين عليه السلام جو مقدس روح منهنجي اکين جي سامهون اچي ويو ۽ فرمايو ته هي منهنجو حقيقي فرزند آهي. ڪاٿي ائين نه ٿئي ته درويش جي غضب سان جنهن کي حقيقي قهر جو شعلو چوٽ گهرجي. ڪو نقصان پهچي وڃي. انهيءَ سبب هن جا سپ ناز کڻندو ويس ۽ مان پنهنجو غصو پي ويس سندن قبر ايرج ۾ آهي.

مخدوم قاضي برهان الدين رحمۃ اللہ علیہ جي ياد ۾

ڪين سيادت- ولايت- فضيلت ۽ مقبوليت ۾ مٿاهين نسب ۽ حسب جو درجو حاصل هو. جڏهن فيروز شاهه دهلويءَ جي وفات کان پوءِ طوائف الملوڪي ٿي. ته دلاور خان جي پٽ هوشنگ جنهن جو نالو خاني خطاب ملڻ کان پهريائين امين شاهه هو. شاهان غور جي نسل مان هو. صوبي مالوه ۾ خطبو ۽ سڪو پنهنجي نالي جو جاري ڪري ڇڏيائين. انهيءَ جي ئي عهد ۾

www.maktabah.org

مخدوم مشرقي ملک کان اڳي منڊو (مانڊو) ۾ آباد ٿيو هو ۽ سلطان هوشنگ سندن مريد ٿي ويو هو. چون ٿا تہ گوندوانا جي قريب هک قلعو آهي. جاج ننگر- ۽ اهو قلعو دکن جي سرحد ۾ آهي. هک سال سلطان انهيءَ قلعي تي لشکر کشي ڪئي. مقصد اهو هو تہ اهو قلعو فتح ڪيو وڃي ۽ گوندوانہ کان هاٿي پهچايا وڃن اتي هک رات خواب ۾ ڏنائون تہ ممبر جو هک پايو ڪري پيو آهي ان جو تعبير مليو تہ پير يا مريد جي ٻنهين مان هک جي رحلت قريب آهي. جڏهن سلطان منڊو (مانڊو) واپس آيو تہ خبر مليس تہ پير دنيا مان رحلت فرمائي ويو. پڇائين تہ قبر ڪاٿي آهي. جواب ڏنو ويو تہ انهيءَ زمين ۾ جيڪا اوهان خريد ڪئي هئي. سلطان چيو تہ وفات کان پوءِ پنهنجي پير بزرگوار جي دوري پسند نہ ٿو ڪيان. بهتر اهو آهي تہ مخدوم جو لاش انهيءَ قبر مان ڪڍي سلطاني مقبري ۾ دفن ڪيو وڃي تہ جيئن سندن ويجهڙائيءَ جي ڪري اڳئين جهان جي ڪجهہ خوشبو هوشنگ جي قبر ۾ بہ ايندي رهي. محدوم جي خادمن گهڻو ئي عذر ڪيو ليکن قبول نہ ڪيو مجبوراً قبر کولي وئي مگر قبر ۾ اندر ڪفن کان سواءِ بدن جو ڪو پتو نہ پيو. سلطان هيءَ ڪرامت ڏسي حيران ٿيو. قبر واپس بند ڪرائي ڇڏيائين ۽ سلطاني حڪم موجب اتي ئي سندن قبر تي قُبو بنايو ويو. روايت آهي تہ مخدوم مريد جي خواب ۾ اڳي فرمايو تہ درويش جي راز جو تو پردو ڪنيو تہ تنهنجي سلطنت جو بنياد بہ قدرت اکيڙي ڇڏيو يعني توکان پوءِ حڪومت تنهنجي فرزند کي نہ ملندي. آخر ائين ئي ٿيو ۽ مالوه جي سلطنت خلج جي سلطانن جي قبضي ۾ هلي وئي. غورين جي نسل مان ڪنهن کي بہ تخت ۽ تاج ميسر نہ ٿيو. هن واقعي جي ڪيفيت مورخين مالوه جي سلطانن جي تاريخن ۾ عمدي تفصيل سان لکي آهي. جيڪو شخص هن معاملي کي ڏسڻ چاهي ان کي تاريخ جي ورقن تي نظر وجهڻ گهرجي.

مخدوم قاضي اسحاق رحمۃ اللہ علیہ جي ياد ۾

پاڻ رباني حقائق جا عالم ۽ پراڻي زماني جي پيرن جو يادگار هئا. سندن تصوف جي خرقي ۾ خلافت ۽ بيعت چشتيہ سلسلي مان هئي. شاهہ مالوه

www.maktabah.org

سلطان علاءالدين محمود منڌوي سندن مريد هو. هڪ ڏينهن پير جي حضور ۾ حاضر ٿيو. هڪ تقريب ۾ پير جي زبان مان اها ڳالهه نڪتي ته خدا جا دوست حقيقي حيات سان زندگي حاصل ڪيو وينا آهن. انهن کي موت سان ڪنهن به قسم جو نقصان نه ٿو پهچي ۽ جڏهن جسم جي صورت محسوس ڪرڻ ۽ حرڪت کان بيڪار ٿي ويندي آهي ته اهو جڏ هڪ گهر مان ٻئي گهر ۾ منتقل ٿيڻ آهي. تڏهن به جيئرن وانگر زنده رهندا آهن. مريد اهو بيان ٻڌي سخت تعجب ۾ پيو. اتفاق سان ڪجهه ڏينهن کان پوءِ پير جو انتقال ٿي ويو. سلطان تدفين کان پوءِ حاضر ٿيو. ان کري جنازي نماز ۾ شرڪت جو موقعو نه مليس. فرمايائين ته قبر کي کوليو ته جيئن مان پنهنجي پير بزرگوار جو آخري ديدار ڪري سگهان. ماڻهن انهيءَ ڳالهه ڏانهن توجه نه ڏنو ليڪن سلطان جو شوق وڌندو ويو ان کري ماڻهن کي قبول ڪرڻو پيو مجبوراً قبر کولي وئي. جيئن ته رات هئي. بتي ٻاري وئي ۽ بتيءَ جو شيشو پڃي پيو ۽ ڪفن جي مٽان ڪرڻ وارو هو ته ايتري ۾ هڪ هٿ نڪتو ۽ شيشي کي پاڻ کان پري اڇلائي ڇڏيائين. هي واقعو ڏسي سلطان کي اڳين راز واري ڳالهه ياد آئي. افسوس سان پاڻ تي رُنو ته مون کي ڪجهه به نه مليو ۽ پير جي جنهن بيان تي تعجب هئس اُهو حاضرين کي ٻڌائي عبرت ڏيارياٸين. سندن قبر منڌو (ماندو) ۾ آهي.

خواجه موٸد مهنه رحمة الله عليه جي ياد ۾

پاڻ سلطان ابو سعيد ابوالخير رحه جن جي نسل مان آهن. ڪرامتن جا صاحب ۽ پسنديده صفتن وارا هئا. درسي علم ۾ به وقت جا استاد هئا. زماني جا زاهد- رياضت ۽ نفس جي پاڪيزگيءَ ۾ حد درجي تائين پهتل هئا. رهنمائي ۽ مشڪل ڪشائيءَ ۾ سيني جا پيشوا ۽ مجلس جي گرمي ۽ سخت شيرنيءَ ۾ نشانِ عصر هئا.

مولانا محمد امين رحمة الله عليه جي ياد ۾

سندن دل حقيقت ۾ بيدار ۽ طريقت ۾ هوشيار هئي. شيخ زين الدين خوانيءَ جا مريد آهن. جن مشڪواة حديث مولانا جلال الدين قاآني جي درس ۾

www.maktabah.org

پڑهي هئي. ۽ مولانا جلال الدين رحہ هن ڪتاب ڪي خواب ۾ شاهہ مردان شير يزدان اميرالمؤمنين علي ابن ابي طالب ڪرم الله وجہہ کان صحيح ڪيو هو. ۽ هن ڪتاب ۾ هڪ جاءِ تي اصلاح لاءِ نشان بہ لڳايو هو. چون تہ مولانا جلال الدين هر روز انهيءَ ورق ۽ انهيءَ سٹ تي خاص نشان لڳل ڏسندا هئا. ڪي چون تہ شيخ زين الدين اُهو نسخو مولانا محمد امين جن ڪي عنايت فرمايو هو. ڪجهہ ڏينهن هنن وٽ رهيو بعد ۾ چوري ٹي ويو. هن عظيم نقصان سان پاڻ غمگين رهڻ لڳا. امير مروان ملڪ روم مان هڪ شخص ڪي خواب ۾ فرمايو تہ محمد امين وٹان مشڪواة جو ڪتاب گم ٹي ويو آهي تون پنهنجي مشڪواة موڪلي سندن غم ڪي دور ڪر ۽ انهيءَ شخص بنا دير جي خواب جو واقعو لکي ڪتاب سميت موڪلي ڏنو. جڏهن اهو ڏٹائون تہ خوش ٹيا.

شيخ محمد رحمۃ اللہ علیہ جي ياد ۾

پاڻ شيخ ابراهيم ملتانيءَ جا پٹ آهن. جيڪو شيخ بهاءُ الدين ملتانيءَ جا مريد ۽ خليفا هئا. شيخ بهاءُالدين جو سلسلو خلافت اسوة العرفاءُسيد محي الدين جيلاني قدس سرہُ جن سان وجي ملي ٹو. شيخ ابراهيم پنهنجي وقت جا وڏا بزرگ هئا. سندن خدا پرستي ۽ ڪرامتون گهٹن ماٹهن جي زبانن تي آهن. غياث الدين خلجي جو عهد هو جو ابراهيم منڊو (مانڊو) ۾ آيو هو هتي ڪيترن سالن تائين خدا طلبي- حق پرستي- فيض رسائي ۽ رهنمائيءَ ۾ پاڻ عمر گذاريائون. پوءِ هتان زماني جي گردش کين جنبش ڏئي بيدر شهر پهچايو اُتي پاڻ بيشمار ماٹهن کي گمراهيءَ کان ڪڍي طريقت جي سڌي رستي تي آندائون. جڏهن شيخ ابراهيم دنيا مان لاڏاٹو فرمايو تہ سندن بجاءِ سندن قبرن مان دولت آباد دکن جي معتقدن کي فيض پهچڻ لڳو تہ منڊو (مانڊو) ۾ شيخ محمد سندن جانشين ٹيا. خدا جي رضا منڊو (مانڊو) مان شيخ محمد بہ بيدر شهر ۾ ڇڪجي ويو. هن علائقي ۾ شيخ محمد جي بزرگي ۽ خداشناسيءَ جي شهرت مشرق- خراسان- ۽ قندار تائين پهتي. اتان جا باشندا سندن احوال ٻڌي شوق سان شيخ محمد جي آستاني تي هجوم ڪري آيا ۽ صحبت جي فيض سان تحقيق جي بلند مرتبي تي پهتا.

www.maktabah.org

چون ٿا ته جڏهن پاڻ ماءُ جي پيٽ ۾ هئا ته هڪ جهيڙيڪار عورت سندن والده سان وڙهي ۽ سندس پيٽ تي ٽڦڙ هنئي ته فوراً انهيءَ عورت جي هٿ ۾ اهڙو ته سور پيدا ٿيو جو صبر ۽ برداشت کان ٻاهر هو ۽ مرڻ جي نوبت کي پهچي وئي. سندن والد بزرگوار کي انهيءَ بدذات جو علم ٿيو. فرمايائين ته هن پيٽ ۾ زماني جو قطب آهي هي ان جو عمل آهي. هن درد جو علاج انهيءَ کان سواءِ ٻيو ڪونهي ته حامله عورت جي پيٽ کي ڏوئي اهو پاڻي پئي. ۽ هٿ تي ٻڌائي. حڪر جي تعميل ڪئي وئي. فوراً نجات مليس.

ماڻهو اهو ٻڌ بيان ٿا ڪن ته صوبي جو حاڪم ظالم ۽ ناخدا ترس هو. هن جي رعيت جو هن جي ظلم کان تنگ اچي اهو حال هو جو هميشه دعا لاءِ هٿ کڻندا هئا. ۽ اکين مان ڳوڙها وهندا هئن. صبح شام آهون ڪندا هئا رعايا مجبور ٿي ظالم جي شڪايت سندن والد بزرگوار وٽ ڪئي وئي. فرمايائون ته هن نئين ڇاول ٻار جي سامهون عرض ڪيو هنن چيو ته **كَيْفَ نُكَلِّمُ مَنْ كَانَ فِي الْمَهْدِ صَبِيًّا**. (اسين هنج واري ٻار سان ڪيئن ڳالهايون) پاڻ گود مان فصيح البياني سان جواب ڏنائون ته جلدئي ظالم کي اُهي ڏينهن پيش ايندا جيڪي اڄ ستم رسيده رعايا کي پيش آهن. ۽ تن ڏينهن کان پوءِ هڪ عورت ان کي نهايت ذلت سان عدم ڏي روانو ڪندي. چنانچه جيئن چيائون ائين ئي ٿيو. عيسوي ڪرامت پاڻ ظاهر ڪيائون ۽ پيءُ ٻ يوسفي ولايت جي نور سان روشني حاصل ڪئي.

شيخ سالار رحمة الله جي ياد ۾

پاڻ عالي مقامات ۾سيني جا پيشوا ۽ عجيب و غريب ڪرامتن جا مجموعا هئا. سندن والد بزرگوار جو نالو نٿو آهي جيڪي شيخ بهاءُالدين ذڪريا جا خليفا هئا. سندن پيدائش جي جاءِ ۽ قبر سرڪار ڪالپيءَ جي هڪ ڳوٺ ۾ آهي. شيخ مبارڪ جن جي پيدائش جي جاءِ ۽ مرقد سنديلو آهي. ۽ سيد عبدالغني جن جي حيات ۽ ممات جو مقام فتح پور هنسوه آهي شيخ سالار جا خليفا آهن. شيخ سالار ٻنهين جهانن جي علم جي رمز کان آگاه هئا. سيد صفي- شيخ بدرالدين سرهندي ۽ شيخ اوهن بلگرامي- شيخ مبارڪ سنديلا واري جا خليفا

www.maktabah.org

آهن. تمام سئو حال ۾ شان هئن. زماني وارا ديني ۾ خداشناسي جي ڪمن ۾ هميشہ انهن بزرگن جي آستاني تي توجہ ۾ نياز سان حاضر ٿيندا هئا ۾ هنن بزرگن جي پُر اسرار گفتگوءَ سان پنهين جهانن جي مشڪلات حل ڪندا هئا.

مولانا علم الدين شرف جهان رحمۃ اللہ علیہ جي ياد ۾

ڪين رسمي علمن ۾ ڪمال حاصل هو. يقين سان دل کي صاف ڪري حرمين شريفين جي زيارت جو ارادو ڪيائون. ۾ چند سال انهيءَ ئي سرزمين ۾ قيام فرمائي حديث جي مشائخن ڪان وڏيون سندون حاصل ڪيائون. سلطان غياث الدين ابن محمود خلجيءَ جي زماني ۾ منڊو (مانڊو) ۾ اچي درس جو بنياد رکيائون. هتان جي بزرگن کي سندن خدمت سان سيني فنون جون مشڪلاتون آسان ٿي ويون. سيد بهاءالدين دڪني جي خدمت سان پاڻ طريقت جي تلقين حاصل ڪيائون. معرفت ۾ حقائق ۾ مرشد ڪامل جي درجي تي پهچي ويا هئا. ڪيميا ۾ (طلسمي علم) سيميا ۾ دعوات جا قواعد عمده ۾ صحيح اختيار ڪيا هئائون. تصوف دانيءَ ۾ تحقيق جي درجي تي پهچي فصوص الحڪم تي محققانہ تعليقون لڳايون هئائون ۾ چهل جو خلاصو فصوص جي ڪناري تي چاڙهيو هئائون. پاڻ سيد ابراهيم ايرجي قادريءَ جا استاد هئا.

شيخ بنان رحمۃ اللہ علیہ جي ياد ۾

پاڻ شيخ لال جا مريد آهن. سندن طرز زندگي بلڪل قلندراٽي هئي. برهانپور خانديس جي بازار ۾ حجرو بنايو هئائون. ممڪنات جي منديءَ ۾ تعينات جي رستي جو سير ڪندا هئا. زندگيءَ ۾ جنهن کي گودڙي ۾ حجرو چوندا هئا رحلت کان پوءِ اُهو ئي ڪفن ۾ قبر بنايا ويا. بيعت مرزا اسد بيگ سان هئن. جيڪي شيخ ابوالفضل مبارڪ جا خادم هئا. جيتري درستي- موزوني ۾ نازڪي سندن طبيعت ۾ هئي پين ماڻهن جي طبيعت ۾ گهٽ ٿي ملي.

شيخ شهرالله رحمۃ اللہ علیہ جي ياد ۾

پاڻ شيخ عزيز الله المتوڪل جا پنجون نمبر پٽ هئا. ۾ والد بزرگوار جا

www.maktabah.org

ئي مريد ۽ جانشين ٻه آهن. سندن پوٽو شيخ نعمت الله بيان ڪو ڪري ٿو سڪندر خان نالي هڪ مريد هو اُهو شيخ کي ڪمال عاجزي ۽ انڪساريءَ سان پنهنجي جاگير ۾ وڃي ويو هو. هڪ ڳوٺ ۾ ترسڻ ڏيو جنهن جا باشندا اڳتي ڪنهن ٻئي شخص شهر الله نالي واري سان دشمني رکندا هئا. جڏهن ڳوٺ وارن شهر الله جي اچڻ جي خبر ٻڌي ته موقعي جي تلاش ۾ رهيا جڏهن ڪين اڪيلو نماز ۾ ڏٺائون ته اگهاڙيون تلوارون ڪڍي اچي ڪڙڪيا ۽ ڪين شهيد ڪري ڇڏيائون. سندن جنازو اتان ماڻهو ڪڍي آيا ۽ منڌو (مانڌو) ۾ والد بزرگوار جي مقبري ۾ دفن ڪيائون. انهيءَ زماني ۾ ماڻهو قرآن پڙهڻ جو آواز اندران ۽ ٻاهران ٻڌندا هئا. ڪانئن بعد سندن فرزند شيخ احمد عطاءُ الله جي مٽي تي رهنمائيءَ جي پڳ ٻڌي وئي. جڏهن شيخ عطاءُالله جو وارو ٻه پورو ٿيو ته سندن فرزند شيخ نورالله خانقاه کي رونق ڏني. جڏهن انهن ٻه رحلت فرمائي ته سندن پٽ شيخ نعمت الله پنهنجي پيءُ ڏاڏي جي وطن ۾ صبر ۽ سڪون اختيار ڪري هدايت جي لاءِ اُٿي بيٺا. شيخ نعمت الله کي عمر جو حصو فرزندن- زالن ۽ ٻين عزيزن کان گهٽو ملیو آهي. ايتري قدر جو اڪيلا رهجي ويا آهن ۽ هن نوراني شڪل جي پير جي غمگساريءَ جي نوبت راقم تائين ٻه پهتي آهي. اميد آهي ته پاڻ عمدي شغل جي ذريعي راقم کي ٻه سعادت جي توفيق بخشيندا.

شيخ جلال الدين ابن شيخ عبدالله رحمه الله جي ياد ۾

پاڻ عالم ۽ شيخ يوسف انصاريءَ جا ننڍا پاءُ آهن. درسن ڏيڻ مهل پنهنجي زبردست ڳالهين سان ٿوري سمجهه وارن طالبن جو استعداد وڌائيندا هئا. هميشه شريعت جي رعايت ڪري سلوڪ طريقت ۾ هلندا هئا. پنجٽيهه سالن جي عمر ۾ دنيا مان عالم قدس ڏي رحلت فرمايائون.

شيخ عبدالملڪ قاري رحمه الله جي ياد ۾

پاڻ ڪلام رباني ۽ کي ستن قراءتن ۽ چوڏهن روايتن سان پڙهندا هئا ۽ هميشه سيني کي ڇاهي درويش هجي يا تونگر خدا واسطي قرآن ۽ قراءت سيکارينداهئا.

www.maktabah.org

انهيءَ ئي پسنديده طريقي سان عمر گذاري ڇڏيائون ۽ آگري ۾ خوابگاه اختيار ڪيائون. ڪانئن بعد سندن فرزندن شيخ محمد قرآن جي شوقينن سان پيءُ وارو طريقو اختيار ڪري جانشين ٿيو. ان کي به پوري معرفت حاصل هئي.

ٻئي چمن جو اختتام

اهو شخص تمام سٺو سعادتمند آهي. جنهن پنهنجي هستيءَ جي شهر کي هوا ۾ هَوَسَ جي تصرف کان ڪڍي ورتو ۽ جنهن باطل خيالات جي گهرن ۾ محلاتن جو بنياد کوٽي ڪڍي ڇڏيا ۽ بلڪل صفائي ڪري ڇڏي ۽ جنهن حيواني تمنائن کي ۽ جسماني لذتن جي شهوتن کي جيڪي مٽي ذڪر ڪيل گهرن ۽ محلاتن ۾ پرورش حاصل ڪري پاڻ کي انهن جو مالڪ سمجهي رهيون هيون ذلت ۽ خواريءَ سان باهر ڪڍي ڇڏيو ۽ جن جهاد اڪبر جو ميدان فتح ڪيو آهي ۽ جن سپ کان وڏي دشمن جي لڙائيءَ جو معرڪو ڪٽيو آهي انهن جو رستو ۽ روشن گفتگو جنهن جي ياد ڪري مدد حاصل ڪئي ۽ انهيءَ جنگ وانگر- طريقو- بند ۽ قابوءَ جا موقعا معلوم ڪيا ۽ انهن مٽي ذڪر ڪيل بزرگن جا نيڪ عمل ۽ ڪامل اعتقادات جا هٿيار پنهنجي بدن تي ٻڌا ۽ لا الـه جي تلوار الا الله شناسيءَ جي هٿ سان ڪٽي نفس جي سپاه- وسوسن جي لشڪر ۽ شيطاني خطرن جي فوج کي جيڪي انساني مُلڪ کي پنهنجي جاگير ٿا سمجهن، ذڪر ڪيل مُلڪ کان پڄائي ڇڏيو جنهن جي ڪري دل جو تخت جنهن تي نفس اماري قبضو ڪيو هو وري قدسي روح جي قبضي ۾ اچي ويو جيڪو نائب مطلق آهي.

اَلحَمدُ لله والمِنَّـةُ اَوّلاً واٰخِـراً جو عالم تجريد ۽ تفريد جا آزاد شخص ۽ تحقيق ۽ توحيد جي رستي تي هلڻ وارن بزرگن جي ذڪر خير جي بدولت- مختلف قسمن ۽ نمونن جون معرفتون- راقم کي نصيب ٿيون- ۽ انهن کي راقم بحڪر اَمّا بِنِعمَتِ رَبِّکَ فَحَدِّث (پنهنجي پروردگار جي احسانن جو تذڪرو ڪندا رهو) تحرير ۾ ڪيو. ڪجهه قدر انهن معرفتن جو جيڪي مون شين جي پردي ۾ الاهي نالن جا آثار ۽ آثارن جي قوت ۽ فعل کي ڏسي تحقيق جي رستي سان بيان ٿو ڪيان.

www.maktabah.org

ازلي حڪمت ۽ رحمت جي سبقت هن طرح مصروف آهي تہ سڀ اسماءَ الاهي ۽ صفاتِ الاهيءَ جا آثار ۽ احڪام نهايت مناسبت ۽ مطابقت ڏسي جداگانہ منافعي سان خصوصيت ڏين ٿا ۽ انهيءَ خاص منافعي کي انسان جي عنصري جسر تي فائز ٿي انهيءَ بنياد تي ازلي حڪمت گهٽن الاهي نالن جي آثار، انواع ۽ قسمن جي موجودات ۾ اندروني طور تي امانت رکيا آهن تہ جيئن اُها موجودات درجي بدرجي پنهنجي پنهنجي تعين ڪيل مصرف تي پهچي خاص انساني تصرف جي لائق بنجن. ۽ جيئن اُهي موجودات هر طرح سان ۽ پنهنجي مختلف تصرفات سان انسان جي عنصري جسر کي انهيءَ اسر ۽ صفت جو مظهر (ظاهر ڪرڻ وارو) قرار ڏين تہ جيڪو نالو ۽ صفت انساني استعداد جي پردي ۾ لڪل آهي. مثلاً ڏسڻ جي وصف کي اسم "البصير" سرمي، سرمي جي پٽر ۽ ڪهل الجواهر ۾ اهڙي طرح قائم ڪيو آهي جو ان جو اثر ماڻهن جي اکين ۾ لڳائڻ کان سواءِ محسوس نہ ٿو ٿئي. پوءِ حاصل ڪلام هي آهي تہ سڀ ممڪنات ۽ سڄي ڪائنات- خدائي نالن جي آثارن ۽ احڪامن جي اچڻ ۽ ٽيڻ جي لاءِ رستو بنيو آهي. تڏهن وجي انهن آثارن امڪاني رنگ کي استحڪام ڏنو. ۽ انهيءَ غرض سان تہ تعين جامع (يعني حضرت انسان جي ذات) جي لاءِ فيض پهچائڻ جي مناسبت پيدا ٿئي، استعداد پهچائي ان ڪري هر هڪ شيءِ هن ڳالهہ جي آرزو مند آهي تہ اُها بني آدم جي تصرف ۾ اچي جيڪي آثار ان ۾ مخفي آهن اُهي انساني جسر ۾ ظاهر ڪري ۽ پنهنجي طرفان **اَلْاِنْسَانُ مُصَغَّرُ الْعَالَمِ وَكُلُّ الْاَكْوَانِ مَطْوِيَّةٌ** (انسان منهنجو مرڪب آهي ۽ سڄي ڪائنات انسان جو مرڪب آهي) جي معراج تي پهچائي ان کان پوءِ حقيقي نجات سان فيض ياب ٿئي. ڇو تہ انهن جو ڪمال "فنا في الانسان" ۾ آهي انسان جو ڪمال "فنا في الله" جي مرتبي ۾ آهي.

مطلب تہ واضح رهي تہ صفي الاصفيات جي جامعيت ۽ خاتم الانبياءَ عليہ وعليهم السلام اجمعين جي خاتميت جي مقام تي آخرڪار طبقات- ان مان صعودي نزول انهيءَ باصفا گروه کي نصيب ٿيندو آهي جيڪو سنت نبويءَ تي هلڻ جو قدم- رياءَ يعني ڏيکاءَ ۽ نالي نمود جي گرد ۽ آلائش سان خشوع ۽ خضوع جا ڳوڙها ۽ رياضت جي خون جگر سان چگي طرح ڏوئي سڌي رستي تي سلوڪ اختيار ٿو ڪري ۽ اهوگروه طريقت جي رستي تي هلڻ وارا پير هدايت

www.maktabah.org

يافتہ مرشدن جي پيرويءَ ۾ غبار آلود ۽ فرسوده ڪري "سائرين الي الله" (الله تعاليٰ جي طرف سير ڪرڻ وارن) جون منزلون طئ ٿو ڪري ۽ اهو ئي گروه ان کان پوءِ پنهنجي ظاهري ۽ معنوي ڪمالات جي سڃي سرمائي کي "فنافي الله" (الله تعاليٰ ۾ فنا ٿيڻ) جي ٻيڑيءَ ۾ پري ٿو ڇڏي ۽ اهوئي گروه امڪان ۽ وجوب جي ٻنهين درياهن جي موجن مان سلامت رهي "بقا بالله" (الله تعاليٰ سان باقي) جي ڪناري تي ذڪر ڪيل سرمايو پهچائي ٿو ڇڏي ۽ اهو گروه اسماءَ ۽ صفات جي تجليات جي مقام تي پهچي. رسمن ۽ تعينات جو لباس جيترو بہ انهيءَ اڪيلائيءَ ۾ جسم تي باقي رهجي ٿو وڃي. ان کان بہ حقيقي وجود کي پاڪ صاف ڪري ٿو ۽ پوءِ اهو ئي گروه توحيد جو احرام ٻڌي "سير في الله" جي ڪعبي کي طواف ٿو ڪري ۽ اهوئي گروه يڪجهتي ۽ بيخوديءَ جي حقيقي ارڪانن کي ادا ڪري حقيقي نجات ۽ دائمي آزاديءَ جو حج ادا ٿو ڪري.

مٿي ذڪر ڪيل گروه کان علاوه عام ماڻهن جا بہ طبقا آهن. هڪ فريق- اُهو آهي جن جو رستو ايجاديءَ جو سلوڪ ايجابيءَ سان متحد هجي ۽ اهو فريق ٻن قسمن ۾ ورهايل آهي.

هڪ قسم اهو آهي جو دوزخ جي باهه جو عذاب نہ ڏسندو. ۽ جيئن تہ الاهي بخشش ان ڏي سبقت ڪندي ان کي هو فردوس جي گلزار ۾ خوش خوش گهمندو. ان جي وصف اها آهي. فِيۡهَا مَا تَشۡتَهِيۡهِ الۡاَنۡفُسُ وَتَلَذُّ الۡاَعۡيُنُ (جنهن شيءِ کي انهن جو جيءُ گهري ۽ جيڪي انهن جي نظرن ۾ سڻي معلوم ٿئي بهشت ۾ موجود هوندي).

ٻيو قسم- اهو آهي جو مغفرت نہ هڻڻ سبب اُهو چند ڏينهن عذاب نار (جهنم جي عذاب) ۾ گرفتار رهندو انهيءَ قصور جي سزا ۾ تہ افعالن جي صورتن مان گذري افعالن جي معنيٰ جي منزلن ۾ ان جو گذر نہ ٿيو.

۽ ٻيو فريق اهو آهي جيڪو فطرت جي رهنما وَمَا مِنۡ دَآبَّةٍ اِلَّا هُوَ اٰخِذٌ بِنَاصِيَتِهَا (جيترا جانور آهن سيني جي چوٽي ان جي ئي تہ هٿ ۾ آهي) جي پوَيان سڌي رستي تي جانورن وانگر هلي ٿو ۽ هڪ قدم بہ توحيد جي شاهراه تي (جيڪو ايجابي سڌي رستي جو پهريون قدم آهي) نہ ٿو رکي. هي گروه اهلِ بعدُ ۽ ارباب فرق آهن ۽ هنن جو مادو دوزخ جي طبقن ۾ هوندو. اعوذبک منک.

www.maktabah.org

www.maktabah.org

ٹیون چمن

www.maktabah.org

هن چمن ۾ نائين دور (نائين صدي) جا هيڻ ڏنل تفصيل مطابق حالات ذڪر ٿيل آهن.

پهريون- اهل حقيقت ۽ ذي معرفت درويشن جا حالات.

ٻيو- عقلي ۽ نقلي علمن جي عالمن جا حالات.

ٽيون- سلوڪ ۽ رياضت جو رستو هلڻ وارن صاحبن جا حالات.

چوٿون- جيڪي ماڻهو خودي ۽ ڪان ۽ خرد ڪان آزاد آهن انهن جا حالات.

اي حوصلا هيڏي اڇ ۽ غور سان ڏس. هر هڪ حڪايت بجاءِ خود گلزار معرفت جي هڪ هزار داستان بلبل آهي جيڪا عام ماڻهن کي چاهي اُهي ٻوڙا هجن يا صحيح ڪنن وارا هجن. انهيءَ جهانن کي ٺاهيندڙ لاشريڪ لہ جي تسبيح ۽ رضا جوئيءَ جو ترانو ٻڌائي ٿي. جنهن **عَلَّمَ اٰدمَ الاَسمَاءَ كُلَّهَا** (آدم کي سيني شين جا نالا ٻڌائي ڇڏيا). جو سرود حضرت صفي الله کي تعليم فرمايو هو تہ جيئن حضرت صفي الله جي تراني جي سرزنش ڪرڻ وارن جي منهن تي شرمندگيءَ جو پردو پوي. جيئن حضرت صفي الله پنهنجي هم دانيءَ جو ترانو، عيب ڪيڻ واري هنر فروش جماعت کي ٻڌائن. جنهن کي ٻڌي ذڪر ڪيل جماعت پاڻ پڏائڻ جي بلند پروازيءَ کان نادانيءَ جي پستيءَ ۾ اونڌي اچي ڪري ۽ حضرت صفي الله علمي استعداد جي ڪري خالق بي مثل ۽ سلطان لامڪان جا خليفا ۽ جانشين بنجن. هي بلڪل سچ آهي.

بابا اسحاق مغربي رحمۃ اللہ علیہ جي ياد ۾

پاڻ حاجي محمد ڪيمي مغربيءَ جا مريد آهن. جن جي عمر هڪ سؤ ويهه سال هئي ۽ چاليهه حج ڪيا هئائون. چون ٿا تہ سندن پير سندن سڃائي ۽ سعادت جي حالات ۽ آثار ڏسي بيعت جي ڏينهن ئي خلافت جو خرقو بخشي ڇڏيو هئن ۽ سيني خليفن ۽ مريدن کي فرمايو هئائون تہ اسحاق اسان جو وڏو خليفو آهي. هن جي تعظيم گهٽي ڪندا رهجو. اهڙيءَ طرح پير جي خدمت ۾ رهي چند سالن تائين پاڻ فائدو حاصل ڪيائون. ان کان پوءِ اجازت ونی دهليءَ آيا. سلطان محمد تغلق شاهہ سندن تعظيم ۽ خدمت ۾ گهٽي ڪوشش ورتي.

www.maktabah.org

مگر پاڻ ماڻهن جي هجوم کان تنگ دل ٿي اجمير جي کوهستان ۾ هليا آيا. هڪ رات جو ذڪر آهي ته پاڻ عالم مثال ۾ خواجه معين الدين چشتي رحه اجميريءَ جي خدمت ۾ پهتا اتان اجازت ملڻ کان پوءِ ڳوٺ کهٽو (اجمير شريف کان تقريباً ٽيهه کوهه پري ناگور ضلعي ۾ هڪ ڳوٺ آهي) پهچي اتي ئي پنهنجو گهر تجويز کيائون. سندن خليفي شيخ احمد کهٽوءَ واري جو بيان آهي ته هڪ سال مان پنهنجي گهر کان هلي بابا جيءَ جي خدمت ۾ دهليءَ پهتس. بابا مونکي پنهنجا اڳيان گهر ڏيکاريا. ۽ فرمايو ته ٻارهن سالن جي عمر هئي ان وقت مان والدين جي خدمت ۾ پير طريقت جي جستجوءَ ۾ حيران ۽ پريشان نڪتس. مختلف طبقن جي چوئيتاليهه پيرن جي مون خدمت ڪئي. جنهن کي جتي ٻڌم پهتس ۽ انهن جي ديدار سان اکين کي ٺڏو ڪيم ۽ هر هڪ پير جي فرمانبرداري ۽ پيروي ڪري دل ۽ عادتن جي اصلاح جو عمل ڪيم. ۽ خلافت نامہ ورتم. انهيءَ ويچ ڏُڪَ ۾ مان هڪ شهر ۾ پهتس جتان جو حاڪم منهنجو معتقد ٿي پيو. مگر اتان جا قلندر مون تي رشڪ ڪرڻ لڳا. هڪ وڏي باهه ٻاريائون ۽ ڪوئلن جو ڍير فراهم ڪيائون. مون کي دعوت ڏنائون ته اسان حلوو پچايو آهي. مون کي انهن جي قاعدي ۽ قانون جي خبر ڪانہ هئي. لهذا مون قبول ڪيو. ايتري ۾ مونکي باهه جي ويجهو وڃي ويا مون هڪ دفعو الله وحدهُ لاشريک لهُ جو نالو وٺي انهن جي ٻاريل باهه کي پيرن سان رڳڑي ڇڏيو. ابراهيمي همٽ ولايت جو اظهار ڪري باهه ۾ گلن جي خاصيت پيدا ڪئي.

مولانا سيد احمد بن محمد ٿانسيري رحمۃ اللہ علیہ جي ياد ۾

پاڻ ظاهري علمن ۾ ڪامل هئا. سلطان بهلول جي دور ۾ پنهنجي وطن کان دهليءَ اچي گهر ناهيو هئائون. شيخ نصير الدين چراغ دهلي جا مريد ۽ مولانا خواجگي نحويءَ جا ياءُ هئا. چون ٿا ته جڏهن ياءُ جو خواب مولانا ٻڌو جنهن جو تعبير دهليءَ جي بربادي هو ته پاڻ فرمايائون ته هي خواب ۽ خيال عبرت ۽ اعتبار جي قابل نہ آهن. ۽ انهيءَ بنياد تي اُتان لڏڻ جو خيال دل ۾ نہ آندائون. سندن ياءُ ئي ڏينهن ۾ رهائش جو سامان ڪٽي ڪالپيءَ هليو ويو چند ڏينهن کان پوءِ صاحب قرآن امير تيمور دهلي فتح ڪئي ۽ شهر جي بين باشندن

www.maktabah.org

وانگر مولانا بہ گرفتار ٿيو مگر اهڙي شخص جي حراست ۾ آيا جيڪو طالب العلميءَ جو شوق رکندو هو. هڪ ڏينهن اُهو شخص پنهنجي ساٿين سان گڏ مطول معانيءَ تي بحث ڪري رهيو هو تہ مولانا سندن غلط پڙهڻ ٻڌي قيدين جي وچ مان مٿو مٿي ڪيو ۽ چيو تہ انهيءَ عبارت لاءِ اها معنيٰ درست نہ آهي. انهيءَ شخص حيرت ۾ اچي مولانا سان معذرت ڪئي ۽ سندن حال جي ڪيفيت صاحب قــرآن جي روبرو بيان ڪئي. ان کان پوءِ مولانا نهايت تعظيم سان سلطاني بارگاه ۾ وٺي ويا ۽ مٿاهين مقام تي وهاريائون. صاحب قــرآن بہ معذرت ڪندي چيو تہ دهليءَ تي چڙهائي نفساني خواهش سان نہ بلڪ بخاراجي عالمن جي فتويٰ سان ڪئي وئي آهي. "فتويٰ ڪٽي اچو تہ جيئن مان ڏسان"، مولانا فرمايو. هاڻي فتويٰ جو ڏسڻ ۽ ڏيکارڻ کا مفيد ڳالهہ ناهي. ڪاش! هن چڙهائيءَ کان اڳ مان ڏسان ها تہ علمي معاملي تي بحث مباحثو ڪيو وڃي ها. ۽ جائز ۽ ناجائز جي تميز ڪجي ها. انهيءَ دوران مولانا برهان الدين ملتاني مرغيناني صاحب هدايہ فقہ جو پوٽو اچي ويو. ۽ مولانا احمد کان بہ مٿاهون ٿي وينو. پڇو ويو تہ هي ڪير آهي. ماڻهن ٻڌايو تہ فلاڻي جو پوٽو آهي. پاڻ ڪلندي فرمايائون تہ جنهن جي ڏاڏي فقہ ۾ چوڏهن جاين تي غلطي ڪئي آهي ممڪن آهي تہ ان جو پوٽو ادب جي باري ۾ هڪ جاءِ تي غلط هجي. هي ٻڌي هو برهر ٿيو ۽ مولانا جي دامن کي پکڙيائين. ۽ چيائين تہ انهيءَ ڳالهہ جو تفصيل ڪرڻ گهرجي. مولانا فرمايو تہ اُهي خاص خاص مقام هن وقت تہ منهنجي ذهن ۾ نہ ٿا اچن منهن جو پُٽ جُمَو ڄاڻندو آهي. صاحب قرآن جي حڪم سان شيخ جُمَي کي لشڪرن مان ڳولي آندو ويو. ٻئي ڏينهن لشڪر ۽ شهر جي عالمن جي مجلس منعقد ڪئي وئي ۽ علمي گفتگو پيش ڪئي وئي. ۽ اهڙي طرح شيخ جُمي پيءَ جي فرمان مطابق هدايہ جي اُهي چوڏهن مقام جن تي اعتراض ٿيل آهي ڳڻايا- ۽ مناظري سان ثابت ڪيائين. ان تي چئني طرفن کان آفرين آفرين جا آواز اچڻ لڳا. صاحب قرآن فرمايو تہ هن شهر ۾ درس حاصل ڪرڻ وارن لاءِ رهائش گاهہ ۽ خانقاه ناهي وجي ۽ مولانا جي لاءِ محل تعمير ڪيو وڃي. مولانا چيو تہ مولانا خواجگي ۽ بيا ولايت جا صاحب جيڪي منهنجا هم نشين هئا هتان کالپيءَ هليا ويا آهن. ۽ اتي رهائش اختيار ڪئي اٿن لهذا هاڻي اهوئي بهتر ٿو معلوم ٿئي تہ مان بہ انهن سان گڏ رهان ۽انهن وٽ مران چو تہ هاڻي عمر جو سج پيلو ٿي ويو آهي.

www.maktabah.org

آخرڪار پاڻ ڪالپي قلعي ۾ اچي ويا ۽ باقي عمر درس ڏيندا رهيا. عربي زبان ۾ هڪ قصيدو سندن نعت ۾ لکيل آهي جنهن کي قصيده برده جي برابر چئي ٿو سگهجي. مولانا عبدالحق دهلويءَ پنهنجي تذڪري ۾ ان جا ڪيترا شعر لکيا آهن.

خواجہ ضياءُ الدين برني رحمۃ اللہ عليہ جي ياد ۾

پاڻ نالیوارا اهل سخن ۽ مصنفن مان هئا. گهڻيون ئي تصنيفون ۽ تاليفون سندن يادگار آهن. جيئن ثناءِ محمد صلعم- عنايت نامہ الاهي- ماثر السادات- تاريخ فيروز شاهي- وغيره وغيره. پاڻ پنهنجي سخن آرائيءَ سان مجلس جو حُسن عجيب عجيب مضمونن محفل جي نشاط ۽ شيرين بيانن سان دوستن ۽ ساڻين جي خوشي وڌائيندا هئا. سلطان نظام الاولياءَ جا مريد- امير خسرو ۽ خواجہ حسن سنجري جا بااخلاص دوست ۽ سلطان محمد تغلق جا خاص نديم هئا. سلطان کين وڏي عزت سان ساڻ رکندو هو. جڏهن سلطنت جي نوبت فيروز شاهہ کي پهتي تہ پاڻ ہ پير کي گوشي نشينيءَ جي درخواست ڪيائون جيڪا قبول ٿي. اڪثر ڪتاب انهيءَ فرصت ۾ تصنيف فرمايائون. چون تہ آخري زندگيءَ ۾ دنيوي سامان جيڪي ڪجهہ ہ هو پير بزرگوار کي نذر ڪري درويشن کي ڏئي ڇڏيائون ۽ جڏهن سندن زندگيءَ جو وقت پورو ٿيو تہ سندن حجري مان چادر ۽ ٻوريءَ کان سواءِ ڪجهہ ہ نہ مليو. کي چون تہ سلطان نظام الاوليا جي زماني ۾ ٽي شخص ضيا نالي وارا هئا. (1) برني (2) نخشي ۽ (3) سنامي. پهريون مريد ڪامياب آخرين منڪر ناڪام ۽ وچون بنهين کان الڳ. انهيءَ حالت ۾ ٽئي زندگي گذاريندا هئا.

۽ ڪي وري چون تہ تہ صرف برن ڳوٺ کان ٽي ماڻهو ضيا نالي جا آيا هئا. ٽئي اهل علم- اهل سخن- مشائخ دوست- مريد ۽ بنهين جهانن ۾ مستفيد هئا. رحمهم الله.

شيخ رڪن الدين مودود کان شڪر نهروالہ رحمۃ اللہ عليہ جي ياد ۾

پاڻ نسب جي لحاظ کان خواجہ علم الدين محمد جا پٽ آهن جيڪو خواجہ علاؤالدين يوسف جو پٽ هو ۽ اُهي خواجہ بدرالدين سليمان جا پٽ هئا.

www.maktabah.org

۽ خواجہ بدرالدين سليمان اسوة الاولياءَ ڪرام مخدوم شيخ فريد الدين مسعود گنج شڪر رحہ جا فرزند آهن. قدس ارواحهر. ۽ بيعت و خلافت جي اعتبار ڪان پاڻ شيخ محمد زاهد جا خليفا آهن. شيخ محمد زاهد، يوسف جو پٽ- يوسف، احمد جو، احمد، محمد جو، محمد، خواجہ عليءَ جو، خواجہ علي، ابي احمد جو ۽ ابي احمد قطب المشائخ عظام خواجہ مودود چشتيءَ جا فرزند آهن نور مرقدهر. ۽ پاڻ وري شيخ عزيز الله المتوڪل علي الله منڊوي رحہ جا پير و مرشد آهن. نزد سرهُ تجريد ۽ تفريد جي رياضت هن حد تائين پهتل هئن جو گهٽو ڪري راتين ۾ هڪ وضوءَ جو پاڻي بہ باقي نہ رکندا هئا. فرمائيندا هئا تہ تهجد جي وقت غيب کان پاڻي اسان کي ملي ويندو. سندن قبر پٽن گجرات ۾ آهي جنهن جو نالو پراڻن ڪتابن ۾ نهروالہ آهي. چون ٿا تہ هڪ ڏينهن سلطان عشاق يگانہ آفاق سيد محمد گيسودراز سندن ملاقات لاءِ آيو پاڻ ۾ معرفت جي گفتگو ٿي. انهيءَ دوران سيد دريافت ڪيو تہ ڪشف ۽ ڪرامات ۽ فتوحات سلطان العارفين بايزيد بسطامي رحہ ۽ سيد طائفہ جنيد بغداديءَ قدس سرهما- کي ٿيندين هيون اُهي هن زماني ۾ نہ ٿيون ٿين ان جو ڇا سبب آهي؟ فرمايائون تہ انهيءَ زماني ۾ چيلهہ ۾ همياني (بٽون) نہ ٻڌندا هئا. چون ٿا تہ سيد جي چيلهہ ۾ همياني ٻڌل هئي. انهيءَ ئي وقت کولي ڇڏيائين. هجري سن ست سؤ پنج ۾ پاڻ عالم ارواح کان اجسام ۾ آيا هئا. جڏهن پنجويهہ سال عمر ٿين تہ خداشناسيءَ ۾ قدم رکيائون ۽ ٻاويهين شوال هجري سن اٺ سؤ يارهن تي عالم قدس جي تياري فرمائي عالم اجسام جي چوڏيواريءَ کان رخصت ڪيائون.

سيد محمد گيسودرازؒ جي ياد ۾

پاڻ شيخ نصير الدين چراغ دهلي رحہ جن جا خليفا آهن. قبر گلبرگ ڳوٺ ۾ اٽن جيڪو گول ڪنبہ صوبي دکن جي سرڪار ۾ واقع آهي. جڏهن پاڻ دهليءَ کان پير بزرگوار جي اجازت سان دکن جي طرف روانہ ٿيا تہ رستي گواليار کان بہ گذر ٿين. انهن ڏينهن ۾ شيخ علاءالدين ڪالپيءَ جو جاگيردار هو. انهيءَ سيني عالمن ۽ دانشورن سان گڏجي اڳتي وڌي سندن استقبال ڪيو ۽ ڪمال عزت ۽ اڪرام سان کين شهر ۾ آندائون. ان جا چار پٽ هئا. ۽ هر

www.maktabah.org

هڪ گويا علم جو هڪ رُڪُنُ هو انهن ۾ شيخ ابوالفضل- ابو سعيد ۽ ابوالبرڪات کي سيد جو مريد ڪرايو ۽ سفر جي تياري ضرورت کان وڌيڪ ڪري رخصت ڪيو. پاڻ جڏهن دکن ۾ پهتا تہ ان وقت سلطان احمد بهمن شاهيءَ جو زمانو هو. جڏهن سلطان گهٽي تعظيم ڪري سلطنت جي تخت تي وهاريو- تاج- چتر ۽ عَلَم پيش ڪيا ۽ ڪيترائي ڳوٺ ۽ باغ خانقاه جي نالي وقف ڪيا چنانچہ مسافر ۽ مقيم امير وغريب سڏائي هڪ هزار ماڻهو صبح ۽ شام سندن دسترخوان تان کاڌو کائيندا هئا. چراغ دهليءَ جي سلسلي کي سج وانگر فروغ سندن ذات سان آهي. سندن عمده عمده تصنيفون گهڻيون آهن. هڪ ڪتاب ٿمر نالي سلوڪ ۽ تصوف ۾ تحرير ڪيو اٿن. هن ڪتاب جي عبارت تمام ۽ ڪمال ۽ تاويل جي طور تي واقع آهي. ٻي معدن المعاني ۽ ٽين شرح سوانح امام احمد غزالي رحہ لکي اٿن. سوانح جي باري ۾ پاڻ فرمائيندا هئا تہ هيءَ هڪ ڪنوار وانگر آهي جنهن کي اجا تائين اهل سخن جو هٿ بہ نہ لڳو آهي. لفظن جو نقاب هن جي منهن تي اجا تائين پيل آهي. ڇون تا تہ شرح لکڻ کان پوءِ پيٽ مان رت اچڻ شروع ٿيو هجري سنہ اٺ سؤ پنجويهن ۾ عالم قدس ڏي ڪوچ فرمايائون. اڇکلهہ سندن فرزندن انهيءَ ئي ڳوٺ ۾ انهيءَ ئي سلطنت جي صورت ۾ سلسلي کي جاري رکيو تا اڄن.

سيد محمود رحمۃ اللہ علیہ جي ياد ۾

پاڻ سيد سماءُ خورد جا پٽ آهن. سيد سما بزرگ ناصر مصريءَ جا فرزند هئا. سندن پيدائش جي جاءِ ۽ خوابگاه ٻئي منڌو (ماندو) ۾ آهن. سيد محمد جن جو لقب جوانيءَ ۾ سيد خان هو. جنهن دولت ۽ سپاهگيري ڇڏي سڄي عمر درويشي ۽ رياضت ۾ گذاري ڇڏي. سندن بيان آهي تہ سيد ناصر مصريءَ وٽ پنهنجي شهر ۾ هزار ماڻهو هنر وارا ۽ پيشي وارا ملازم هئا. پيشي وارن جي محنت جي حصي مان جيڪي ڪجهہ هر روز هٿ لڳندو هئن اُهو سڀ سيد ناصر خانقاه جي صوفين مهمانن جي سراءِ ۾ ايندڙن تي خرچ ڪري ڇڏيندا هئا. هڪ ڏينهن هڪ غلام پنهنجي همرازن کي چئي رهيو هو تہ اسان جو سيد پنهنجي غلامن جي ڪم جي آمدنيءَ تي خانقاه داري تا ڪن. ۽ اسين سڀ عيالدار ٿي

www.maktabah.org

ويا آهيون ۽ اجرت جي آمدنيءَ جو اهو حال آهي جو هارن ٻڍن جي روزاني خرچ خوراڪ لاءِ به ڪافي نه ٿو ٿئي. هن غلام جي هيءَ شڪايت هڪدم خواجہ جي دل ۾ چيڀي وئي. سيد ناصر مصريءَ اهڙي ته قلندرانہ صورت بنائي جو ڪير به سڃاڻي نہ سگهين ۽ هندوستان ڏي هليا آيا. سير ڪنان حصار فيروزه ۾ پهتا. اُتي هڪ درويش سان ملاقات ٿين جيڪو ڪيميا جو علم ۽ عمل ڄاڻندو هو ناصر مصريءَ درويشن جي صحبت اختيار ڪئي. آخرڪار مقيم درويش کي اچڻ واري جي حالت جي خبر پئي جيئن ته مقيم نئين آيل انسان کي سنجيده ڏٺو ان ڪري پنهنجو ناني بنايائينس ۽ اڪسير جو علم سيکاريائينس ۽ فرمايائين ته پنهنجي وطن وڃ سيني غلامن کي آزاد ڪر هن عمل جي ذريعي عمدي طريقي سان خانقاه کي رونق ڏي. مطلب ته سيد ناصر مصري استاد جي حڪم جي تعميل ڪئي ۽ چند سالن کان پوءِ پنهنجي پٽ سيد سماءُ کي ڪيميا سيکاري هندوستان ڏي روانو ڪيو ۽ فرمايو ته حصار ۾ وڃي بزرگ استاد جو حال معلوم ڪجانءِ. سيد سماءُ جڏهن حصار ۾ پهتو ته اتي مهربان استاد زنده نہ هو. ۽ آخرڪار ڪيميا جي ذريعي هڪ جماعت کي ساڻ ڪنيائين جيڪي سپاهين جي صورت ۾ درويشاڻي سيرت رکندا هئا. ۽ هنن سيني سان گڏجي منڊو (مانڊو) ۾ آيا. ان زماني ۾ رام ويراي انهيءَ صوبي جو حاڪم هو. اُهو خدا جي مشيئت تحت مقابلو نہ ڪري سگهيو. منڊو (مانڊو) جو قلعو خالي ڇڏي هڪ طرف هليو ويو. ۽ هي علائقو اهلِ اسلام جي هٿ آيو. ۽ ان وقت کان پوءِ وري اسلام جا بنياد قائم ٿيا. ان کان پوءِ سلطان هوشنگ ولد دلاور خان غوريءَ نائين صديءَ جي آغاز ۾ وڌيڪ آباد ڪيو. ۽ دين محمديءَ کي گهٽي قوت حاصل ٿي. سيد محمود جي درويشيءَ جي رونق ڪمال تي پهتي ۽ پاڻ فضليت ۽ ڪرامت جا صاحب ٿيا.

يوسف بدها ايرجي رحمۃ اللہ علیہ جي ياد ۾

مقتول العشق سندن خطاب آهي. اتفاق سان سندن بزرگن کي خوارزم کان هند ۾ آڻي ڳوٺ ايرج ۾ آباد ڪيو هو. جڏهن سندن هوش جو زمانو آيو ته خواجہ اختيار الدين عمر جي خدمت مان پاڻ ڪتابي علم ۽ قلبي ڪمالات جي

www.maktabah.org

تکميل ڪري خلافت جو خرقو حاصل ڪيو. پوءِ سيد جلال الدين بخاري ۽ شيخ راجو قتال جي خدمت ۾ پهچي اتان بہ گهٽو فائدو حاصل ڪيائون. امام غزاليءَ جي منهاج العابدين جو ترجمو سندن ئي تاليف مان آهي. فارسي شعر جو بہ ذوق هئن. تاريخ محمديءَ جو مصنف جيڪو سندن مريد هو. لکيو آهي تہ سندن خانقاه ۾ قواليءَ جي مجلس هجري سنہ اٺ سؤ چونيهن ۾ ٿي هئي. صوفين جي جماعت تي حال طاري هو. پاڻ بہ شورش ڪري رهيا هئا. اوچتو سندن روح بدن کان عالم لاهوت ڏي پرواز ڪري ويو. سندن قبر اُتي ئي خانقاه جي اڳڻ ۾ آهي. ۽ سلطان علاؤالدين محمد ولد خان جهان خلجي منڊويءَ سندن قبر تي هڪ عاليشان گنبذ تعمير ڪرايو.

شيخ علي پُرو رحمۃ اللہ علیہ جي ياد ۾

پُروَ هڪ ڳوٺ جو نالو آهي. مهائم جي ويجهو جيڪو گجرات جي هيناهين حصي ۾ هڪ بندر آهي. سندس والد بزرگوار جو نالو احمد مهائمي آهي. ٻنهين جهانن جي حقائق ۽ اسرارن جا پاڻ عارف هئا. صوفين جي اصطلاحات ۾ پاڻ شيخ محي الدين عربي ۽ شيخ صدرالدين قونوي جا پيرو آهن. انهن ٻنهين بزرگن جي تصنيفات تي پاڻ عمده شرحون لکيون اٿن ۽ سنجيده حاشيہ لڳايا آهن. زوارف شرح عوارف سندن ئي آهي. ۽ تفسير تبصره رحمانيءَ ۾ جنهن ۾ عبارت ترجمي سان قرآني ترتيب کي ملايو آهي ۽ آيتن کي تکرار کان الڳ ڪيو آهي. هي پسنديده طريقو سڀ سندن ڪوشش آهي.

هڪ رسالي ۾ لکيل آهي تہ امام جمال الدين محمد نالي يمن ۾ هڪ عالم هو. انهن جو خط هڪ خادم مون وٽ ڪٽي آيو ۽ انهيءَ هي بيان ڪيو تہ شرف الدين معلم قرآن يمني جي فهم ۽ بصيرت ايتري قدر تہ ڪانهي جنهن جا شعاع شيخ محي الدين عربيءَ جي ڪلام تي پئجي سگهن ان ڪري هن کي شيخ کان انڪار آهي. حالانڪ انڪار جو سبب هن جي ڪوتاهي ۽ نارسائي آهي ۽ شيخ جي ۽ شيخ جي پيرن جي تڪفير تو ڪري. هي بيان ٻڌي خيال پيدا ٿيو تہ حق ڳالهہ ضرور ظاهر ڪرڻ گهرجي پوءِ انهيءَ خيال کان مون کي گهر ۾ ويهڻ نہ ڏنو. لاچار سفر جي لاءِ سندرو ٻڌي يمن ڏي هلي پيس. ۽ اتي

www.maktabah.org

پهچي الزامي حجتون ۽ قطعي دليل پيش ڪيم. آخرڪار مون شبهات جي گندگي ۽ طعن و تشنيع جو گرد و غبار معلم جي عقيدن تان دور ڪيو. ڇو ته صوفين جو گروه جن ماسواءِ طريقت کي ترڪ ڪري حقيقت ۽ شريعت ۾ تطبيق ڏني آهي ۽ پنهنجي طرفان نيست شمار ڪري وچ ۾ نه ٿا آڻن. ان جي امداد سيني خدا شناس عالمن تي لازم آهي. پاڻ شيخ صدرالدين قونوي جي فصوص جي شرح لکڻ کان پوءِ ڏهن سالن کان ڪجهه گهٽ امڪاني لباس ۾ زنده رهيا ۽ ذڪر ڪيل شرح جي تاليف اٺ سؤ ٽيهه ۾ ٿي آهي ڪن جي نزديڪ سندن رحلت جو سال ۽ مهينو جمادي الاخر هجري سن اٺ سؤ پنجٽيهه آهي خوابگاه مهائر.

مولانا نظام الدين خاموش رحمة الله عليه جي ياد ۾

پاڻ ڇڻ ته وجوب ۽ امڪان جي بن درياهن جي وچ ۾ برزخ هئا. جمالي ۽ جلالي نمائشون سندن ذات ۾ نمايان هيون. حقائق جي اصول جي مسند تي ڪين زينت هئي. ۽ طريقت جي فروع ۾ روايتن جا پاڻ ماخذ هئا. تصوف جي ميخاني ۾ سندن بيان جي برابر جيڪو سراپا جوهر آهي. ڪو ڪيف ناهي. سماع جي محفل ۾ ڪين جوش ۽ خروش نه ٿيندو هو. هميشه پنهنجي باطن کي ڏسڻ لاءِ ظاهر کي ڏسڻ وارين اکين کي باهر جي طرف ڪان بند ڪري اندروني ۽ باطني آرائش جي سامان ۾ رهندا هئا. جنهن زماني ۾ بخارا جي مدرسي ۾ پاڻ علم حاصل ڪري رهيا هئا. انهيءَ زماني ۾ خواجه بزرگ جي خدمت جي توفيق ٽين ۽ انهيءَ خانواده جي محبت جو نقش سندن دل تي ويهي رهيو هو. انهيءَ ڏينهن کان پاڻ نفس جي مجاهدي ۽ اصلاح جي سلسلي ۾ ڪوشش ڪري رهيا هئا. ايتريقدر جو خواجه علاؤالدين عطار جي خدمت ۾ پهچي ڪين روشن ضميريءَ جي قوت حاصل ٿي وئي ۽ بيائيءَ واري خشڪ زهد کان نجات حاصل ڪري يڪتائيءَ سان پريل توحيد جو ڊُڪُ پي مست ٿي ويا. قدس الله اسرارهم.

خواجه عبدالله امامي اصفهاني رحمة الله عليه جي ياد ۾

پاڻ معرفت ۽ ڪمالات جا درياه توحيد جي ڪاڻ ۽ خواجه علاؤالدين عطار جي مريدن ۽ دوستن جي گروه مان هئا. پاڻ خواجه علاؤالدين عطار جي دلچسپ

www.maktabah.org

بيانات ۽ ڪرامتن کي لکي زماني وارن لاءِ فائدي جو سامان مهيا ڪيو آهي. ان ۾ پاڻ لکن ٿا تہ معرفت جي تلقين جي شروعات ۾ اسان جي خواجہ جو اهو طريقو هو جو طالبن کي اها تعليم هوندي هئي تہ پنهنجو عنصري خزانو ۽ قوي ادراکن جا سڀ ڪمال ۽ جوهر، عنصري مرشد جي هٿ تي وڪٽي ڇڏڻ گهرجن. جيڪو الاهي هستيءَ جي آمدورفت جي دري آهي. تصوف جي زبان ۾ هدايت جي انهيءَ شڪ کي فنا في الشيخ چوندا آهن تہ جيئن جيڪو شخص هستيءَ کي وڪٽي- ان جي عيوض نيستيءَ جو خريدار ٿئي. ان شخص کي جيڪڏهن لوڪ جي گهاٽين ۾ قبض پيدا ٿئي تہ انهيءَ خدائي آئيني (مرشد) جي تصور سان مقصد جو رستو ملي وڃي. چون ٿا تہ پهرئين ملاقات ۾ پيرهي زمزمہ کين ٻڌائي سندن هوش ۽ حواس گم ڪيا هئا.

مخدوم شيخ جمال الدين ڪٽو احمد آبادي رحمۃ اللہ علیہ جي ياد ۾

ڪٽو هڪ ڳوٺ جو نالو آهي جيڪو ناگور ۽ اجمير جي ڪوهستان ۾ آهي. هتي پاڻ رهندا هئا. ليڪن سندن وڏا دهلوي هئا. سندن پيدائش بہ دهليءَ جي آهي عقل ۽ فهم جا صاحب هئا. هجري سن ست سؤ انٽيهہ ۾ پاڻ پنهنجي وجود سان خاڪ جي عالم کي شرف بخشائون. چون ٿا تہ هڪ ڏينهن دهليءَ ۾ اهڙي تہ سخت آندي آئي هئي جو وزني شيون بہ اڏامي ڪيترين پري وڃي ڪريون هيون. ان زماني ۾ پاڻ نندڙو هئو. ملک نصير الدين سندن نالو هو. گهٽيءَ ۾ پنهنجي هر عمر سان کيڏي رهيو هو آندي کين پتنگ وانگر اڏائي دهليءَ کان ڪئي ڪوهہ پري ڳوٺ ڪٽوءَ آڻي ڇڏيو. ان زماني ۾ بابا اسحاق مغربيءَ انهيءَ ڳوٺ ۾ عبادت لاءِ حجرو ناهيو هو. بابا اسحاق حاجي محمد ڪيميءَ جا خليفا آهن. جن چاليهہ حج ڪيا هئا. حاجي صاحب اسوة العرفا مغربيءَ جي سلسلي جا هئا قدس سرهہ ۽ اسوة العرفا ابومدين مغربي- سيد عبدالقادر جيلاني رح جن جا هم عصر هئا. بهرحال ازلي سعادت هن يار جي پرورش جو حڪر باباجَي نالي جاري ڪيو ۽ بابا سندن نالو جمال الدين رکيو. پاڻ جڏهن وڏا ٿيا تہ حقيقي بيعت جي رسم ادا ٿي. ۽ ٿوري ئي خدمت ۽

www.maktabah.org

رياضت سان عالم ارواح ۽ عالم اجسام جي ڪمالي مرتبي تي فائز ٿيا. انهن صديءَ جي آخر ۾ سلطان احمد بن مظفر جو دور هو جو پاڻ پير جي حڪم سان گجرات هليا ويا ۽ سامپرمتيءَ جي ڪناري جيڪو هاڻي احمد آباد قلعي جي هيٺان روان آهي گوشي نشين ٿي ويا. وقت جي سلطان به سندن محبت ۽ اتفاق جي ڪري انهيءَ جاءِ تي هڪ وڏي شهر جو بنياد رکي احمد نالو رکيو. خاص ندين کي هن بنياد جي تاريخ "ڪلمه بخير" ملي ان ڪري سلطان جانپانير شهر کي جيڪو اڳين حڪمرانن جو دارالسلطنت هو. ڇڏي هن نو آباد شهر کي پنهنجو تخت گاه بنايو. هي شهر سندن قدمن جي برڪت سان اهڙو ته اسلامي شهر ٿيو جو سڄي هندوستان ۾ هن جو مثال نه ٿو ملي.

لکيو اٿن ته زماني جي مشائخن جي خدمت جي آرزو کين گهٽي رهندي هئي ۽ ان ڪري هميشه سفر ۾ رهندا هئا. پاڻ هڪ خط ۾ جيڪو شيخ ڪمال الدين احمد آبادي‌ءَ جي نالي سمرقند کان موڪليو ويو هو. لکيو اٿن ته مون سنه ست سؤ ٽياسيءَ ۾ بحراعظم جو سفر اختيار ڪيو هو. عدن جي جزيره ۾ پهچي شيخ عبدالله يافعيءَ جي خليفي شيخ عبداللطيف يمنيءَ سان ملاقات ڪئي. ان کان پوءِ مڪي معظمه جي زيارت سان مشرف ٿي حج ۽ عمرو ادا ڪيو ۽ مڪي جي بزرگن جي ملاقات مان فائدو حاصل ڪيائون. پوءِ صاحب مدينه عليه افضل التحيات جي زيارت سان شرف حاصل ڪري پنهنجي خاڪي منهن کي سندن آستاني جي خاڪ سان منور ڪيو. ان کان پوءِ هجري سنه اٺ سؤ ۾ هري ويا. ان وقت شيخ شهاب الدين خياباني خراسان جا شيخ هئا. اتي انهن سان ملاقات ڪيائون پوءِ سمرقند ۾ پهچي اتان جي مشائخن جي خدمت حاصل ڪئي. چون ٿا ته گجرات ۾ واپس اچي جلد ئي سفر پورو ٿيو ۽ هن بيمثال شهر ۾ ڪجهه سال هدايت جي طالبن کي فيض پهچايو. جڏهن چوڏهين شوال جي مهيني هجري سنه اٺ سؤ اٺونجاهه تي طلب جو فرمان پهتو ته خوشيءَ سان هن ظلماني عالم کان نوراني عالم ڏي رحلت فرمايائون سندن قبر سير گنج ۾ آهي جيڪا ان شهر جي بازار آهي. سندن قبر تي هڪ عاليشان گنبد ۽ بلند عمارت ٺهيل آهي. ڪي چون ٿا ته آنڏيءَ جي حادثي کان پوءِ پاڻ خواجه نجيب نساج جي هٿ لڳا هئا ۽ اتان پوءِ بابا جي هٿ آيا. اهڙي طرح جو مولانا صدرالدين حافد مولانا شهاب الدين عالم همداني ڏيڏوانه ويندا هئا جيڪو

www.maktabah.org

دهليءَ جو پرڳٽو آهي. ان ڪري بابا اسحاق وٽ موڪلائڻ ويا تہ بابا فرمايو تہ جيڪڏهن ڪو سمجهدار چوڪرو هٿ اچي تہ منهنجي لاءِ آڻجان. جڏهن مولانا صدرالدين ڏيڏوانہ ۾ پهتا تہ خبر پيئن تہ هڪ چوڪرو نساج ڪي مليو آهي مولانا ڪي بابا جو پيغام ياد آيو. چوڪري ڪي ڏسڻ ويا ۽ نساج کان گهري بابا جي لاءِ آندائون.

قاضي شهاب الدين عمر رحمۃ اللہ علیہ جي ياد ۾

پاڻ زابلي- دولت آبادي ۽ جونپوري آهن. زماني جي سڀني عالمن کان گهٽو علم رکندا هئا. ۽ سڀني فنن ۾ استاد هئا. نظم جو شوق هئن. فارسي زبان ۾ شعر چوندا هئا. سندن وڏن کي شيخ الشيوخ عمر بن محمد شهاب الدين سهروردي سان بيعت ۽ عقيدت هئي. ان ڪري کين پير سهرورد جو رسمي مريد ڪرايو ويو. پاڻ هر علم ۾ برجستہ متن- شرح ۽ حاشيا لکيا آهن. ان سان گڏ سندن هڪ تفسير بهر مواج بہ آهي. جيئن تہ هي فارسي زبان ۾ آهي. لهذا درسي ڪتابن ۾ ان جو شمار نہ ٿي سگهيو. اهائي معنيٰ جيڪڏهن عربي عبارت ۾ هجي ها تہ عالم جي نزديڪ هي ڪتاب ڪشاف جي هم پهلو هجي ها.

چون ٿا تہ انهيءَ زماني ۾ هڪ سيد هو اجمل نالو هئس. جنهن جو نسب جو جمال- حسب جي زيور سان آراستہ نہ هو. سيد جي مٿي ۾ اها هوا پري تہ محفل ۾ قاضي صاحب کان مٿاهين جاءِ تي وهڻ گهرجي. قاضي صاحب هڪ رسالو لکيو هو جنهن ۾ غير سيد عالم کي بي علم سيد تي فوقيت ڏني هئائون. پوءِ انهن ٻنهين جي برابر درجي هئڻ جو اقرار ڪري هڪ ٻيو رسالو مرتب ڪيائون. ۽ ان ۾ واضح ڪيائون تہ منهنجي عالميت درست آهي ۽ تنهنجي علويت مخفي آهي. لهذا مٿي وهڻ جو حق مون کي حاصل آهي. جڏهن هي مناظرو مولانا خواجگيءَ جي سامهون پيش ٿيو تہ مولانا شاگرد تي ڪاوڙيو. ۽ سخت ناراضگي ظاهر ڪيائين. جنهن سان کين شرمندگي ٿي. مجبوراً سادات جي تعريف ۾ ٻيو رسالو لکيائون ۽ ان جو نالو مناقب السادات رکيائين. هن رسالي تي سندن سڀني تصنيفن جو خاتمو ٿي ويو. ڪي چون ٿا تہ مٿئين مناظري کان پوءِ خاتم النبوة عليہ السلام جن خواب ۾ قاضي صاحب

www.maktabah.org

کي فرمايو تہ وَڃُ جيترو بہ ممکن ٿئي سيد اجمل کي خوش ڪر ان ڪري پاڻ سيد جي خدمت ۾ اچي معافي گهري ۽ هي رسالو لکيو. هجري سنہ اٺ سؤ انيتاليهہ ۾ وجود جي محفل مان عدم جي خلوت ڏي تشريف وني ويا.

مير سيد اشرف جهانگير رحمۃ اللہ عليہ جي ياد ۾

سندن پيدائش سمنان جي ۽ قبر ڪڇوڇہ ۾ آهي. ڪڇوڇہ، جونپور جي علائقي جو هڪ ڳوٺ آهي. ڪشف- ڪرامتون ۽ منزلن و مقامات جا پاڻ مالڪ هئا. سندن بيان سان عرفان جو آب حيات وَهندو هو. ۽ سندن دل مان شوق ۽ محبت جي باهہ جا شعلا نڪرندا هئا. سياحت ۾ مير سيد علي همداني ۽ جا رفيق هئا. قدس سرهما. اتفاق سان سندن گذر هندستان ۾ بہ ٿيو هتي اچي پاڻ شيخ علاءالحق بنگالي ۽ جا مريد ٿيا. اگرچہ طريقت جا سڀ مرحلا پاڻ بيعت کان اڳ ئي طئي ڪري چڪا هئا. سندن مڪتوبات بہ آهن. جن ۾ درويشي مسلڪ جون حقيقتون پريل آهن. عرفان جي ڪهڙي گفتگو آهي ۽ ولولو پيدا ڪندڙ ڪهڙي اها ڳالهہ آهي جيڪا هر هڪ مڪتوب جي هر هڪ سٽ ۾ نہ هجي. خدا ڪري جو هي مڪتوبات دوستن جي نظرن مان گذرن. سندن ڪلام جو گهڻو حصو سندن فرزند گدّ ڪري هڪ وڏو ڪتاب ناهيو آهي. ان ۾ لکن ٿا تہ هڪ قلندر هو، ڳائڻ وارا سڀ هن جي خدمت ۾ حاضر رهندا هئا. هو هر ڪنهن کي چوندو هو تہ اشرف پنهنجو پاڻ کي جهانگير چوي ٿو. ۽ صوفين جي اصطلاح ۾ هي لقب خاص قطب جو آهي. ۽ قطب جي نشاني هيءَ آهي تہ هن جي جسم جا سڀ عضوا هڪ ٻئي جو ڪم ڪن. هڪ ڏينهن هڪ محفل ڪئي وئي ۽ اها جاءِ امتحان لاءِ مقرر ڪري سيد کي مهمان ڪيو ويو. ڪاڏو ڪائڻ شروع ٿيو ۽پاڻ صرف هٿ کان وات- ڏندن ۽ نڙيءَ جو ڪم ورتو. هي ڏسي امتحان ڪرڻ واري کي سخت حيرت ٿي. پاڻ حاجي قاضي شهاب الدين عمر دولت آبادي ۽ جا هم عصر آهن. پاڻ قاضي صاحب جي خط جي جواب ۾ هڪ عجيب خط لکيو اٿن جنهن ۾ مبحث فرعون کي حل ڪيو آهي جيڪو فصوص الحڪم ۾ آهي. جيئن تہ ڪتاب کي بزرگن جي احوال کان سواءِ ٻين بيانن سان گهٽ تعلق آهي. لهذا وڏن ماڻهن جي اعليٰ مضمونن کان هي ڪتاب خالي آهي.

www.maktabah.org

مولانا رکن الدین خوانيؒ جي ياد ۾

پاڻ شريعت دوست- روشن ضمير- ڳولڻ سان کامياب ۽ عالم باعمل هئا. هڪ سال پاڻ پوک کرايائون. جڏهن تيار ٿي ديري ۾ آئي تہ ان مان هاريءَ هڪ ٽوپو سندن اجازت کانسواءِ هڪ واقفڪار کي ڏنو ۽ باقي لاءِ مولانا کي عرض ڪيو تہ ڪٽائي وڃي. پاڻ فرمايائون تہ فصل اڃا مڪمل نہ آهي جڏهن تيار ٿي ويندي تہ ڪٽائي ويندي. اهڙيءَ طرح مولانا جي ۽ هاريءَ جي وچ ۾ هي قصو هلندو رهيو. ايتري قدر جو فصل جو ڪوبہ ڪم باقي نہ رهيو. هاريءَ گهڻو غور و فڪر ڪيو ليڪن سواءِ انهيءَ هڪ ٽوئي ڏيڻ جي ڪوبہ سبب معلوم نہ ٿيس. مجبور ٿي اُتي ڏنل ٽوپو واپس آڻي ديري ۾ رکيل فصل ۾ شامل ڪري ڇڏيائين. ان وقت اجازت ملي تہ فصل ڪٽو ۽ واپس آندل ٽوپو ان شخص کي پهچايو جنهن کان واپس آندو ويو آهي ۽ فرمايائون تہ جيئن تہ خيانت ۽ برڪت ٻئي هڪ جاءِ تي گڏ نہ ٿيون ٿي سگهن ۽ هن معاملي ۾ خيانت معلوم ٿي ان ڪري ايتري اهتمام جي ضرورت ٿي.

شيخ سراج سوختہؒ جي ياد ۾

سندن قبر ڪالپيءَ ۾ آهي. ڪلام رباني حفظ هئن. مخدوم جهانيان سيد جلال بخاريءَ جي امامت ڪندا هئا. سيد صاحب کان گهڻو فيض ملندو هئن ۽ پنهنجي ڪرامتن جي قابليت کي لڪائي رکندا هئا. سمند وانگر- محبت جي باهہ سندن راحت جو سبب هئي. ۽ ذري وانگر احديث جي آفتاب جي سامهون سرگشتہ رهندا هئا. دنيا جي زندگيءَ کي هڪ ڏينهن جي برابر سمجهي سڄو سال روزي سان گذارينداهئا. ۽ ٽئين ڏينهن شام جو پراٽي سرڪي سان افطار ڪندا هئا. هميشہ اهڙي طرح ناهموار نفس سان لڙائي رهندي هئي. پاڻ رسمي علمن جي حاصل ڪرڻ ۾ مولانا خواجگي نحويءَ جا شاگرد آهن. هڪ ڏينهن پڙهڻ لاءِ حاضر ٿيا تہ مولانا کي ڪن ۾ سور سبب فرمايو تہ جيڪڏهن سور رفع ٿي وڃي تہ پوءِ تون سبق پڙهي سگهندين. پاڻ چيائون تہ بهتر مولانا جي ڪن کي وڃجهو ٿي چيائون تہ اي ڪَنَ جا سور هليو وڃ ليڪن ڪَنَ جو سور نہ ويو. ٻئي دفعي چيائون تہ اي ڪَنَ جا سور توکي سراج سوختہ ٿو چئي

www.maktabah.org

ته هليو وڃ. اهو چوندي ئي انهيءَ وقت فوراً سور لهي ويو. ۽ صحت درست ٿي وئي ۽ معمول جي مطابق درس شروع ٿي ويو.

قطب عالم بٹنوهؒ جي ياد ۾

سندن نالو برهان الدين آهي. پاڻ مخدوم جهانيان سيد جلال بخاريءَ جا پوٽا آهن. هجري سن ست سؤ نوي ۾ چوڏهين رجب جي صبح جو علم جي وحدت خاني مان وجود جي محفل ۾ پاڻ تشريف فرما ٿيا سلطان محمد ابن احمد ابن محمد ابن مظفر جو دور هو ته پاڻ اُچ کان نديڻ ۾ ڏاڏي بزرگوار جي حڪم سان گجرات ۾ آيا. ۽ بٹنوه احمد آباد جي هڪ گهٽي آهي ان ۾ قيام ڪيائون. هڪ مدت تائين سر ڪش نفس سان مخالفت ڪيائون ۽ هن لڙائيءَ ۾ ان تي فتح حاصل ڪيائون پاڻ ماڻهن جي گروهن جا پشت پناه بنيا. ۽ سندن مسيحائي دم سان ظاهري ۽ باطني بيمار شفا حاصل ڪرڻ لڳا. ڇون ٿا ته جيڪي ڪجهه سندن زبان مان نڪري ويندو هو. جيئن ته سندن باطني ارادو راستيءَ سان هوندو هو، اُهو ئي ٿي پوندو هو. هڪ ڏينهن صبح جو گهر کان نڪتا ته سندن پير ۾ هڪ پٿر لڳو. فوراً بي اختيار سندن زبان مان نڪتو ته کاڻي آهي. پٿر آهي يا لوه آهي. روشني ٿيڻ کان پوءِ جو ڏنائون ته انهيءَ شيءِ ۾ ٽنهين طرح جا حصا ۽ رنگ نظر آيا. هجري سنہ هڪ هزار ٽي تائين جڏهن راقم گلزار خانديس کان گجرات ويندو هو ته مٿي ذڪر ڪيل پٿر انهيءَ جاءِ تي موجود هو ۽ ماڻهو ان کي ڏسڻ واسطي پري پري کان ايندا هئا. پاڻ پنهنجي والد بزرگوار جا مريد آهن ۽ قطب الاوليا شيخ احمد کهٹوءَ کان بہ خلافت جو خرقو مليل هئن ۽ شيخ احمد جي گهٽي پرورش جي نظر سندن مٿان هئي. سندن يارهن پٽ هئا. سيني ۾ وڏو نيڪ ۽ پسنديده اخلاقي وارو سيد محمد آهي جيڪو شاهه عالم جي نالي سان مشهور آهي. سيد محمد جا حالات الڳ لکيا ويندا. ٻيو پٽ سيد داؤد هو جيڪو سلطان بهادر ابن سلطان مظفر گجراتيءَ جو وزير اعظم هئو ۽ اختيار خان جي نالي سان مشهور هو. هنن ٻنهين کان سواءِ ٻيا جيڪي پٽ هئا اُهي دين جي باري ۾ پهرين پٽ کان ۽ دنياوي مرتبي ۾ ٻئي پٽ کان گهٽ هئا.

www.maktabah.org

سيد تاج الدين سوهي نهروالہ رحمۃ اللہ علیہ جي ياد ۾

پاڻ مشائخ شيخ حسام ملتاني نهروالہ جي روضي ۾ مدرس هئا. کسبي ۽ لُدني علم کين حاصل هو. رهنمائيءَ جو خرقو سيد برهان الدين جي عنايت سان حاصل ٿيو هئن. جن جو خاص لقب قطب عالم بخاري گجراتي آهي. ۽ مخدوم بدها کان بہ خلافت جو خرقو مليل هئن جن جو نالو مولانا يوسف احمد سوهي آهي. مولانا يوسف، شيخ سوهيءَ جا خليفا هئا ۽ سوهيءَ کي پنهنجي والد بزرگوار مولانا شمس الدين پير مَکَ کان خلافت ملي هئي.

خواجہ علاؤالدين غجدواني رحمۃ اللہ علیہ جي ياد ۾

هنن وٽ هميشہ جاوداني بزم ٿيندي هئي. ان کري جڏ تہ پاڻ هن بزم جا ميزبان هئا ۽ ايزدي تجليات ۾ مدهوش رهندا هئا. خواجہ بزرگ جا برگزيده يار هئا. الاهي اسرارن جي آگاهي ۽ خدائي اطوارن جي بيان کرڻ ۾ پاڻ پنهنجي وقت ۾ اڪيلا ۽ صحيح البيان هئا. چون تہ جڏهن معرفتن جي بيان جو جلسو گرميءَ تي ايندو هو تہ بيخودي سندن مٿان طاري ٿيندي هئي ۽ ان کري سندن رسمي شعور ۽ مجازي ادراک بلڪل غارت ٿي ويندو هو. ليکن گفتگوءَ جي تار شروع کان آخر تائين رهندي هئي. غالباً ظاهري عقل جي رخصت ٿيڻ سان معنوي هوش جو منهن ظاهر ٿي ويندو هو. محققن جو قول آهي تہ هن قسم جو نشو طريقت جي سلسلي ۾ هلندي هلندي ان وقت کيف آڻيندو آهي. جڏهن تعينات جا لوازم ۽ وجود جا مراتب جيکي ذاتي مطلق صفتن سان بدّل آهن، تبديل ٿي ويندا آهن. پاڻ خواجہ بزرگ جي اجازت سان خواجہ پارسا جي خدمت اختيار ڪئي هئائون. پوءِ پارساءِ اولياءَ جو ربط ساڻن اهڙو تہ وڌيو جو خواجہ پارسا کي ساڻن ملڻ ۽ همراز ٿيڻ کان سواءِ صبر نہ ايندو هو. لهذا خواجہ پارسا پاڻ ۾هڪ لمحي جي دوريءَ جي طاقت نہ سمجهي واپس سفر تائين کانئن جدائي پسند نہ ڪئي ۽ هميشہ فرمائيندا هئا تہ توهان جي ديدار سان خواجہ بزرگ جي نسبت هميشہ دل ۾ تازي ٿي آهي. قدس الله اسرارهم.

www.maktabah.org

سيد علاؤالدين راني رحمة الله عليه جي ياد ۾

پاڻ سيد معين الدين ايرجيءَ جا پائيٽا ۽ نياڻا هئا. سندن ذات ۾ سڀ حقيقي ڪمالات جمع هئا. ۽ الاهي تجليات سندن مٿان وارد ٿيندیون هيون. پاڻ ڪيترا دفعا شب قدر ڏني هئائون. سندن خانقاه ۾ هڪ وڻ هو. هڪ ڏينهن صبح جو اوچتو شهر وارن وڻ جي سڀ کان مٿاهين چوٽيءَ تي هڪ رومال ٻڌل ڏٺو. تعجب ۾پئجي اصل ڪيفيت کانئن پڇائون. فرمايائون ته گذريل رات شب قدر هئي جنهن وقت اهو وڻ سجدي ۾ جهڪيو ان وقت مان اهو رومال انهيءَ شاخ ۾ ٻڌي ڇڏيو هو. مطلب ته سڄي سال جي راتين ۾ شب قدر جي ٿيڻ جو مسئلو مختلف فيہ آهي. اسان جي زماني جي عالمن کي شب قدر قائلن ڏي مائل ٿيڻ گهرجي. سندن ابدي آرامگاه رائے آهي ۽ رائے هڪ ڳوٺ آهي ڪالپي سرڪار جو.

شيخ الاسلام رحمة الله عليه جي ياد ۾

سندن پيدائش جي جاءِ اُچ آهي ۽ خوابگاه منڊو (مانڊو) آهي سندن نالو چايلده- ۽ شاه آهي- راجو قتال جا خليفا آهن. جن سان سهروردیہ خاندان جو چراغ روشن آهي. ۽ مخدوم جهانيان تائين سلسلو بغير واسطي جي پهچي ٿو. چون ٿا تہ عمارت ۽ آبادیءَ ۾ گهٽ وهندا هئا. ويراني ۽ جهنگل ۾ رهندا هئا. ڏينهن جي اول حصي ۾ چار گهڙي ڏينهن چڙهڻ تائين جانور ۽ حشرات الارض سلام لاءِ حاضر ٿيندا هئا. هجري سنہ اٺ سؤ ڏهہ ۾ سلطان هوشنگ پٽ دلاور خان غوريءَ جو عهد هو ان زماني ۾ سفر حجازتي ويندي منڊو (مانڊو) وٽان بہ گذريا. محمود خانبن خان جهان خلجي. جنهن جي مٿي ۾ بادشاه ٿيڻ جي هوا پريل هئي سندن خدمت ۾ حاضر ٿيو. ڪاڏو سامهون رکيو ويو تہ پاڻ مسلسل چار گره محمود خان جي وات ۾ وڌائون ۽ فرمايائون تہ مالوه صوبي جي شهنشاهي تو وٽ تنهنجي ۽ بين ٽن پٽن تائين رهندي. محمود خان شڪريو ادا ڪندي عرض ڪيو تہ هيءَ آرزو آهي تہ واپسي هن ئي رستي کان ٿئي. پاڻ قبول ڪري فرمايائون تہ هن رستي کان واپسي جيڪڏهن خدا چاهيو تہ ٿيندي ۽ رخصت ٿي ويا. جنهن وقت محمود خان جي فرمانروائيءَ کي عين شباب ۾ خط

www.maktabah.org